# شاھ عبداللطيف رحمة الله عليه

(شاھ عبداللطيف جي سوانح، رسالي ۽ راڳ بابت تحقيقي مضمون)



ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

بسم الله الرحمن الرحيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه

(تحقيقي مضمون)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“

مهراڻ اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه

(تحقيقي مضمون)

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"

---

حق ۽ واسطا قائم

ڇپائيندڙ : مهراڻ اڪيڊمي
ڪمپوزنگ : اسٽار ڪمپوزرس شڪارپور
ڇاپو چوٿون : ڊسمبر 2010ع
تعداد : 1100

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت =/80 رپيا

ملڻ جا هنڌ

مهراڻ اڪيڊمي، واڱڻو در شڪارپور

فون: 0726_512122

۽ سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


- پنھنجي پاران 6
- متھلوي (متعلوي) سادات ۽ شاھ عبداللطيف جو نسب نامو 7
- شاھ حبيب جو ڪٽنب 25
- شاھ عبداللطيف رحمة الله عليه جي زندگي بابت ڪي روايتون 34
- حضرت شاھ عبداللطيف جي سوانح بابت ويچار 39
- شاھ صاحب جو مخدوم محمد معين ڏي خط ۽ ان جو جواب 57
- شاھ عبداللطيف رحمة الله عليه: راڳ ۾ ھڪ نئين تحريڪ جو باني 65
- سُر سورٺ جي معنيٰ ۽ حقيقت 74
- سھڻي ۽ ميھار جي قصي جي حقيقت 82
(سنڌ جو قصو اڳ جو ۽ پنجاب وارو قصو پوءِ جو آھي)
- شاھ جي عام مقبوليت جا ڪي اسباب 95
- شاھ ڀٽائي رحمة الله عليه متعلق گذريل ۽ آئينده تحقيق جو مختصر جائزو 102
- رسالي جي جامع مستند متن تيار ڪرڻ طرف قدم 119
- ضميمو: ھنگلاج جو سفر 129


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

سنڌيءَ ٻوليءَ جي ٻرک محقق، عالم، ناميارياسڪالرءَ عظيم خدمتگذار محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح ۽ شاعري بابت تحقيقي مقالا اوهان جي هٿن ۾ آهن.

اهي مقالا ڊاڪٽر صاحب جن، ادبي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ شاهه لطيف رحه تي ڪوٺايل علمي ۽ ادبي ميڙن ۾ مهمان خاص يا صدر جي حيثيت ۾ پڙهيا ۽ سنڌ جي علمي رسالن ۾ شايع ٿيا، البته ڪجهه اڻ ڇپيل مقالا به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

محترم ڊاڪٽر صاحب، سنڌي ٻوليءَ ۾ جنهن مرتبي ۽ مقام جو حامل آهي، تنهن جي اپٽار ڪرڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ مثل آهي. سنڌي علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ سندن خدمتون تاريخي آهن.

مهراڻ اڪيڊمي لاءِ ڊاڪٽر صاحب جا مقالا ڇپرائڻ تمام وڏو اعزاز ۽ فخر جي ڳالهه آهي.

مان اڪيڊمي جي جملي اراڪين پاران ڊاڪٽر صاحب جو ممنونِ احسان آهيان. پاڻ ڪشاده دلي ۽ خوشيءَ سان بنان ڪنهن معاوضي، مقالا شايع ڪرڻ جي اجازت ڏنائون، جنهن سان اسانجي بيحد حوصلا افزائي ٿي آهي.

آءٌ ڪتاب جي سهيڙيندڙ، پياري دوست ۽ ساٿي ڊاڪٽر بشير احمد ”شاد“ جو پڻ مشڪور آهيان، جنهن وڏي محنت ولي مقالا سهيڙيا ۽ ڊاڪٽر صاحب جن کان منظوري ورتي ۽ اهڙي ريت هڪ بهترين ڪتاب تيار ڪيو.

محترم سائين محمد اسماعيل شيخ صاحب جن جو پڻ وڏو احسان، جن پروف نظر مان ڪڍيا ۽ ڪيترائي مفيد مشورا ڏنا.

**قمر ميمڻ**

سيڪريٽري، مهراڻ اڪيڊمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهلوي (منعلوي) سادات ۽
# شاه عبداللطيف جو نسب نامو

شهر هِرات جي هڪ سادات گهراڻي جي سَرڪَردي سيد علي هراتي جي فرزند سيد حيدر جي اولاد جي هڪ شاخ، سنڌ ۾ متعلوي يا مٽياروي سيد آهن، جن مان مشهور ولي ۽ عارف شاه عبدالڪريم ٿيو، جنهن جو ڏڙپوٽو شاه عبداللطيف هو. سيد حيدر هراتيءَ جون مٿيون پيڙهيون هن طرح آهن: (١) حيدر بن علي بن محمد بن حسين بن علي بن يوسف بن حسين بن ابراهيم بن علي الجواري بن حسين الاڪبري بن جعفر ثاني بن موسيٰ ڪاظم بن جعفر صادق بن محمد باقر بن زين العابدين بن امام حسين بن حضرت علي بن ابي طالب جعفر ثاني ۽ ان کان اڳ هي سادات، عراق ۽ بغداد ۾ رهيا. حسين الاڪبري کان محمد تائين شيراز يا ترمذ ۾ رهيا، ۽ ان بعد غالباً سيد علي پهريون بزرگ هو، جنهن اچي هرات کي وسايو. سيد علي هراتي وڏي اثر رسوخ وارو هو، ۽ جڏهن امير تيمور هرات مان چڙهائي ڪري مهيني محرم سن ٨٠١ هه (سپٽمبر ١٣٩٨ع) ۾ هندوستان فتح ڪيو، تڏهن سيد علي ۽ سندس پٽ به سانس گڏ هئا، جن مان سيد حيدر پنهنجي پيءُ کان موڪلائي سير سفر ڪندي اچي سنڌ جي شهر ”هالا ڪندي“

(١) متعلوي ساداتن جي شجري ۾ ائين ڏنل آهي، پر انهن ۾ غالباً ڪي پيڙهيون ڪٽل آهن. امام موسيٰ ڪاظم سن ١٨٢هه ۾ وفات ڪئي ۽ سيد علي بن سيد حيدر ٨٠٢ ـ ٨٠٣هه ۾ ڄائو. اهو وچ وارو عرصو ٦١٧ سالن کن جو آهي. مگر امام موسيٰ ڪاظم کان پوءِ سيد حيدر تائين جملي ١١ پيڙهيون ڄاڻايل آهن، جيڪي انهيءَ وچ واري ٦١٧ سالن جي وڏي عرصي لاءِ گهٽ آهن. جيڪڏهن هڪ صدي لاءِ ٣ يا ۴ پيڙهيون ڳڻجن ته به جملي پيڙهيون ١٩ کان وٺي ٢٥ تائين ٿيڻ گهرجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اصلي اڳيون هالا شهر) ۾ پهتو. سنڌ ۾ اهو سمن جي حڪومت وارو دور هو ۽ سندن طرفان ميران محمد ”هالا ڪنڊي“ جي علائقي جو حاڪم هو، جنهن هالا قبيلي وارن تي ڳرو ڏنڊ وڌو، جيڪو سيد حيدر هن جي پاران ڀري ڏنو. انهيءَ احسان جي ڪري، هالا قبيلي جي سربراه شاه محمد ولد دريا خان هالي، پنهنجي نياڻي، سيد حيدر کي پرڻائي. هو پوءِ سترهن مهينا کن هالا ڪنڊي ۾ رهيو، جو کيس سندس والد جي وفات جي خبر پهتي. گهر ۾ اميدواري هئي ۽ وصيت ڪيائين ته جي پٽ ڄمي تي مٿس ڏاڏس جو نالو ”علي“ رکجو. پنهنجي منڊري ۽ پنهنجو خنجر نشاني طور ڇڏي پاڻ هرات روانو ٿيو ۽ پيءُ جي وفات سببان اتي ئي رهي پيو، تان جو ٽن سالن ستاويهن ڏينهن بعدوفات ڪيائين. پويان ”هالا ڪنڊي“ ۾ کيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ”علي“ رکيائون. شجري جي هن روايت موجب سيد علي سنڌي، سن ٨٠٢ ـ ٨٠٣ هه واري عرصي ۾ ئي ڄائو هوندو (١). هيءُ سيد علي سنڌي (٢) جڏهن وڏو

---

(١) سيد علي سنڌي جي هالا ڪنڊي ۾ ٨٠٢ ـ ٨٠٣ هه وارن سالن ۾ ولادت ۽ سندس اولاد مان شاهه عبدالڪريم جي سنه ٩٤٤هه ۾ ولادت جي وچ ۾ جملي عرصو ١٤٣ سالن کن جو آهي، مگر وچ واريون پيڙهيون اٺ آهن؛ يعني ته پيڙهيون گهٽيون ۽ عرصو ٿورو آهي. جيڪڏهن شاهه ڪريم کان مٿي سيد علي سنڌي تائين شجرو بالڪل صحيح آهي ته پوءِ سيد علي ٨٠٢ ـ ٨٠٣هه کان اڳ ڄائو هوندو. انهيءَ جي معنيٰ ته سندس والد سيد حيدر جو تيمور لنگ سان گڏجي اچڻ واري روايت ضعيف آهي. ساڳيءَ طرح سيد حيدر سنائي کان مٿي سيد علي سنڌي تائين ڏهه پشتون آهن، پر سيد حيدر (ولادت ٨٧٥هه) کان سيد علي سنڌي ولادت (٨٠٢ ـ ٨٠٣ هه) تائين مدو بلڪل ٿورو آهي. انهيءَ جي معنيٰ ته سيد علي گهٽو اڳ ۾ ڄائو هوندو. انهيءَ لحاظ سان سيد حيدر هراتي جو تيمور لنگ جي هندوستان تي حملي کان اڳ سنڌ ۾ اچڻ تسليم ڪري سگهجي ٿو.

(٢) سندس ڏاڏي”سيد علي هراتي“ جي نالي ۽ سندس نالي ۾ فرق ڪرڻ لاءِ هت کيس ”سيد علي سنڌي“ ڪري لکيو ويو آهي، جيئن ته هو سنڌ ۾ ڄائو، انهيءَ ڪري اهو نالو سندس واسطي مناسب ٿيندو. ساداتن جي شجري ۾ بئي ”مير علي“ ڪري لکيل آهن. ان دور جي فارسي اصطلاح ۾ ”سيد“ بدران ”مير“ لکيو ويندو هو. انهيءَ ڳالهه کي صحيح طور نه سمجهڻ سببان پوئين دور جي مصنفن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو تہ هرات ويو، جتي سندس پيءُ پاڻ (محمد ۽ حسين) موجود هئا. انهن کي جڏهن حال ڏنائين ۽ نشانيون ڏيکاريائين، تڏهن هنن کيس پنهنجو ڪيو ۽ پڻ پيءُ جي ورثي مان پتي ڏنائونس، پر هو اتي ڪونہ رهيو، ۽ موٽي ”هالا ڪنڊي“ ۾ پنهنجي والده وٽ آيو. هرات کان پنهنجي چاچي شرف الدين کي پڻ پاڻ سان وٺي آيو، جنهن پوءِ هتي ئي وفات ڪئي.

سيد علي سنڌي ٻہ شاديون ڪيون. هڪ سندس ناناڻن واري، ”هالا قبيلي“ مان ۽ ٻي ترڪن جي قبيلي مان، ۽ ٻنهي گهرن مان کيس جهجهو اولاد ٿيو، جيئن شجري جي مختصر خاڪي مان معلوم ٿيندو.

### هالا ڪنڊي مان مٽياري واري ماڳ تي اچڻ :

سيد علي سنڌي سنہ ٨٠٢ ـ ٨٠٣ هجري وارن سالن ۾ ”هالا ڪنڊي“ ۾ چائو ۽ سندس پيڙهي مان شاه عبدالڪريم ٩٤٤ هجري ۾ موجوده شهر مٽياري ۾ چائو. انهيءَ هڪ سؤ ٻائيتاليهن کن سالن واري عرصي ۾ سيد علي سنڌي جو اولاد وڌيو ويجهيو ۽ هالا ڪنڊي مان ڦري موجود ”مٽياري“ واري ماڳ تي آيو. مير عبدالحسين خان سانگي پنهنجي ڪتاب ”لطائف لطيفي“ ۾ حضرت شاه عبداللطيف جي وڏن جي نقلِ مڪاني بابت لکيو آهي تہ:

”وبزرگان اوشان اولادر هالہ ڪندي و بعده از متعالہ به متعلوي واز انجابه بلڙي شريف و آخر دربي پور بودند.“

يعني تہ: ”حضرت (شاه عبداللطيف) جن جا وڏا بزرگ پهريائين هالا ڪنڊي ۾ (هئا)، ان بعد ”متعالہ“ مان ”متعلوي“ ۾ (آيا)، جتان پوءِ بلڙي شريف ۾، آخر ۾ ”ٻي پور“ ۾ رهيا“ (١).

---

”مير علي“ پڪو نالو ڪري پانيو آهي، جيڪو صحيح ناهي. ”مير علي“ معنيٰ ”سيد علي“. اصل ذاتي نالو ”علي“ آهي ۽ نہ ”مير علي“.

(١) مير عبدالحسين خان جو اهو حوالو تہ ”هالا ڪنڊي“ مان متعالہ ويا ۽ اتان متعلوي (مٽياري) ۾ آيا، يقيني طور ڪنهن شجري تان ورتل آهي ۽ بالڪل ممڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن عبارت مان ظاهر آهي تہ هنن سيدن جڏهن هالا ڪنڊي (قديم هالا) کي ڇڏيو تہ پهريائين اچي "متعالہ" ۾ ويٺا ۽ پوءِ "متياري" واري ماڳ تي آيا، جيڪو اڄ موجود هو. اهو اصل چانگن جو شهر هو، جيڪو پوءِ، هنن ساداتن جي هتي اچڻ ۽ رهڻ بعد سندن نالي پويان "متعلوي" سڏجڻ لڳو. اهڙي تصديق سيد علي سنڌي بابت شجري ۾ ڏنل هيٺين حوالي مان ٿئي ٿي:

"سندس قبر شهر متعلہ نزديڪ پرڳڻي "پينگاره" ضلع هالہ ۾ آهي.

انهين ئي سببان سندس اولاد کي متعلوي ڪوٺيندا آهن (١)."

يعني تہ: "سيد علي سنڌي جي قبر شهر متعلہ ۾ آهي، جيڪو پينگهاري پرڳڻي جي پرسان ۽ هالا ضلعي جي حد ۾ آهي". هالا ضلعو ان وقت پرڳڻن ( = تعلقن) ۾ ورهايل هو، جنهن جو هڪ پرڳڻو پينگهارو هو ۽ ٻيو لاڳيتو پرڳڻو خود "پرڳڻو متعله" هو، جنهن جو مرڪزي شهر "متعلہ" يا متعالہ" هو. متعلہ مان مراد يقيني طور "متهلو" آهي جيڪو شهداپور کان ٩ ميل اوڀر طرف آهي. پينگهارو، شهداپور کان ٨ ميل اولهہ طرف آهي، "پينگهاري" توڙي متعلي جي آڳاٽي جغرافيائي ۽ انتظامي اهميت جو ثبوت ان مان ملي ٿو، جو هن وقت تائين پينگهارو، "ديهہ ۽ ٽپو" آهي ۽ پڻ متهلو ديهہ توڙي ٽپو آهي.

---

آهي تہ اهو شجرو بلڙي جي سجاده نشين وٽ هو، جيڪو صاحبڏني شاهہ جي معرفت مير صاحب کي مليو.

(١) متياري جي ساداتن جي "باقيل پوٽا" شاخ وٽ رکيل شجري ۾ (جيڪو حاجي مير اول شاهہ جي وقت مان اصل فارسي تان سنڌي ترجمي جي صورت ۾ اتاريو ويو ۽ هن وقت محبوب علي شاهہ وٽ آهي) ائين چاڻايل آهي. متهلي جي آسپاس وارن مقامن مان ٻہ آڳاٽا آهن جن ۾ سيد علي جي قبر جو گمان ٿي سگهي ٿو. هڪ "ڊينبوڊينبي وارو مقام". جيڪو هن وقت بچل شاهہ جو مقام سڏجي ۽ ميتلن جي ڳوٺ کان ڏکڻ ـ اولهہ طرف نمبر منڊي تي آهي، ۽ ٻيا آڳاٽي عام روايت موجب سٺن ولين پائرن جا ماڳ مقام، جن جا نالا عالي شاهہ، باقر شاهہ، ابراهيم شاهہ، قائم شاهہ، مراد شاهہ، ميهو شاهہ ۽ مصري شاهہ چيا وڃن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد علي هالا ڪنڊي کي ڇو ڇڏيو ۽ متهلي ۾ وڃي ويٺو، ان بابت لکيت ۾ ڪو حوالو موجود ڪونهي. اصل شجري موجب پهريائين سندس پٽ شرف الدين پنهنجي آڪهہ سان حويلي جدا ڪري وڃي ويٺو. باقي ڀاڻس احمد پنهنجي آڪهہ سميت پيءُ سان گڏ رهيو. شرف الدين جي لڏي جدا ويهڻ (اصل لفظ: "سيد شرف الدين شاه متاهل شده و حويلي علحده سڪونت ساخت) مان گمان ٿئي ٿو تہ غالباً سيد شرف الدين ئي پهريائين لڏي وڃي متهلي ۾ ويٺو ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ سندس والد سيد علي بہ متهلي ويو. ڀانئجي ٿو تہ "لطائف لطيفي" ۾ ڄاڻايل نالو "متعالہ" اصل نالي مت هالا (مت عالہ = مت هالہ) جي بدليل صورت آهي: يعني تہ ان ماڳ جو اصل نالو "مت هالا" هو ۽ جيئن تہ اهو هالا ضلعي جي حدن اندر هو تہ اتي بہ هالا قبيلي جي ئي زمينداري ۽ اختياري هئي. ان ماڳ تي ايندڙ ويندڙن جي سهوليت لاءِ پاڻيءَ جو مٽ رکايل هو، جنهن جي ڪري ان ماڳ تي "مٽ هالا" (متعالہ) يا "مٽ هالو" (متعلہ) نالو پيو. جيئن اڳ هالا قبيلي جي مرڪزي شهر کي اتي بيٺل "ڪنڊي جي وڻ" سبب "هالا ڪنڊي" سڏيو ويو. اهي گمان جيڪڏهن وزندار آهن تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ شاه محمد هالي پنهنجي نياڻيءَ کي متهلو (مٽ هالو) ڏاج ۾ جاگير ڪري ڏنو هجي، جو پهريائين سيد علي جو پٽ سيد شرف الدين پنهنجي عيال سميت اتي ويو ۽ پوءِ سيد علي بہ اتي ويو ۽ وفات بہ اتي ڪيائين. سيد علي پاڻ ۽ سندس اولاد ڪيترو وقت اتي رهيا سو معلوم ناهي. سيد علي ٨٠٢ ـ ٨٠٣ هہ ۾ ڄائو ۽ جيڪڏهن چوهٺ ـ پنجهٺ سالن جي عمر ۾ سنہ ٨٦٦هہ ڌاري متهلي ۾ سندس وفات ٿي هجي تہ ڪم از ڪم ان سال تائين هو پاڻ پنهنجي عيال سوڌو متهلي ۾ رهيو. ان سال کان سلطان ڄام نظام الدين نندي جو بادشاه ٿيو جنهن جي دور ۾ ديندار عالمن جي وڏي عزت هئي. غالباً متهلي طرف درياءَ جي رخ بدلائڻ سبب جيئن پوءِ تيئن پاڻيءَ جي اڻاٺ ٿيڻ لڳي ۽ هنن ساداتن کي ٻين جاين تي زمينون مليون، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سيد علي جو اولاد گهڻي پاڳي اندازاً ڏهين صدي جي شروعات (٩٠٠ ــ ٩١٠هه) ڌاري (١) ”متهلي“ مان لڏي اچي چانگن جي شهر (متياري) ۾ وينو (٢) جتي کين متهلوي سيد سڏيو ويو، ڄاڪاڻ جو اڳ هو، متهلي جا وينل هئا. وقت گذرڻ سان ”متهلوي“ جو اچار ڦري ”متعلوي“ ٿيو (٣) جيڪو پوءِ وڏيڪ عامي اچار سان، ”متياري“ سڏجڻ لڳو. ”چانگن جي شهر“ مان ”متعلوي“ سڏجڻ واري تبديلي سنه (١٠٣٨هه / ١٦٢٨ع) کان اڳ واقع ٿي، ڄاڪاڻ جو ان سال تصنيف ٿيل ڪتاب ”بيان العارفين“ ۾ شهر جو نالو ”متعلوي“ ڄاڻايل آهي.

## متياري مان سيدپور (بلڙي) منتقلي

متهلي مان ”چانگن جي ڳوٺ“ ۾ لڏي اچڻ کان ٽيهه ــ چاليهه سال کن پوءِ سيد شرف الدين جي ڪڙم (شرف پوٽن) مان سندس پٽ سيد جلال عرف جراڙ جي اولاد (جراڙ پوٽن) مان سيد لال محمد عرف شاهه لله (بن عبدالمنعم) جي گهر سنه ٩٤٤ هجري (٢٠ ــ جنوري ١٥٣٨ع) ۾ عبدالڪريم شاهه ڄائو، جنهن جي اولاد ”ڪريم پوٽن“ مان شاهه عبداللطيف ٿيو. سندس وڏو ڀاءُ جلال شاهه هو. لال محمد شاهه جو گهر، متيارين واري جامع مسجد

---

(١) جي ـ ايم ـ سيد لکيو آهي تہ پوري طرح سان پتو نٿو پوي، ليڪن تخميني سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ٨٢٥ ـ ٨٥٠ هه جي وچ ڌاري سيدن جو مختصر حصو هالن مان لڏي اچي ”مٽ واري ڳوٺ“ (= متياري) ۾ رهيو.

(٢) هڪ روايت موجب، چانگ جنگجو قبيلو هئا تن سرڪشي ڪئي، جنهن ڪري سلطاني فوج حملو ڪري کين سندن شهر مان ڪڍيو جن سيدن کي هتي وسايو. ٻي روايت موجب، سيدن چانگن کان زمين خريد ڪئي.

(٣) اهو گمان صحيح نہ ٿيندو تہ ڪو هتن ساداتن کي سندن ڏاڏي علي (سنڌي) يا اجان بہ مٿي حضرت علي رضہ جي نسبت سببان ”متعلوي“ سڏيو ويو، ڄاڪاڻ جو عربي لغت جي لحاظ سان ”متعلوي“ جي معنيٰ ٿيندي اهو جيڪو ”علي جي اولاد هجڻ جي دعويٰ ڪري. اهڙي مفهوم ۾ ”دعويٰ“ ۽ ”دعويٰ“ ۾ سمايل شڪ وارو عيب آهي. انهيءَ ڪري ”متعلوي“ واري نسبت حسب نسب واري ناهي، پر سندن رهائش واري ماڳ جي نالي سان ”متهلوي“ جي بدليل صورت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ذڪر ـ الهندي ڪند سان لڳو لڳ هو، جنهن جي يادگار طور مسجد شريف جي ديوار ۾ نشان قائم ڪيل آهي. سيد لال محمد شاه هڪ وڏو ديندار درويش هو ۽ حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جي سهروردي سلسلي ۾ شامل هو، ۽ گهڻو وقت لاڙ ۾ غوثي جماعت جي فقيرن ۾ گذاريندو هو. غالباً بلڙي طرف به سندس اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، ۽ اتي جا ماڻهو سندس معتقد هئا. آخر ۾ وفات بدين طرف ڪيائين، ۽ غوثي بزرگ شهاب الدين قريشي جي مقام ۾ مدفون ٿيو. هي مقام شهر بدين کان ٻه ميل ڪن اتر ـ اولهه طرف آهي ۽ عام طرح "شاه بَدي (يعني شهاب الدين) جو مقام" سڏجي (١)، جتي شاه للي جي تربت هن وقت تائين موجود آهي. تحفة الڪرام موجب شاه للو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو درويش هو (٢). شاه للي کان جيڪا نيڪنامي، دينداري ۽ درويشي شروع ٿي، سا شاه ڪريم جي ڪريمانا اخلاق ۾ آئي، ۽ پوءِ شاه عبداللطيف جي معياري فڪر ۾ موجزن ٿي. شاه ڪريم ننڍڙو ئي هو جو سندس والد گذاري ويو، ۽ وڏي ڀاءُ جلال شاه ۽ والده سندس پرورش ڪئي. سندس شادي مٽياري ۾ ٿي ٿي، جنهن جو ذڪر "بيان العارفين" ۾ موجود آهي. پاڻ پوءِ پنهنجي والد وانگر لاڙ طرف هميشه لاءِ ايندو ويندو رهيو، ۽ پوءِ اتي جي مريدن معتقدن جي محبت ۾ شهر مٽياري کي ڇڏي اوڏانهن لڏي ويو. غالباً وڏي ڀاءُ جلال شاه جي وفات بعد اندازاً چاليهه ـ پنجاهه سالن جي عمر ۾ لڏيائين (٣). هڪ روايت موجب جناب مخدوم نوح رحه جي ارشاد تي بلڙي طرف لڏيائين، ۽ جيئن ته مخدوم

(١) شهر "بدين" جو نالو به پير شهاب الدين جي نالي سا پيو. جو "شهاب الدين" مان عام اچار ۾ "شاهه بدين" ٿيو، ۽ اهو پوءِ رڳو بدين رهجي ويو.

(٢) ترجمو سنڌي مطبوع سنڌي ادبي بورڊ سنه ١٩٥٤ع، ص ٤٣١.

(٣) جلال شاهه به غالباً مريدن خادمن وارو ٿيو. سندس مريد ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ طرف ٿيا ۽ پاڻئجي ٿو ته وفات به ڪاٺياواڙ طرف ڪيائين ۽ سندس اولاد به اوڏانهن رهيو. پاڪستان ٿيڻ بعد سندس پيڙهي مان ڪي لڏي آيا ۽ ڪجهه وقت اڳ ڪنهن مٽياري ۾ شادي ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوح رحه ۹۹۸ھ ۾ وفات ڪئي، جڏھن شاھ ڪريم جي عمر چوونجاھ سال ھئي تہ ضرور ان وقت کان ڪافي اڳ لڏيو ھوندائين. شاھ ڪريم اتي پنھنجو ڳوٺ ٻڌو، جيڪو ''سيدپور'' سڏجڻ لڳو، جيڪو ''بلڙي'' واري جوءِ ۾ درياءَ جي ڪنڌيءَ لڳ ھو. (۱)

اوائلي عمر ۽ نوجواني بعد، ميين شاھ ڪريم جي پڪي ۽ موٽ جواني توڙي پيري، سيد پوري ۾ گذري ۽ سندس پٽن مان جيڪي سندس حياتيءَ ۾ فوت ٿيا سي پڻ اتي ئي دفن ٿيا. ميين شاھ ڪريم پاڻ تاريخ ۷ - ذوالقعدہ سنہ ۱۰۳۲ ھہ آچر رات سانجھي نماز وقت اناسي ورھين جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ کيس پڻ سيدپور (بلڙي) ۾ ئي دفنايو ويو. اھڙيءَ طرح شاھ ڪريم ۽ سندس اولاد جو مرڪزي ماڳ ''متياري'' مان ڦري بلڙي جي علائقي جي ''سيدپور'' ڳوٺ ۾ ٿيو، جتي شاھ ڪريم پنھنجن پٽن سميت ڪم از ڪم پنجاھ ڪن سالن جو عرصو گذاريو. ھيءُ ماڳ اڳتي لاءِ ميين شاھ ڪريم جي ڪريم - پوٽن ساداتن ۽ ميين شاھ ڪريم جي درگاھ جي ڪري توجھہ جو مرڪز بڻيو.

## شاھہ ڪريم جو اولاد ''ڪريم پوٽا''

ميين شاھ ڪريم کي اٺ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. ٽکڙ جي سيدن جي شجري موجب ميين شاھ ڪريم ھڪ نياڻي پنھنجي وڏي ڀاءُ جلال شاھہ پٽ ابوالقاسم کي ڏني. مختلف شجرن ۾ سندس

---

(۱) ''بيان العارفين'' ۾ ميين شاھہ ڪريم جي ''سيدپور'' توڙي بلڙي جو جدا جدا ذڪر آيو آھي. پاڻ پنھنجي ڳوٺ سيدپور کان نڪري ''راھوت'' جو رخ ڪندا ھئا ۽ وات تي ٻين ڳوٺن مان لنگھي پوءِ درياءَ مان پانھڙيو تري ٻيءَ پر مڪليءَ واري پاسي کان ئتي ويندا ھئا. (ص ۱٦).

ٻي جاءِ تي آھي تہ بلڙيءَ جي ڪن پنھوارن درياءَ جي ڪپ تي مڇ ھاريو ھو. شاھہ ڪريم اسر جو اٿيا تہ دريا تان تڙ ڪري اچي مڇ تي بيٺا (ص ۷۳) معلوم ٿئي ٿو تہ بلڙي ھڪ جوءِ يا تر جو نالو ھو، جنھن ۾ سيد پور ھڪ ڳوٺ ھو. بعد ۾ ان مرڪزي ڳوٺ کي ئي بلڙي سڏيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انن ئي پٽن جا نالا ڏنل آهن، پر سندن ننڍ وڏائي بابت متفقہ طور وضاحت ٿيل ڪانهي. ڪن شجرن ۾ هڪ ٻن نالن ۾ پڻ جزوي اختلاف آهي. ڪن شجرن ۾، ڪن پٽن جو اولاد لکيل اهي ۽ ڪن ۾ لکيل ناهي. بهرحال ميين شاه ڪريم جي جنهن پٽ جي پيڙهي مان شاهہ عبداللطيف جو والد حبيب الله شاه ٿيو، تنهن تائين پيڙهين جو سلسلو متفقہ طور موجود آهي.

ميين شاه ڪريم جي فرزندن جي سلسلي ۾ اختلاف جون ٻہ صورتون آهن، جن جي وضاحت ضروري آهي.

(الف) سنہ ١٠٣٨ھ ۾ "بيان العارفين" جي مصنف محمد رضا جيڪو شجرو ميين شاه ڪريم ۽ سندس اولاد جو لکيو، سو وڏي تصديق وارو شمار ڪري سگهجي ها. پر اهو هن وقت اسان جي آڏو موجود ناهي (١). البت اصلوڪي "بيان العارفين" جي سنڌي ترجمي جو نقل جنهن کي مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي اختصار سان سنواري شايع ڪيو، تنهن ۾ شاه ڪريم جا فرزند هيٺين ءَ طرح ڄاڻايل آهن (٢). جن ۾ هڪ جو نالو سيد "جلا" هو جنهن جي اولاد مان شاهہ عبداللطيف ٿيو.

---

(١) ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم پنهنجي تاليف "شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" (پهريون ڇاپو، ١٣٥٦ھ / ١٩٣٧ع) ۾ ان شجري جو ذڪر ڪيو آهي (١١٦) ۽ ائين ڄاڻايو آهي تہ هن اهو شجرو سندس پنهنجي ان تاليف ۾ آندو آهي (١٩) ۽ پڻ ڪتاب جي بابن جي فهرست ۾ شجري وارو عنوان ڏنو آهي، باوجود ان جي، ڊاڪٽر صاحب مرحوم پنهنجو ڪتاب جيڪو راقم کي پنهنجي دستخط سان ٢١ ـ ٩ ـ ١٩٤٥ تي ڏنو، تنهن ۾ شجرو موجود ناهي. انهيءَ ڪري في الحال ان بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي.

(٢) محمد رضا جي اصلوڪي فارسي ۾ لکيل "بيان العارفين" جو، (جوڻن لڳ ويٺل) عبدالرحمان بن محمد ملوڪ ڪاٺ ٻانيڻ نالي هڪ عالم سنہ ١٣١٣ ـ ١٣١٤ ھ ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو، جنهن کي مخدوم عبدالصمد نورنگ پوٽي ڪجهہ اختصار سان سوڌي سنواري پهريون ڀيرو سنہ ١٣٩٢ھ ۾ بمبئي مان ڇاپايو. ساڳيو ڪتاب سکر جي تاجر ڪتب هريسنگ سنہ ١٣٧٠ھ ۾ اسلامي پريس لاهور مان ڇاپايو، جنهن شاهہ ڪريم جي پنجين فرزند جو نالو "مبشر" ڪري ڇاپيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




جيئن تہ مخدوم نورنگ پوٽي وارو ڇاپو "بيان العارفين" جي نقل جو نقل آهي، انهيءَ ڪري ڇٽبو تہ مٿيان نالا "بيان العارفين" مطابق ڏنل آهن، البتہ "پهريون، ٻيو، ٽيون وغيره". ڳاڻيٽي جا عدد تي سگهن ٿا، جن مان نند وڏائي واري سلسلي بابت پڪو نتيجو ڪڍڻ شايد صحيح نہ ٿئي؛ يعني تہ پوري تصديق سان چئي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهبو تہ ڪو "لعل شاھ" سيني کان وڏو هو ۽ "سيد عبدالقدوس" سيني ۾ ننڍو هو.

مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" (دهلي ڇاپو، جلد ۳، ص ۱۷۲ - ۱۷۳) ۾ اهي نالا هن ساڳئي سلسلي موجب هيٺين طرح ڏنا آهن، جنهن مان پڌرو ٿئي ٿو تہ قانع جي آڏو پڻ "بيان العارفين" هو، جنهن تان اهي نالا ڪنيائين. انهن ۾ ٻہ ٽيون نمبر "جلال" آهي جيڪو شاھ لطيف جو پڙڏاڏو هو.

- سيد عبدالڪريم شاھ
  - لعل (ٺٽيءَ هوٿيءَ ڪنڌاريءَ ويٺو)
  - عبدالرحيم (پيءُ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿيو)
  - جلال (ڦوڙن هٿان شهيد ٿيو)
  - برهان
  - لعل (ثاني)
  - دين محمد
  - محمد حسين
  - عبدالقدوس (پيءُ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿيو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت پنجون نمبر فرزند للہ آهي، جنهن کي عبدالصمد، "مبو شاهہ" ڪري لکيو آهي. شاهہ ڪريم جي والد جو نالو "سيد للہ" (عام سنڌي عرف ۾ للو شاهہ) هو، جنهن ڪري پنهنجي پهرئين پٽ تي بہ ساڳيو نالو رکيائين، پر جيئن تہ اهو ننڍڙي هوندي گذاري ويو تہ پنجين پٽ تي بہ ساڳيو نالو رکيائين، پر عام طور تي ڪيس "مبو" (مبو شاهہ) ڪري سڏيو ويو.

قانع طرفان ڏنل ڇئن فرزندن جي فوت ٿيڻ وارن حوالن مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي تہ اهي شاهہ ڪريم جي گاديءَ جا سجاده نشين ڪين ٿيا هوندا. ان جي تصديق ٻين هيٺ ڏنل "شجرن" مان ٿئي ٿي. جن جي متفقہ حوالن موجب فقط نمبر پنجون (للہ)، ڇهون (دين محمد) ۽ ستون (محمد حسين) سجاده نشين ٿيا. انهيءَ اعتبار سان، ٻائنجي ٿو تہ "برهان" پڻ والد جي وقت ۾ گذاري ويو يا هو جسماني صحت سببان اهڙو نہ هو جو سجادگي جي ذميواري سنڀالي سگهي.

(ب) ميين شاهہ ڪريم جي فرزندن يا مجموعي طور سان "ڪريم پوٽن، جي پيڙهين جي ٻي روايت اها آهي جيڪا "بيان العارفين" کان پوءِ ٻين شجرن ۾ جدا جدا صورتن ۾ قلمبند ٿيل آهي. انهن مان هڪ شجرو اهو هو جيڪو پٽ جي ميين احمد پٽي وٽ لکيل هو، جيڪو هن مير عبدالحسين خان سانگي توڙي ليلارام وتڻ مل لالوائي کي ڏنو. جنهن مطابق هنن ميين شاهہ ڪريم جي فرزندن ۽ سندن اولاد جا نالا پنهنجن ڪتابن ۾ آندا. پنهي ميين شاهہ ڪريم جي پٽن جا نالا (ٿوري ڦير گهير سان) هيٺينءَ طرح ڏنا آهن (١):

---

(١) مير عبدالحسين خان سانگي جو ڪتاب "لطائف لطيفي" (ص ٨ ـ ٩)، ۽ لالوائي جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب "شاهہ لطيف" (پهريون ڇاپو ڪراچي ١٨٩٠ع، صفحا ۴ ـ ٦) ميرزا قليچ بيگ پنهنجي "احوال شاهہ عبداللطيف" ۾ هن سلسلي جا جيڪي نالا ۽ حوالا آندا آهن، سي ساڳيا مير عبدالحسين خان سانگي وارا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختصر در نظم آوردم چنين -- جمله رابين دربيان العارفين.

انهيءَ جي معنيٰ تہ "بيان العارفين" جو اصل فارسي متن يا ان جو سنڌي ترجمو وٽس موجود هو. پر باوجود ان جي هن "جلال شاهہ" بدران "جمال شاهہ" لکيو. جيئن تہ صالح محمد جو اهو منظوم بيان وڌندڙ هو، انهيءَ ڪري ان جا نقل مشهور ٿيا (١)، جن جو نتيجو اهو نڪتو جو ١٢٣٠ - ١٢٤٣هہ بعد "ڪريم پوٽن" جا جيڪي شجرا لکيا ويا، تن ۾ پڻ جلال شاهہ بدران جمال شاهہ لکيو ويو. مثلاً مٽياري ۾ باقيل پوٽن ساداتن وٽ توڙي ٽکڙ جي ساداتن وٽ جيڪو شجرو آهي، تنهن ۾ شاهہ ڪريم کان "مٽيون شجرو" اصل آڳاٽي دور جي فارسي ۾ لکيل شجري تان اتاريل آهي، پر "پوين پيڙهين" جو شجرو پوءِ جو لکيل آهي. انهن شجرن ۾ "پوين پيڙهين" وارو شجرو، توڙي ميين احمد وارو شجرو جنهن جا نقل مير عبدالحسين خان سانگي ۽ ليلا رام وتڻ مل لالواڻي کي ڏنائين، تن سيني جو بنياد صالح محمد وارو منظوم داستان آهي، جيڪو پٽائي پير لطف علي شاهہ جي خوشنودي خاطر جوڙيو ويو.

مٽياري جي باقيل پوٽن ۽ ٽکڙ جي منعماڻين وارن ٻن شجرن ۾ شاهہ ڪريم جي فرزندن جا نالا هن طرح درج ٿيل آهن:

---

(١) صالح محمد جو منظوم ڪيل احوال، "بيان العارفين" جو اختصار، پٽائي پيرن جي سجاده نشينن جو احوال، شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطيف جي وصال جون منظوم تاريخون وغيره شامل سڄو بياض راقم کي گهوٽڪي جي پيرن صاحبن جي ڪتبخاني جي باقي بچيل ذخيري ۾ مليو، جنهن جو نقل اتاريو ويو. صالح محمد جو اهو منظوم مواد، "بيان العارفين" جو پوئين دؤر وارن قلمي نسخن ۾ توڙي ٻين ڪن بياضن ۾ پڻ اتاريو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




هنن نالن مان سجاده نشينن جي تصديق ٿئي ٿي، پر البت نند ـ وڏائي بابت ڪو اشارو موجود ڪونهي. ٻيو ته جنهن سلسلي سان نالا لکيل آهن سو پڻ اڳ وارن شجرن ۾ ڄاڻايل سلسلن کان مختلف آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متئين تفصيل ذريعي خاص اختلافن ۾ پين اشارن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ بعد، هيٺ مبين شاهه ڪريم جي اولاد يعني ”ڪريم پوٽن“ جي شجري جو مختصر خاڪو ڏجي ٿو، جنهن ۾ خاص طرح شاهه عبداللطيف جي والد حبيب الله شاهه جي متين پيڙهين ۾ درگاهه بلڙيجي سجاده نشين جا نالا تفصيل سان ڏنل آهن.

ڪريم پوٽن جي شجري جي هن مختصر خاڪي ۾ جن شخصيتن جا نالا آيا آهن، تن بابت آخري نتيجي طور هيٺيان وضاحتي اشارا ڪري سگهجن ٿا.

(الف) **مبين شاهه ڪريم جا فرزند**: سندن نالا توڙي ننڍ ـ وڏائي جي لحاظ سا هڪ ٻئي پويان سلسلو. ”بيان العارفين“ جي ان روايت موجب رکيو ويو آهي، جيڪا سنڌي ترجمي جي صورت ۾ عبدالرحمان ڪاٽ پانيڻ ڪان عبدالصمد نورنگ پوٽي تائين پهتي. غالباً مير علي شير قانع پوءِ ”بيان العارفين“ جي آڌار تي ساڳيا نالا قلمبند ڪيا. عبدالصمد جو بلڙي جي سجاده نشين سان پڻ ملڻ ٿيو، جتان غالباً کيس اهو معلوم ٿيو ته پهريون پٽ لال محمد شاهه هو ۽ ان بعد سلسلي وار ٻيا ٿيا. ”بيان العارفين“ جي هن روايت ۾ ٽئين فرزند جو نالو ”جلال شاهه“ آهي جيڪو قائم رکيو ويو آهي (جيستائين ڪا ٻي آڳاٽي پڪي شاهدي ملي ته سندس نالو جمال شاهه هو). هو شاهه عبداللطيف جو پڙڏاڏو هو. عبدالصمد (توڙي قانع)، حسين شاهه جو نالو دين محمد شاهه کان پوءِ رکيو آهي پر هو غالباً لله شاهه کان پوءِ ۽ دين محمد شاهه کان اڳ سجاده نشين ٿيو. دين محمد شاهه ٽيون سجاده نشين هو، جنهن کان پوءِ سندس پٽ محمد دليل شاهه سجادو ٿيو. انهيءَ ڪري حسين شاهه کي دين محمد شاهه کان اڳ رکيو ويو آهي. سيني حوالن موجب انن مان چار فرزند شاهه ڪريم جي وقت ۾ ئي گذاري ويا. پويون فرزند لال محمد عرف لله شاهه ننڍي هوندي گذاري ويو. عبدالرحيم شاه وڏو هو ۽ کيس چار فرزند ٿيا (جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ساداتن جي شجرن ۾ ذڪر آهي) پر هو بہ شاهہ ڪريم جي حياتي ۾ گذاري ويو. جلال شاهہ ڦورن هٿان شهيد ٿيو. عبدالقدوس شاهہ ٻيءَ جي حياتي ۾ فوت ٿيو ۽ برهان شاهہ جو شجرن ۾ فقط نالو آهي، پر وڌيڪ ڪوبہ حوالو موجود ڪونهي. سندس قبر شاهہ ڪريم جي روضي جي ڀاهران آهي. جيڪڏهن هن شاهہ ڪريم جي حياتي ۾ نہ گذاريو تہ بہ غالباً جسماني صحت سببان ايترو تہ معذور هو جو گادي تي ڪونہ وينو.

(ب) **مٽيين شاهہ ڪريم جا سجادا** : شاهہ ڪريم جي وفات بعد سندس ٽي پٽ، ننڍ ـ وڏائي جي لحاظ سان، هڪ ٻئي پويان سجاده نشين ٿيا: پهريون لال محمد شاهہ عرف للہ شاهہ (لا ولد)، ٻيو حسين شاهہ (لا ولد)، ٽيون دين محمد شاهہ (١) جنهن کي ڪافي اولاد ٿيو. ڪانئن پوءِ جيڪي سجادا ٿيا تن جي نالن آڏو سلسلي وار نمبر (٤، ٥، ٦ وغيره) ڏنا ويا آهن. ڇهون سجاده عبدالواسع شاهہ (اول) هو، جيڪو مٽيين شاهہ عنايت جو همعصر هو (٢). عبدالواسع شاهہ (ٻيو) شاهہ عبداللطيف جي زندگيءَ جي پوئين دور ۾ سجاده نشين هو ۽ پنهنجي تنگ نظري سببان ڀانيائين تہ شاهہ عبداللطيف بلڙي جي درگاه تي پنهنجو حق ٿو ڄمائي. عبدالواسع شاهہ توڙي سندس ڀاءُ محمد مقيم شاهہ ٻئي لا ولد فوت ٿيا. هو پنجين سجادي عبدالغني شاهہ جي اولاد مان هئا. ڪانئن پوءِ سجادگي ڦري آئي عبدالغني شاهہ جي ڀاءُ محمد شريف شاهہ جي اولاد ۾، جنهن جو پوٽو محمد صلاح شاهہ "ڊنڊي" جي

---

(١) مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ۾ ۽ محترم جي ـ ايم سيد پنهنجي تصنيف "مختصر احوال سادات مٽيار بمع شجرا" ۾ ڄاڻايو آهي تہ مٽيين شاهہ ڪريم جي پٽن مان پهريون سجاده نشين للہ شاهہ، ٻيو حسين شاهہ ۽ ٽيون دين محمد شاهہ ٿيو. جيئن تہ اهي ننڍ وڏائي جي لحاظ سان هڪ ٻئي پويان سجاده نشين ٿيا هوندا، انهيءَ ڪري هن خاڪي ۾ حسين شاهہ جو نالو اڳ ۾ لکيو ويو آهي.

(٢) جي ايم سيد: مختصر احوال سادات مٽياري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر ۾ رهندو هو ۽ پٽائي صاحب جو عقيدتمند هو. پٽائي صاحب جي ڪيس دعا هئي ۽ اتفاق به اهڙو سهڻو ٿيو جو سجادگي ملي سندس پوٽي قنبر علي شاهه ۽ سندس پڻ فرزندن کي (١)، جن مان محمد صلاح شاهه جڏهن لا ولد گذريو ته گادي ملي سندس زوجه جي ڀاءُ صاحبڏني شاهه کي، جيڪو اديب ۽ شاعر هو ۽ مير عبدالحسين خا سانگي جو دوست هو.

## (ج) جلال شاهه بن مبين شاهه ڪريم جو اولاد:

سواءِ انهيءَ فرق جي، جو پوئين دور جي شجرن ۾ "جلال شاهه" جو نالو جمال شاهه ڪري لکيو ويو آهي، باقي سيني شجرن ۽ حوالن ۾ متفقه طور ائين ڄاڻايل آهي ته جلال شاهه کي فقط هڪ فرزند عبدالقدوس شاهه ٿيو جنهن کي ٻه پٽ ٿيا: شاهه عبداللطيف جو بابو حبيب الله شاهه ۽ سندس چاچو عبدالرشيد شاهه جنهن کي سيني حوالن مطابق پنج پٽ ٿيا، جن جا نالا شجري واري خاڪي ۾ ڄاڻايل آهن ۽ جيڪي مائٽي ۾ شاهه عبداللطيف جا سڳا سؤٽ هئا.

---

(١) جي - ايم سيد جي لکيي موجب قمبر علي شاه پاڻ به سجادو ٿيو. مگر اها ڳالهه وڌيڪ غور طلب آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ حبيب جو ڪُٽنب

ڀٽائي صاحب جي سوانح حيات جا ڪافي پهلو اڄ ڏينهن تائين روشن نہ ٿي سگهيا آهن. مير عبدالحسين خان سانگي پهريون محقق هو، جنهن شاهہ صاحب جي زندگيءَ جا حالات پنهنجي فارسي ڪتاب ”لطائف لطيفي“ ۾ گڏ ڪيا. مرزا قليچ بيگ صاحب جي ”احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ جو مدار گهڻي قدر مير عبدالحسين خان جي تحقيق تي آهي. ان بعد ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهہ جي زندگيءَ جي حالات بابت ڪي اضافا ڪيا، ۽ آخر ۾ ان کان وڌيڪ مولوي دين محمد وفائي صاحب پنهنجي ڪتاب ”لطف اللطيف“ ۾ ڪن قلمي ڪتابن جي آڌار تي ڪافي نون حوالن جو اضافو ڪيو. باوجود انهيءَ جي اڃا هي ميدان وڌيڪ تحقيق لاءِ ڪافي ڪشادو آهي، ڇاڪاڻ تہ اڃا تائين اڪثر سيني سوانح نگارن ڀٽائي صاحب جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن بابت سرسري حالات ۽ اجمالي معلومات تي اڪتفا ڪئي آهي. مثلاً، شاه صاحب جي اباڻي ڏاڏاڻي خاندان بابت اهو معلوم هو تہ مٽياري سادات آهن، پر هن خاندان جي شجري، ان جي مختلف شاخن ۽ پاڙن، ۽ جنهن پاڙي سان شاه صاحب جو تعلق هو، ان جو قدري تفصيل پهريون ڀيرو جناب غلام مرتضيٰ شاه صاحب (جي ـ ايم سيد) جي ڪتاب ”پيغام لطيف“ جي ذريعي سنہ ١٩٥۴ع ۾ پڌرو ٿيو.

شاه صاحب جي خاندان بابت، خود شاه صاحب جي والد شاه حبيب جي پنهنجي ڪُٽنب بابت اسان جي معلومات بالڪل محدود آهي. مرزا قليچ بيگ صاحب لکيو آهي تہ شاه عبداللطيف جي والده مخدوم عربي ڏياڻي جي ”خاندان“ مان هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب لکيو تہ شاه صاحب جن جي والده محترمہ خود شاه ڏياٽي جي ”ڏيءَ“ هئي. مولوي دين محمد وفائي صاحب، مرزا قليچ بيگ جي قول کي قبول ڪيو، البتہ ان تي اضافو ڪيائين تہ شاه حبيب ”سئي ڪندر“ جي بزرگن مان شادي ڪئي هئي، ۽ ”مخدوم عربي ڏياٽي جي خاندان کي سوئي ڪندر وارا بزرگ بہ سڏيو ويندو آهي“. شاه صاحب جي جاءِ ولادت بابت بہ هالا حويلي، ڪوٽڙي ۽ ڀٽي پور جا نالا ڪنيا ويا آهن. پر ان کان وڌيڪ هن وقت تائين ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. اسان کي مختلف روايتن ۽ تصديقن سان شاه حبيب جي ڪٽنب بابت جيڪي ڪجهہ معلوم ٿي سگهيو آهي، سو پيش ڪجي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ شاه صاحب جن جي گهرو زندگيءَ جو پس منظر قدري زياده روشن ٿي سگهي.

شاه حبيب پنهنجي والده جو اڪيلو پٽ هو. ڀائنجي ٿو تہ غربت ۽ فقيري سببان ڪيس پنهنجي خاندان مان آسانيءَ سان سڱ نہ ملي سگهيو. انهيءَ ڪري زندگيءَ ۾ جيڪي بہ شاديون ڪيائين سي ٻاهران غير ساداتن مان ڪيائين. ڪن جي چوڻ موجب شاه حبيب ٻہ شاديون ڪيون ۽ ڪن جي چوڻ موجب ٽي. اسان کي مليل روايتن موجب شاه حبيب ٻہ شاديون ڪيون، هڪڙي مغلن مان ۽ ٻي ڏيرن مان. غالباً پهرين شادي مغلن مان ڪيائين ۽ گمان آهي تہ اهو ساڳيو مغل خاندان هو جنهن مان پوءِ ڀٽائي صاحب پاڻ بہ سڱ جي گهر ڪئي. شاه صاحب جي سڱ گهرڻ جو سبب محض مجازي عشق ڪونہ هو، پر خود سندن والد اتان شادي ڪري چڪو هو. اهو مغل خاندان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو، جتي سندن ڪوٽ ۽ حويليون هيون. انهيءَ ڪري ان ڳوٺ کي ”ڪوٽڙي“ سڏيندا هئا. اها ڪوٽڙي، ڀٽ شاه کان اٽڪل ڏيڍ ڪوه کن ڏکڻ طرف، ڀرائي ساڳري واه لڳو لڳ ايرندي طرف آهي. ان ڳوٺ جا ڦٽل ڪنڊر ۽ مسجد جا نشان اڃان تائين آهن.

ڀانئجي ٿو تہ شاه حبيب کي انهي پهرئين گهر مان اولاد ڪونہ ٿيو. انهيءَ پهرئين گهر هوندي يا سندن وفات کان پوءِ شاه حبيب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي شادي سمات قوم "ڏيرن" مان ڪئي. هڪ روايت (١) موجب، شاه صاحب ان وقت تعلقي شهدادپور جي ديهه "سئي ڪندر جاگير" جي سروي نمبر ١٣۴ ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. اهو ڳوٺ هاڻي ڦٽي ويو آهي، البت اتي هڪ جهوني قبر بيٺي آهي، جنهن کي "راجات پير جي قبر" ڪري چوندا آهن. انهيءَ ڳوٺ جا نشان "سوئي ڪندر" جي مقام لڳ اولهه طرف آهن. انهيءَ سوئي ڪندر واري "ساياتن جي مقام" کان تقريباً ڏيڍ ميل اتر اوڀر ڪنڊ تي، ۽ آوت واهه جي ڪپي پاسي علي محمد ڏيري جو ڳوٺ هو، جو پڻ هاڻ ڦٽي ويو آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ "ڏيرا" قوم جي هڪ اشراف ۽ درويش گهراڻو رهندو هو، جي "ثابت پوٽا" سڏبا هئا. سندن وڏو "ميان ثابت"، هڪ درويش ۽ اهل الله هو، جنهن جي قبر سئي ڪندر واري "ساياتن جي مقام" ۾ هڪ وڏي ٿلهي تي (جنهن تي ست قبرون آهن) اڃا تائين موجود آهي، جنهن جي مٿان ڪتبي ۾ هن بزرگ جو نالو "ميان ثابت" لکيل آهي. هن "ميان ثابت" جي اولاد مان ميان عرس ثابت پوٽي، ڏيره ويٺل ڳوٺ علي محمد ڏيره (٢) جي گهران شاه حبيب شادي ڪئي. ميان عرس ثابت پوٽي کي ٻه نياڻيون هيون، وڏي نياڻي خليفي ربڏني ڏيري، ويٺل ڳوٺ "ملو مکڻ" (٣) جي گهر ۾ هئي. شاه حبيب جي شادي ميان عرس ثابت پوٽي جي ننڍي نياڻي سان ٿي، جنهن کي قدرت طرفان ڀٽائي گهوٽ جي والده بنجڻ جو شرف مليو.

شروع ۾ هن ٻئي گهر مان به شاه حبيب کي اولاد ڪونه ٿي ٿيو. چون ٿا ته شاه حبيب سيد هاشم شاه کا دعا گهري، جنهن چيس ته "ابا ! فرزند خدا ڏينديئي، پر نالو عبداللطيف رکج." شاه

---

(١) اها روايت حاجي رازق ڏني فقير ڪوري جي آهي، جا اسان کي جناب محترم حاجي شير محمد خان نظاماڻي کان ملي. حاجي صاحب سر زمين تي وڃي جانچ ڪئي ۽ سندن ان ئي جانچ اسان کي مليل روايتن جي پوري تصديق ڪئي.

(٢) ٻي هڪ روايت موجب شاه حبيب جا ساهرا ڳوٺ "ملو مکڻ" جا هئا.

(٣) اسٽيشن ڳوٺ "ملو مکڻ" ڀٽ شاهه ۽ ٽنڊي آدم جي وچ تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حبيب کي فرزند ٿيو، نالو عبداللطيف رکيائينس، پر اهو گذاري ويو. ان بعد شاه حبيب وري هاشم شاه سان حال ڪيو، جنهن وري به چيو ته "ابا ! فرزند خدا ڏيندئي پر نالو عبداللطيف رکج." شاه حبيب کي وري فرزند ڄائو ۽ نالو عبداللطيف رکيائينس، پر اهو صاحبزادو به سال ٻن جي عمر ۾ گذاري ويو. شاه حبيب جي وري به هاشم شاه سان ملاقات ٿي ۽ احوال ڪيائينس. بزرگ وري ٽيون دفعو به چيو ته "ابا ! الله ۽ رسول طرفان توکي پٽ جي مبارڪ هجي نالو وري به عبداللطيف رکج، پر هن ڀيري ديرن جي ڄاءِ متائج." هاشم شاه جي اها ٽين ۽ آخري دعا هئي. هن بزرگ سنه ١١٠٠ هجريءَ ۾ وفات ڪئي ۽ سال ڪن کان پوءِ شاه حبيب جي گهر اميدواري ٿي. شاه صاحب جن پنهنجي ديري کي ڳوٺ "هالا حويلي" ۾ وٺي آيا. ڇئي نٿو سگهجي ته ڇو خاص انهيءَ ڳوٺ ۾ وٺي آيا. ڀانئجي ٿو ته شايد اتي شاه حبيب جا ڪي ڀيا ويجها عزيز، يا ڪي متياري سادات، يا ڀيا ڪي سادات، يا خود شاه حبيب جا معتقد ۽ مريد رهندڙ هئا، جن جي لالانگهري تي ديرن کي اوڏانهن نيائين. بهرحال، ڳوٺ "هالا حويلي" کي ئي اهو شرف مليو (١)، ۽ شاه حبيب جي گهر ٽيون عبداللطيف (٢) ڄائو، جو سنڌ جو شاعر "عبداللطيف" بڻيو. افسوس، جو خود ڳوٺ "هالا حويلي" بابت به اسان جي معلومات اڄ ڏينهن تائين محض نالي ماتر رهي آهي. اهو "هالا حويلي" جو ڳوٺ اڏيري لال وارن فاضلاڻي سادات جي ڳوٺ کان اٽڪل هڪ ميل کان اڀرندي طرف

---

(١) "لطف اللطيف" (ص ١٠) ۾ ڄاڻايل آهي ته، شاه صاحب جو جنم هالا تعلقي جي هڪ ڳوٺ "ڀئي پور" ۾ ٿيو، جو پٽ کان ٩ ڪوه پري، هن وقت ويران حالت ۾ ڊڙا لڳو پيو آهي ..... شاه صاحب جنهن گهر ۾ ڄائو هو، اتي لطيفي جماعت جي لونگ فقير مهيسر هڪ مسجد جوڙائي آهي، جا نصير واه جي ڪپ تي بيٺل آهي.

(٢) مولوي دين محمد وفائي صاحب هڪ بزرگ جي دعا جو ذڪر ڪيو آهي. البت ٻهرين ٻن صاحبزادن مان هڪ جو نالو عبداللطيف ۽ ٻئي جو جمال شاه ڄاڻايو اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالڪل انهيءَ وڏي رستي لڳ آهي، جيڪو ٽنڊه الهيار ۽ ٽنڊه سومره ڪان هالن طرف اچي ٿو.

مٿي چئي آيا آهيون تہ شاه حبيب جي رهائش ”سوئي ڪندر“ واري ”ساياتن جي مقام“ جي لڳ الهہ طرف موجوده ديهہ سوئي ڪندر جي سروي نمبر ۱۳۴ ۾ هئي. پهريان ٻہ صاحبزادا اتي ئي ڄاوا ۽ اتيئي وفات ڪيائون ۽ انهيءَ ”سایاتن واري مقام“ ۾ دفن ڪيا ويا. سندن تربتون اڄ ڏينهن تائين اتي معلوم ۽ مشهور آهن (۱).
شاه حبيب انهيءَ ڳوٺ مان ”هالا حويلي“ ڏانهن صرف چڱي سوڻ خاطر ڏيرن جي جاءِ مٽائي. چئي نٿو سگهجي تہ شاه حبيب ڪيترو وقت هالا حويلي ۾ رهيو. پر گمان غالب آهي تہ اتي صرف ٻارڙي جي ولادت ۽ صاحبن جي صحت واسطي جيترا ڏينهن ضروري هئا يا ڪي ٿورا وڌيڪ ڏينهن گذاريا هوندائين، ڇو تہ شاه صاحب هن ڳوٺ ۾ صرف چڱي سوڻ خاطرو آيو هو. هي گمان بہ قرين قياس آهي تہ شاه حبيب واپس پنهنجي اصلوڪي پڊن تي بدشگوني سببان ڪونہ موٽيو هوندو، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ غالباً

---

(۱) اڳ انهن تربتن تي ڪتبا لکيل ڪونہ هئا پر هينئر تازو انهن تربتن تي سرون لڳايون ويون آهن. جن مان هڪ تي ”سيد عبداللطيف ولد حبيب شاه“ ۽ ٻيءَ تي ”سيد عبدالرشيد ولد حبيب شاه“ لکيو ويو آهي. اسان مٿي هاشم شاه واري روايت جو ذڪر ڪري آيا آهيون، جنهن موجب ٻنهي صاحبزادن جو نالو ”عبداللطيف“ هئڻ گهرجي. چئي نٿو سگهجي تہ ڪهڙي آڌار تي هڪ تربت تي نالو ”عبدالرشيد“ لکيو ويو آهي. ايترو ظاهر آهي تہ اهي سرون بنان ڪنهن سمجهہ ويچار جي هنيون ويون آهن، ڇوتہ ٻنهي تربتن جي سرن تي ساڳيو سال ۱۰۱۲هہ لکيو ويو آهي. مٿينءَ روايت مان ظاهر آهي تہ هڪ صاحبزادو گذاري ويو ان بعد ٻيو ڄائو ۽ سال ٻن کان پوءِ انهيءَ گذاريو. نہ معلوم ڪهڙي آڌار تي ٻنهي سرن تي ساڳيو سال وفات ڄاڻايو ويو آهي. ٿيون تہ شاه حبيب جو وفات سن ۱۱۵۵ هہ آهي تہ پوءِ ذري گهٽ ڏيڍ سؤ سال اڳ ڪيئن پٽ ڄڻيائين، جن ۱۰۱۲ هہ ۾ وفات ڪئي. خود اسانجي شاه عبداللطيف جي ولادت ۱۱۵۲ هہ آهي. ۽ ان حساب سان انهن ٻن صاحبزادن جو ڄمڻ ۽ وفات ڪرڻ انهن سالن کان اڳ وڌ ۾ وڌ پنجن سالن جي (۱۱۰۲ ـ ۱۰۹۸هہ) اندر هئڻ گهرجي. اميد تہ سجاده نشين صاحبان انهن سرن جي بدران درست سرن هڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هالا حويلي" مان واپس اچي پنهنجي ساهُرن وٽ ميان علي محمد ڏيري جي ڳوٺ رهيا هوندا، ڇاڪاڻ تہ ننڍڙي ٻار جي سنڀال لاءِ والده جي ممتا جي وڏي ضرورت ٿيندي آهي. "هالا حويلي" ڏانهن وڃڻ سببان خود ڀِٽائي صاحب جن جي والده ماجده پنهنجي مائٽاڻي ڳوٺ لاءِ اڪير ۽ پنهنجي والدين جي سڪ سببان فطري طور اهائي تقاضا ڪئي هوندي. انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ شاه عبداللطيف جي ولادت بعد، شاه حبيب جو رهڻ ڳوٺ علي محمد ڏيري ۾ ٿيو. اسان جي ڀِٽائي صاحب جي ٻاراڻي وهي بہ اتيئي گذري ۽ سندن والده ماجده بہ آخري دم تائين اتي رهي.

ڀِٽائي صاحب جي ٻاراڻي وهيءَ جو انهيءَ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ گذرڻ جو هڪ ڪافي پڪو ثبوت هن حقيقت مان ملي ٿو تہ اهو علي محمد ڏيري جو ڳوٺ ۽ ان جي آسپاس واري تر ۾ ويندي "ملي مڪڻ" جي ڳوٺ تائين ڏيره قوم جا ماڻهو رهندا هئا. جيڪڏهن ڀِٽائي صاحب جي ٻاراڻي وهي انهيءَ تر ۾ گذري هجي تہ، اهو فطري آهي تہ ڏيره قوم جي همعصر ٻارڙن سان سندس صحبت سنگت ٿي هجي. انهيءَ جو ثبوت اسان کي اِڪتي هلي ڀِٽائي صاحب جي فقراءَ مان ملي ٿو، جن ۾ اڪثريت ڏيرن فقيرن جي هئي، جي يقيني طور ڀِٽائي صاحب جا ننڍڙي هوندي جا يار وفادار هئا. اهي ڏيرا فقير سڀ انهيءَ تر جا ئي هئا جتي ڀِٽائي صاحب پنهنجي ٻاراڻي وهي گذاري. انهي فقيرن ۾ "اجن فقير ڏيرو" ۽ "سڪر فقير ڏيرو" ڀِٽائي صاحب جي حاضرات جا فقير هئا. جاني فقير ڏيرو ڀِٽائي صاحب جو ڇتڙن جو يار هو. جاني فقير جبو پائيندو هو، انهيءَ ڪري ڪيس "جاني جبير" بہ سڏيندا هئا. جاني فقير جڏهين وفات ڪئي، تڏهين ڪيس پنهنجي تر واري قبرستان، يعني "سئي ڪندر" جي "ساياتن واري مقام" ۾ دفن ڪيو ويو (١).

---

(١) سندس قبر "ساياتن واري مقام" ۾ مشهور آهي. هينئر تازو سندس قبر تي ڪنهن جي طرفان سر هنائي ويئي آهي. جنهن تي هي الفاظ لکايل آهن "ميون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاني فقير ڏيري جي پٽ "عنايت" ڀٽائي صاحب جي تعريف ۾ بيت چيا. پر ڀٽائي صاحب جو سڀ کان وڌيڪ پيارو ساٿي ۽ ننڍڙي هوندي جو رفيق سندس سڳو ماسات ربڏني فقير ڏيري جو پٽ "محمد عام" هو. محمد عالم آخر تائين ڀٽائي صاحب جي صحبت ۽ خدمت ۾ رهيو. هو ڀٽائي صاحب جو وڏو فقير ۽ خليفو هو ۽ ڀٽائي صاحب کيس "سماع ۽ ذڪر" جو اڳواڻ مقرر ڪيو. وفات کان اڳ ڀٽائي صاحب ساري فقراءَ کي گڏ ڪري چيو تہ "ابا ! اسان کان پوءِ اوهان فقراءَ جو وڏو خليفو محمد عالم آهي." ڀٽائي صاحب جي انهيءَ وصيت موجب نہ صرف فقراءَ ۽ خليفن پر سجاده نشين بہ خليفي محمد عالم جي وڏي عزت ڪئي. ڀٽائي صاحب جي وفات کان پوءِ بہ سماع، ذڪر ۽ ختمي جو اڳواڻ خليفو محمد عالم رهيو، ۽ "خليفو محمد عالم ذاڪر" جي نالي سان مشهور ٿيو. سيني فقراءَ جي خليفن گڏجي سال ۾ ٽي دفعا سماع وارن موقعن (صفر، رجب ۽ ذوالحج ۾ مقرر ڪيل سومار جون راتيون) تي هر هڪ، سوا رپيو نذرانو خليفي محمد عالم کي ڏيڻ شروع ڪيو.

سجاده نشين کي جيترا صاحبزادا هئا اوترا سوا رپيا سماع وارن موقعن تي خليفي صاحب کي ذات طور ڏنا ويندا هئا. اها رسم اڄ تائين هلندي اچي.

ڀٽائي صاحب جي هن گهرو زندگي ۽ ٻاراڻي وهيءَ واري ماحول جو سندس شخصيت توڙي فڪر تي ڪافي اثر پيو جو سندس ڪلام مان ظاهر آهي. شاه حبيب پنهنجي مال رزق وارو، مگر مسڪين ماڻهو هو. هڪ روايت موجب هو "ساياتن جي مقام" لڳ واري پڊ تي خاص طرح مال جي سانگي سان اچي رهيو هو. بهرحال ساداتن جي حسب نسب واري ماحول کان پري هو. ڀٽائي صاحب

---

جاني سماٽ، سنہ ١٣١١هہ." نهايت افسوس جو سن لکڻ ۾ ايڏي وڏي غلطي ٿي ويئي آهي. "ميون جاني" ڀٽائي صاحب جو همعصر هو. جڏهن ڀٽائي صاحب سنہ ١١٦٥هہ ۾ وفات ڪئي تہ جاني فقير جي وفات سنہ ١٣١١هہ ۾ ڪيئن ٿي سگهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي والده ماجده بہ غير سادات هئي، بلڪہ سمات مان ”ڏيره“ قوم جي هڪ اشراف، درويش مگر مسڪين ”ثابت پوٽہ“ پاڙي مان هئي. انهيءَ شاديءَ بعد بہ شاه حبيب لڏي پنهنجي خاندان وارن وٽ ڪونہ اچي ويٺو. چاڪاڻ جو يا تہ سندس ڪي ويجها عزيز موجود ڪين هئا، يا تہ ڏارين مان شادي ڪرڻ سببان دور ئي رهڻ ٿي چاهيائين. ان وقت جي ماحول موجب متياري سادات جهڙي برگزيده ۽ اثر رسوخ واري خاندان لاءِ پڻ اهو فطري هو تہ حسب نسب تي زور ڏين ۽ ڏارين مان شادي ڪندڙ کي چڱي نظر سان نہ ڏسن. ٿي سگهي ٿو تہ خود پيٽائي صاحب جن جي والده ماجده کي بہ پنهنجي ٺيٺ ڀهراڙي واري ماحول سان الفت ۽ پنهنجي مائٽاڻي ماڻن سان محبت هئي، انهيءَ ڪري اباڻي ڳوٺ کي ڇڏي ٻاهر وڃڻ نٿي چاهيائين. پيٽائي صاحب جي ٻاراڻي وهي، خالص هن ڀهراڙيءَ جي ماحول ۾ پنهنجي والده جي شفقت هيٺ گذري. انهي ڪري حسب نسب جي بدلي اخلاق ۽ نيڪي دنيا دولت جي بدلي غربت مگر عزت ۽ اشرافت، وڏن ڳوٺن ۽ شهرن جي بدلي واهڻن ۽ وستين سان محبت خاص جي بدران عوام جي زندگي سان همدردي ۽ حميت کي ترجيح ڏيڻ جهڙن جذبن ۽ احساسن جو پيوند، شاه صاحب جي شخصيت ۾ انهيءَ ماحول ۾ لڳي چڪو هو، جنهن کي اڳتي هلي، سندس پنهنجي مطالعي ۽ تجربي پختو ڪيو. انهي ڪري پيٽائي صاحب ۾ ڪن رواياتي جذبن ۽ احساسن جي بدلي عوامي ۽ جمهوري خيالات پيدا ٿيا ۽ سندس فڪر عالمگير بڻيو.

”سگُ پسي سرهي مرَ ٿي“، يا ”ڪانہ پڇي ٿو ذات“ ۽ ”جيهي جي تيهي“ جذبن جو بنياد سندس والده جي نسبت ۾ هو. مارئي جي ماحول، وطن جي حب، عزت اشرافت ۽ لوئيءَ جي لڄ جو ڀريون عڪس خود سندس والده ماجده جي زندگيءَ ۾ هو. ”مارو ويچارا“، ”جهنگ ۽ جهانگي“ ۽ عوامي زندگي جو منظر غريب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڏيره" قوم جي ڳوٺڙن ۽ واهڻن ۾ موجود هو، جنهن کي ٻارائي وهيءَ ۾ ئي ڀٽائي صاحب محسوس ڪيو هو، ۽ انهيءَ ڪري اڳتي هلي چيائين تہ:

"توتي لڄ لطيف چئي آهي سندي عام".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف رحہ جي زندگيءَ بابت ڪي روايتون. (١)

حضرت شاه عبداللطيف رحہ جي سوانح بابت ڳالهيون ۽ روايتون هن پوئين دور ۾ مرحوم مير عبدالحسين خان سانگيءَ لکي ڪتاب "لطائف لطيفي" ۾ گڏ ڪيون. شاه صاحب جي سوانح بابت اهو قيمتي مواد آهي، جنهن تي غور ڪرڻ سان ڀٽائي صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار جا اهم پهلو روشن ٿين ٿا. ڀٽائي صاحب جي خليفي ميان محمد صلاح سڀ کان اول ڀٽائي صاحب جو "سفر نامو" جوڙيو جنهن ۾ ڀٽائي صاحب جي جدا جدا جاين تي منزلن بابت عمدو مواد جمع ڪيو هئائين.

موجوده دورجي سگهڙن کان پڻ اسان ڀٽائي صاحب بابت ڪيتريون ئي روايتون ٻڌيون آهن جن مان ڪي چوند نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون. اهڙين روايتن ذريعي ڀٽائي صاحب جي سوانح تي وڌيڪ روشني پوي ٿي.

مولانا رومي جي مثنوي سان ڀٽائي صاحب جو وڏو شوق هو. مثنوي جو هڪ قلمي نسخو ڪلهوڙن حاڪمن (ميان نور محمد) وٽان ڀٽائي صاحب کي تحفہ طور مليو هو. مولوي ميون محمد صلاح بن محمد عارف هڪ وڏو جيد عالم هو، ۽ اڪثر مثنوي تي وعظ ڪندو هو جنهن ڪري کيس "محمد صلاح مثنوي خوان" سڏيندا هئا. ڀٽائي صاحب جي حاضري ۾ هوندو هو ۽ ڀٽائي صاحب کيس "خليفو محمد صلاح" ڪري سڏيندو هو. خليفو محمد

(١) ماهنامہ "روح ادب"، حيدرآباد، آڪٽوبر ١٩٥۴ع، ۾ ضياءِ لطيف (ڊئريڪٽر محڪمہ اطلاعات مغربي پاڪستان) حيدرآباد ١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلاح يتائي صاحب جي آڏو مثنوي پڙهندو هو.

هڪ ڀيري ڪيبرن ۾ يتائي صاحب جي منزل هئي، اتان جي ڪڪائين مسجد ۾ ويٺا هئا تہ يتائي صاحب ميين محمد صلاح کي چيو تہ "خليفا مثنوي پڙهہ". جنهن تي ميين محمد صلاح اهو داستانو پڙهڻ شروع ڪيو تہ.

"گوش خربگذار ديگر گوش خر - الخ"

ميون محمد صلاح وڏي عمر جو هو، مثنوي پئي پڙهيائين تہ مسجد جي ڪڪائين ڇت مان مٽس تڙڪا پئي پيا. يتائي صاحب اٿي بيٺو ۽ پنهنجي جبي يا چادر سان تڙڪن واري پاسي کان ڇانو ڪيائين. پوءِ خليفي هڪ بيت تي بيهي ان جو تفسير ڪيو جو يتائي صاحب کي ڏاڍو وڻيو. چيائين تہ خليفا، جيئن مونکي خوش ڪيو اٿيئي تيئن ڌڻي توکي خوش ڪري.

ميون محمد صلاح يتائي صاحب سان گڏ رهيو هو، هليو هو ۽ ساڻس صحبتون ڪيون هئائين. اهو ڪيبرن جي مسجد وارو واقعو، هن "سفر نامي" ۾ بيان ڪيو هو ۽ اهو يتائي صاحب جو "سفر نامو" پاڻ لکيو هئائين.

يتائي صاحب موجوده تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ابڙن جي راڄ ۾ ويندو هو جو اتي گهڻا سنڌس حب وارا هئا. "ترائي" ۾ اڃا تائين يتائي صاحب جو اوتارو موجود آهي. چون ٿا تہ ڪمارين ابڙن مان هڪ مائي يتائي صاحب جي معتقد هئي، جنهن يتائي صاحب کي چيو تہ" سائين، سواءِ هڪ گهر جي هاڻي ڪمارين مان ڪو ڪونہ بچيو آهي. تون ڪا دعا ڪر تہ سندن پيڙهي پڌري ٿئي. ان موقعي تي يتائي صاحب بيت ڏنو تہ:

جوري واري جوءِ، ويـــنــدو راڄ ورائـــيـــو،
سڙي لامان ڪوءِ، ڪو جومورو موريو.

پوءِ ان مائي کي اولاد ٿيو ۽ وڏو راڄ ٿيو.

يتائي صاحب "پير صاحبن جي لوءِ" (گهوٽڪي) ۾، چون ٿا تہ پير موسن شاه (موسيٰ شاه) جي وقت ۾ آيا، ۽ جامع مسجد ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جا پير موسيٰ شاه سنہ ١١٠١هہ، ۾ جوڙائي) سندن ملاقات ٿي. ان ملاقات دوران ڀٽائي صاحب بيت پڙهيا جن مان هڪ هيءُ تہ:

مارئي مرَ جائي، جنهن مارو وڏا مامري
ديس ڇڏي پرديس وئي، ڇنئون نہ آئي
چارين جي چائي، سا سام پرتئي سومرا.

ڀٽائي صاحب، ڪوٽيسر (ڪڇ) ۾ ويو اتي هڪ هندو فقير ڏنائين جو تپسيا ۾ وچن مطابق پانهن مٿي جهليو بيٺو هو. ڀٽائي صاحبن جي ساڻس گفتگو ٿي، پوءِ کيس چيائين تہ:

هنيون نہ سڪائين هوت لئي، تو سڪائين ٻانهون،
ڏيکارين ٿو ڏيهہ کي دتا ڪيو دانهون
پاڻهين منيءِ پاڻ کي تہ ڪو آديسي آئون
اي پنڌ اڳاهون، ڪي ڪاهي رسيا ڪاپڙي.

چون ٿا تہ ڀٽائي صاحب بيمار هو جو تمر فقير پڇڻ آيس. ان موقعي تي ڀٽائي صاحب تمر فقير کي جواب ڏيندي هي بيت پڙهيا.

اڄ نہ من قرار، پيو سونچو سات ۾
نيهي وهندم بار، مٿي ساٿيهہ سپرين.

***

ڪو جو لڳي واءُ جنهن پر ڊجن ناڪئا
ورتن ونجهہ ڦٽا ڪيا، اپر ٿي اونداہ
ناڪئن نياءُ، تيو گوندر گاڏئون.

***

لوڏاٿي تان لطيف چئي ڪٿون ڪنيائون
حيلا جي هٿي جا سي ٻيڻ پليائون
مومل ماٿيائون، وڃي آسڻ آرامي ٿيا.

هيءَ ڳالهہ سنڌ ۾ مشهور آهي تہ ڪنهن موقعي تي جناب مخدوم محمد هاشم صاحب، ٻين عالمن سان گڏجي شاه صاحب وٽ سندس سازن بند ڪرائڻ لاءِ پهتو. شاه صاحب هن صاحب شريعت جي اچڻ جو ٻڌي، سڀ ساز اڳواٽ ئي ڪوٺيءَ ۾ بند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائي رکيا هئا. مگر جيئن ئي مخدوم صاحب، شاه صاحب سان سوالن جواب ۾ مشغول ٿيو ته ساز از خود ڪونيءَ ۾ وڄڻ لڳا (لطائف لطيفي ـ لطف اللطيف ص ١٨٩ ـ ١٨٠) مخدوم صاحب متاثر ٿي، شاه صاحب کان محبت سان موڪلايو ۽ ان موقعي تي کين چيائين ته : اسان کي ڪو نصيحت جو بيت ٻڌايو. پٽائي صاحب جواب ۾ هيءُ بيت پڙهيو ته:

گــنــدي ۽ گــراه، جن ســنــاســين ســانــڍيــو

تـــنـــين کـــان الله، اڃان اڳاهـــون ٿـــيـــو.

مخدوم صاحب ٻڌي چيو ته، تحقيق اهو صحيح آهي.

چون ٿا ته شاه صاحب هڪ دفعي پنهنجي فقيرن سان ڪنهن جهنگ مان اچي لانگهائو ٿيو. اتي ڏسن ته هڪ نوجوان اونڌي منهن ستو پيو آهي ۽ زار زار پيو روئي. پڇا تي کين ڪنهن ماڻهو ٻڌايو ته: سائين ! حقيقت هيءَ آهي ته هڪ ڇوڪري هن سان مڱايل هئي جنهن سان هن جي شادي ٿيڻ واري هئي. مگر ڇوڪريءَ جي مائٽن هائي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ هن جي مڱ هائي ٻئي کي ٿا پرڻائين. ڇوڪريءَ جي مائٽن هن طرف جون سڀ ميڙون موٽائي ڇڏيون آهن ۽ صفا انڪار ڪيو اٿن. جنهن تي هائي هن ڇوڪري کي اچي سوز لڳو آهي ۽ ائين پيو جهنگ ۾ گذاري، روئي ۽ رڙي. انهيءَ تي شاه صاحب انهيءَ نوجوان کي دلداري ڏيڻ لاءِ اچي سائس ڳالهايو. جنهن ڇوڪري، شاه صاحب کي چيو ته:

اڻ ڏنا ، اڻ سونهان، پرين ڪيئن پسجن.

شاه صاحب جواب ڏنو ته:

قـلـم جن جي هـٿ ۾ سـي جي ڪـرم ڪـن

تـه انـگ مـٽـائـي اڳيـون واري ڀـيـو لـکـن.

انهيءَ اميد ڀرئي جواب تي هو نوجوان اٿيو ۽ شاه صاحب کان دعا گهري وري وڃي ڪوشش ڪيائين. اتفاق سان حالات اهڙا بڻيا جو سندس مڱ وري کيس موٽي ملي ۽ ان سان سندس شادي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چون ٿا تہ سانولي فقير (جت؟) جو پٽ ويسر، شاه صاحب جي معتقدن مان هو. هڪ دفعي شاه صاحب سان ڪنهن منزل تي مسافري ۾ گڏ هو. رات جو ماني ڪچي آئي. ويسر کي انهيءَ مانيءَ ۾ غير نظر آيو سو ماني نہ ڪاڏائين ۽ هٿ تان جوءُ گهرائي ماني پچارائي ڪاڌائين. ان بعد شاه صاحب پڇيس تہ: ادا تو ماني ڪانہ ڪاڌي؟ ويسر چيو تہ سائين ! انهيءَ مانيءَ ۾ چوري جو سيڌو گڏيل آهي انهيءَ ڪري مون هٿ تان جَو وٺي ماني پچارائي ڪاڌي. شاه صاحب چيو تہ: ادا جوَن ۾ توکي غير نظر ڪونہ آيو؟ جنهن تي چيائين تہ سائين ! مون اهڙي پڇا ڪانہ ڪئي. ان بعد هٿ واري کان پڇيائون جنهن چيو تہ سائين ! هڪ مرون ماريو هئائون جنهن جي پيٽ مان جَوَ نڪتا هئا جي مون ڪٽي اچي هٿ تي وڪيا. انهيءَ تي شاه صاحب ويسر کي چيو تہ:

ادا ڙي ويسر مچ ! ڪاءُ نہ تہ مرندي
ڪتان پئنديون اڇ، جو لوڪ مڙوئي لڙ ٿيو.

معلوم هجي تہ ويسر ۽ ويلڙو وڏي ۾ وڏا مانگر مڇ آهن ۽ بيت جي معنيٰ ۾ پڻ اها تمثيل سمايل آهي.

چون ٿا تہ شاه ڪريم رحہ کان پڇيائون تہ: سائين ! تنهنجي پٽ مان بہ ڪو ولي پيدا ٿيندو؟ جنهن تي چيائين تہ : ابا ! پيو نہ، باقي هڪ کهوئڙو (شعر ڪهڻ يا چوڻ وارو) فقير ٿيندو جو بيت وايون چوندو. ان کي منهنجا سلام ڏجو. ۽ چئجوس تہ:

”جڙ پکي جيئن، ٻانهياريءَ ٻيلهڙو“

(يعني تہ پکي جي ڪڙي جئن ڪانيءَ ۾ قابو پيل هوندي آهي جو طوفان ۾ بہ نہ ڪري، يا ٻانهياري زال جي مٿي تي جيئن بہ دلا هڪ ٻي مٿان هوندا آهن جي پڻ ڪڏهين ڪين ڪرن.)

اها ڳالهہ شاه صاحب سان ڪيائون جنهن تي چيائين تہ هائو ابا! اسان جي ڏاڏي سچ چيو هو ۽ سندن سچو مقصد هيءُ هو تہ:

”اسان جو تن تيئن، ٿو ساري مرسل مير کي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرت شاھہ عبداللطيف
# جي سوانح بابت ويچار

مير علي شير قانع جا ٻہ ڪتاب ”مقالات الشعراءَ“ ۽ ”تحفة الڪرام“ ڇپجي چڪا آھن ۽ انھن ۾ حضرت شاھہ صاحب بابت آندل حوالا پڻ پڙھندڙن جي آڏو اچي چڪا آھن. البت ٽيون ڪتاب ”معيار سالڪان طريقت“ (جيڪو مير مراد علي خان جي فرمان سان نقل ڪيو ويو ۽ ھن وقت برٽش ميوزيم لنڊن ۾ محفوظ آھي، سو) اڃان نہ ڇپيو آھي، پر جيئن تہ اڳ ان ڪتاب جا قلمي نسخا سنڌ ۾ موجود ھئا، تنھن ڪري اھو ڪتاب پڻ مير عبدالحسين خان سانگي ۽ سنڌ جي ڪن ٻين عالمن جي مطالعي ھيٺ رھيو. شاھہ عبداللطيف بابت مير علي شير قانع جيڪي بيان ھن ڪتاب ۾ آندا آھن، تن کي آسان ۽ روان ترجمي جي صورت ۾ ھيٺ ڏجي ٿو تہ جيئن اھو قلمي مواد ناظرين جي آڏو اچي وڃي ۽ حضرت شاه صاحب بابت مير علي شير قانع جي جملي بيانن کي توري تڪي سگھجي. قانع لکي ٿو تہ:

”عارفن جو مثالي اڳواڻ شاھہ عبداللطيف تارڪ ولد سيد حبيب شاھہ موصوف، ٻارھين صدي ۾ سنڌ اندر نھايت ئي وڏو مرشد رھنما ٿي ساماڻو. (اوائلي) زندگيءَ جو وڏو حصو بالڪل اڪيلائيءَ ۽ ويراڳ ۾، ڪمال رياضت سان گھمندو رھيو ۽ مدھوشي جھڙي حالت ۾ بي انت بيابان ۾ گذاريائين. آخرڪار ھوش ۾ اچي، شيخي ۽ مرشدي جو مسند جيئن جو تيئن سينگاريائين ۽ ساري جھان کي پنھنجي ارادت طرف ڇڪيائين.

باوجود بي مايگيءَ جي، ڪيس جھان جي اچي ڪاري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري پروڙ حاصل ٿي ۽ باوجود تحصيل نہ ڪرڻ جي، جملي ديني علمن تائين سندس رسائي ٿي. وفات واري ڏينهن جدائي سببان سندس مريدن مان ڪيترن ئي دم ڏنو. سندس فيض ۽ حضور واري مزار ”پٽ“ تي مشهور آهي. جيسلمير جي راجا سندس درگاهہ تي نوبت موڪلي، جيڪا (وڄڻ سان) عجب روح ۽ حضور واري ڪيفيت پيدا ڪري ٿي. سندس (شاهہ لطيف جي) سلسلي ۾ ڪامل فقير شامل آهن. سنہ ١١٦١هہ بعد وفات ڪيائين.

هالا ڪنڊي (پراڻن هالن) جي بزرگ مخدوم بايزيد ولد مخدوم عربي جي پوٽن مان محمد عالم (نالي) سيد عبداللطيف تارڪ جي خليفن مان ڪل فقراءَ ۾ ممتاز آهي. مخدوم محمد معين ولد مخدوم محمد امين مذڪور، مخدوم عنايت الله دانشمند جو شاگرد ۽ علمن ۾ بيحد قابليت جي ڪري مشهور، جنهن جو شهر ٺٽي ۾ ٻيو ڪو مٽ ڪونہ هو ۽ جيڪو ظاهري علمن سان گڏ باطني معرفت ۾ بہ وڏي منزل وارو هو، سو نقشبندي سلسلي ۾ حافظ ابوالقاسم نقشبندي جو پڪو مريد هو، جو ان جي فيض سان ئي طريقي ۾ وڏو نيڪ بهره ورو ٿيو، آخر عمر ۾ اهو بہ قدوة العارفين شاه عبداللطيف جي خدمت ۾ وڏي ارادي ۽ اخلاص وارو ٿيو. شاهہ موصوف کي بہ ٺٽي ۾ سندس صحبت نهايت وڻي وئي ۽ سندس ملڻ خاطر هو ٺٽي ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو. مخدوم (مخدوم معين) جي (حياتي جي) آخري ڏينهن ۾ شاهہ موصوف آيو ۽ اچي راڳ جي صحبت (محفل) ڪرايائين. مخدوم کي ان راڳ ٻڌڻ سان حال پئجي ويو، ايتري قدر جو جان ڏيڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونہ رهيو. مخدوم جي ڪرامت اها، جو جنهن ڏينهن سندس جنازو مڪلي ڏانهن پئي نياءُون تہ سيد (شاهہ عبداللطيف) بہ پويان ڪانڌي ٿي پئي هليو. شهر جي چيڙي تي (پهچڻ تي) ائين ٿيو جو سيد جنازي جي پٺيان رسم مطابق ڪانڌي ٿي پوئتي ورڻ جي ڪئي تہ جنازي پاڻُ ڦيرايو ۽ مٿو طرف (پوئتي پيرن واري طرف) ڪيو ۽ سيد اهو محسوس ڪندي وڏيڪ اڳتي ڪونہ ويو. ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايت ٻڌڻ ۾ آئي آهي. مخدوم جي وفات سنہ ١١٦١ھ ۾ ٿي. مصرع تاريخي "قطره در ببحر واصل شد" ان سال موافق آهي. چون ٿا تہ شاهہ عبداللطيف جنازي سان ڪانڌي ٿيڻ بعد موٽندي، پنهنجي ڪرامت واري زبان سان چيو تہ: ٿَتي ۾ پنهنجي يار جي الوداع خاطر هي اسان جو آخري پيرو اچڻ ٿيو. ۽ پاڻ بہ انهيءَ ساڳئي سال سگهو ئي گذاريائين (ورق ٢٠٦ ـ ٢٠٧). مولوي محمد صادق، جيڪو پوءِ شاهہ عبداللطيف تارڪ جو خاص مريد هو، تنهن جي وفات سنہ ١٢٧٠ هجري بعد ٿي. (ورق ١٩٨)

هن ڪان اڳ، مير علي شير قانع جي ٻين بيانن کي پيتيندي اسان انهيءَ نتيجي تي پهتا هئا سون تہ شاهہ صاحب بابت هو ٻڌل ڳالهيون ٿو ڪري. هن بيان مان ان جي پوري تصديق ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو قانع هت پڻ حضرت شاهہ عبداللطيف جي سوانح جي سلسلي ۾ سندس ڪرامتن بابت ٻڌل ڳالهيون بيان ڪري ٿو، پر خود حضرت شاه صاحب جي وفات، جيڪو هڪ وڏو واقعو هو، تنهن جي سن سال جي بہ قانع کي پوري پڪي خبر ڪانهي. پهرپائين تہ هن پنهنجن ٻن اوائلي ڪتابن يعني "مقالات الشعراءَ" توڙي "تحفة الڪرام" ۾، شاهہ صاحب جي وفات جو سال ڪونہ ڄاڻايو. هيءُ ٽيون ڪتاب "معيار سالڪان طريقت"، جيڪو "مقالات" کان اناويهہ سال ڪن پوءِ ۽ "تحفة الڪرام" کان ٻاويهہ سال ڪن پوءِ لکيائين، ان وقت تائين بہ قانع کي حضرت شاهہ صاحب جي وفات واري سال جي پوري خبر ڪانہ پئي. مٿئين بيان ۾ پهرپائين لکي ٿو تہ شاهہ صاحب جي وفات "سن ١١٦١ھ کان پوءِ ٿي"، پر هيٺ هلي ڄاڻائي ٿو تہ ١١٦١ھ واري ساڳئي سال ۾ مخدوم محمد معين جي وفات کان پوءِ سگهوئي شاهہ صاحب پڻ وفات ڪئي. حالانڪہ شاهہ صاحب چار سال پوءِ سن ١١٦٥ھ ۾ وفات ڪئي. هن بيان ۾ مير علي شير قانع تي ٻيون ڳالهيون بہ اهڙيون ڪيون آهن، جيڪي شاهہ صاحب جي سوانح حيات جي حقيقتن جي خلاف آهن. اهي هي آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) شاهہ صاحب تارڪ هو.

(ب) شاهہ صاحب مدهوشيءَ ويراڳ واري حالت ۾ بيابانن ۾ پئي ڦريو.

(ج) هالن جي مخدوم عربي ديانہ جي اولاد مان محمد عالم نالي سان خاص خليفو هو، جيڪو مڙني فقيرن ۾ ممتاز هو.

قانع جي انهن بظاهر مختصر ۽ بي ضرر حوالن کي ڪانئس پوءِ زباني روايتن ذريعي وڌائي ڌگهو ڪيو ويو، ايتري قدر جو شاهہ صاحب جي حياتيءَ جا حقيقي باب ميسارجڻ لڳا. هيٺ اسان قانع جي انهن ٽنهي حوالن جي صحت ۽ انهن مان پيدا ٿيل غلط فهمين تي وڌيڪ وضاحت سان بحث ڪنداسون.

**(الف) شاهہ صاحب کي "تارڪ" ڪري ڄاڻائڻ:** قانع پنهنجي ٽنهي ڪتابن (مقالات الشعراءَ، تحفة الڪرام ۽ معيار سالڪان طريقت) ۾ شاهہ صاحب کي سنئون سڌو "تارڪ" سڏيو آهي ۽ بنا ڪنهن رک رکاءَ جي ڪم از ڪم ٻارهن دفعا شاهہ صاحب لاءِ تارڪ جو لفظ آندو آهي.

جيئن تہ:

- مير عبداللطيف قدس سره المشتهر بہ تارک، صاحب وساکن بهت (مقالات الشعراءَ، ص ۱۲۱)
- قطب وقت شاهہ عبداللطيف المعروف بہ تارک (مقالات الشعراءِ، ص ۳۵۷)
- محمد عالم درزمره خلفاءَ سيد عبداللطيف تارکيست (تحفة اڪرام، ۳ X ۱۵۱)
- سيد عبداللطيف رحہ ..... پس آنحضرت معروف بہ تارک (ايضاً ۳ X ۱۵۲)
- سيد عبداللطيف تارک لقب (ايضاً ۳ X ۲۲۹)
- سيد عبداللطيف تارکي .... بخدام فرمود (ايضاً ۳ X ۲۲۹ - ۲۳۰)
- سيد عبداللطيف تارکي بر بالا خانہ اين دهليز (مير محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عطا امير خاني) مسڪن داشة (ايضاً ٣ X ٢٥٧)

ــ مخدوم محمد صادق نقشبندي ..... معتقد سيد عبداللطيف تارڪ (ايضاً ٣ X ٢٣١)

ــ قدوة العارفين شاهه عبداللطيف تار ڪي ولد سيد حبيب شاهه (معيار سالڪان طريقت ورق ٢٠٦)

ــ محمد عالم ...... منسلڪ خلفاءَ عبداللطيف تارڪي ست (ايضاً)

ــ سيد عبداللطيف تارڪ (ايضاً. ورق ٢١٠)

ــ مولوي محمد صادق مريد خاص شاهه عبداللطيف تارڪي بود (ايضاً. ورق ١٩٨)

اهو ”تارڪ“ وارو تخيل شاهه صاحب جي حقيقي زندگيءَ جو نقش ئي بدلائي ڇڏي ٿو. ڇاڪاڻ جو اهو مفهوم شاهه صاحب جي زندگي بابت سندس اصلي رهڻي ڪهڻي جي ابتڙ ۽ حال حقيقت جي خلاف هڪ غلط تخيل ذهن نشين ڪرائي ٿو. سلوڪ ۽ فقر جي اصطلاح ۾ ”تارڪ“ اهو آهي، جنهن سڀ ڪجهه ترڪ ڪري ڇڏيو هجي، جنهن مال اسباب ترڪ ڪري ڇڏيو هجي ۽ جنهن سڀ لاڳاپا لاهي گهر بار ترڪ ڪري ڇڏيو هجي. پر شاهه صاحب ائين ڪونه ڪيو هو. خود قانع چوي ٿو تہ جيتوڻيڪ شاهه صاحب پهريائين مدهوشيءَ ۾ هو، پر پوءِ پاڻ سنڀالي ”مرشد جي مسند جيئن جو تيئن سينگاريائين.“ سندس ايترو بيان ئي شاهه صاحب جي ”تارڪ“ هجڻ ڪي رد ڪري ٿو. شاهه صاحب جي حياتيءَ بابت جيڪي پڪا پختا اهڃاڻ موجود آهن، تن مطابق شادي ڪيائين، پٽ ڪي وسايائين، اتي پنهنجي لاءِ توڙي فقيرن لاءِ جايون جوڙايائين ۽ پڻ مسجد شريف ۽ پنهنجي والد توڙي ميين شاهه ڪريم جي قبر جوڙائڻ لاءِ ڪاريگر ۽ ڪاشيگر آندائين. پٽ تي سندس روزانہ زندگي هڪ اعليٰ انتظام ۽ نظام واري هئي. راڳ لاءِ فقير مقرر هئا ۽ پڻ ٻئي هر ڪم ڪار لاءِ فقير مقرر هئا ۽ شاهه صاحب جي ان سڄي انتظام تي نظر هئي. اهڙي ماڻهوءَ کي ”تارڪ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿو سڏي سگهجي. جيڪر چئجي ته شاهه صاحب پنهنجي حياتيءَ جي اوائلي دور ۾ ”تارڪ“ هو، ته به اهو دليل ايترو پڪو پختو ڪونهي، ڇاڪاڻ جو حقيقي معنيٰ ۾ ”تارڪ“ اهو آهي، جنهن سڄي حياتي ترڪ ۾ گذاري هجي، يعني عاقل بالغ ٿيڻ بعد سوچي سمجهي پوري ارادي ساڻ هن راهه خدا ۾ پنهنجو ورثو ترڪو ڦٽو ڪري دنياجي وهنوار کان آڄپو اختيار ڪيو هجي، يا ڪم از ڪم پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪن ڪن ڏينهن يا موقعن تي ڪجهه نه ڪجهه مال اسباب ترڪ ڪندو ۽ لٽائيندو هجي. مگر شاهه صاحب جي زندگيءَ بابت تحريري حوالن توڙي زباني روايتن ۾ اهڙو ڪوبه حوالو موجود ناهي.

غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته قانع ڪي نالي پَل تي آهي. سندس وقت ۾ ڪجهه اڳ ”سيد عبداللطيف“ يا ”شاهه عبداللطيف“ جي نالي وارا ڪم از ڪم پنج بزرگ ٿيا، جن سڀني جو ذڪر قانع پنهنجن ڪتابن ۾ آندو آهي. انهن مان به ٽني شهر جا هئا، جيڪي قانع جي وقت جا هئا ۽ ڪيس ويجها هئا، جنهن ڪري انهن بابت ته غلطي جو ڪو امڪان ڪونه هو. انهن مان هڪ هو سيد عبداللطيف بن سيد منو، جيڪو قانع جو نانو هو (يا ناني جو پيءُ يا ڏاڏو هو. سندس انهيءَ ناناڻي آڪهه ۾ اهو نالو اڳ کان وٺي هلندو ٿي آيو ۽ وڏو سيد عبداللطيف، جهانگير بادشاهه جي وقت ۾ سيوهڻ ۽ ڪچي جو جاگيردار هو). ٻيو هو ”شاهه عبداللطيف صوفي“، جيڪو راڳ ڏانهن مائل هو ۽ پاڻ راڳ ڪندو هو ۽ پڻ مخدوم محمد معين وٽس رهاڻ لاءِ ويندو هو (١).

باقي ٽي ٻيا ”سيد عبداللطيف“ ٺٽي کان پري نصرپور، پٽ شاهه ۽ هالن طرف جا هئا، جن بابت مير علي شير قانع کان توڙي ڪن ٻين کان ڀل ٿي، جو هڪ جي ڪا ڳالهه ٻئي نالي ڪري ڄڏيائون. ”تارڪ حقيقت ۾ سيد عبداللطيف نصرپور وارو هو، پر

---

(١) تحفة الڪرام، فارسي متن، مطبوعه دهلي، ٣ x ١٧٣ ۽ معيار سالڪان طريقت، قلمي، ورق ٢١٨.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانع اهو لقب "سيد عبداللطيف ڀٽ واري" تي آڻي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سر ڪيڏاري جو سلسلو، "سيد عبداللطيف هالن واري" جو هو، جيڪو روايتن ذريعي پوءِ "سيد عبداللطيف ڀٽ واري" جي ڪلام سان گڏي لکيو ويو. هن پوئين موضوع جي وضاحت اڳتي هلي ڪنداسون. في الحال بحث "تارڪ" جي لقب سان آهي.

قانع جيڪڏهن شاهه عبداللطيف کي رڳو "تارڪ" چئي ڇڏي ها ته گمان ڪري سگهجي ها ته فقط هن ئي شاهه عبداللطيف کي تارڪ ڪري ٿي ڄاتيو، پر قانع ڪم از ڪم ٽي دفعا وري وري ائين ڄاڻايو آهي ته "شاهه عبداللطيف تارڪ جي لقب سان مشهور معروف آهي." سندس الفاظ هي آهن:

— مير عبداللطيف قدس سره المشتهر به تارڪ صاحب و ساڪن بهت. (مقالات الشعراءَ، ص ١٢١)

— حضرت قطب وقت شاه عبداللطيف المعروف به تارڪ. (مقالات الشعراء، ص ٢٥٧)

— سيد شاه عبداللطيف پس آنحضرت معروف به تارڪ. (تحفة الڪرام، ص ٣ X ١٥٢)

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته شاهه صاحب جي سوانح حيات جا اهڃاڻ جيڪي مشهور معروف آهن، تن مان ظاهر آهي ته شاهه صاحب "تارڪ" ڪونه هو. ٻئي ڪنهن مصنف جي لکيت يا ڪنهن آڳاٽي زباني روايت ۾ به شاهه صاحب کي "تارڪ" ڪري ڪونه ڄاڻايو ويو آهي. ٻاويهن ٽيويهن سالن واري جواني ۾ شاهه صاحب جي شادي ٿي. جيڪڏهن ان وقت هو تارڪ هو ته پوءِ تارڪن جون ڪهڙيون شاديون! جيڪڏهن ان ڪان اڳ ڪيس "تارڪ" چئجي ته اهو دليل وزنائتو نه ٿيندو، ڇاڪاڻ جو ان وقت سندس سنڀاليندڙ سندس والد حبيب شاهه هو. جيڪو ئي گهر ٻار جو مالڪ هو. ان وقت ننڍي عبداللطيف وٽ پنهنجو ڪو جدا ذاتي مال اسباب ڪونه هو، جيڪو ترڪ ڪيائين. شاديءَ کان پوءِ واري دور جو اهڙو ڪو حوالو موجود ڪونهي، جنهن مان تصديق ٿئي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب پنهنجو مال اسباب هميشہ لاءِ ترڪ ڪري ڇڏيو يا ڪنهن ٿوري مدت لاءِ يا ڪنهن خاص ڏينهن ڏهاڙي تي ترڪ ڪيو هجي.

غور طلب ڳالهہ هي آهي تہ مٿيان ٽي حوالا، جن ۾ "مشهور معروف" تارڪ جو زڪر آهي، تنهن مان هڪ ۾ نالو "عبداللطيف شاهہ" آندل آهي، پر ٻين ٻن ۾ "سيد عبداللطيف" ۽ "مير عبداللطيف" نالا آندل آهن. حقيقت ۾ "مير عبداللطيف"، "سيد عبداللطيف"، يا عبداللطيف شاهہ، جيڪو واقعي "تارڪ" هو. ۽ پڻ تارڪ جي لقب سان مشهور معروف هو، سو نصرپور جو سيد هو ۽ مخدوم نوح صاحب رحہ جي مريدن مان هو. مخدوم نوح رحہ جي ملفوظات "ارشاد الطالبين و دليل الذاڪرين" ۾ سندس ذڪر آهي ۽ ڪيس "تارڪ" ٿي ڪري لکيو ويو آهي. ٽٽي جي حاڪم جي چانورن سان ڀريل ٻيڙي ٻہ لٽائي ڇڏي هئائين. مخدوم نوح رحہ جي فرزند مخدوم ابراهيم جو همعصر هو ۽ وٽس ايندو ويندو هو. مخدوم ابراهيم جي وفات ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ ٿي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ سيد عبداللطيف تارڪ نصرپوري لڳ ڀڳ ان وقت ڌاري گذاريو هوندو، يعني تہ هو شاهہ عبداللطيف جي ولادت کان ٽيهہ سال کان اڳ ٿي گذريو، پر نصرپور ـ ڀٽ ۽ هالن واري طرف هن مير يا سيد عبداللطيف "تارڪ" جي لقب توڙي سندس ترڪ جون ڳالهيون مشهور هيون. "معيار سالڪان طريقت" ۾ قانع ڪيس فقط "سيد عبداللطيف حسيني" ڪري ڄاڻايو آهي، ۽ لکيو آهي تہ: سندس مقام جدا نصرپور شهر جي ٻاهران آهي ۽ مٿس قبو آهي.

مير علي شير قانع ڪي نالي ڀل ٽيڻ لاءِ سبب هو، ڇاڪاڻ جو نالا ساڳيا ۽ ساڳئي پاسي جا هئا. نہ فقط قانع واري وقت ۾ پر ويندي هن پوئين دور تائين سيد عبداللطيف تارڪ کي سيد عبداللطيف ڀٽائي سمجهڻ جو گمان پئي پيدا ٿيو آهي. مولانا دين محمد وفائي ١٩٥٠ع ۾ جڏهن "لطف اللطيف" لکيو تہ "سيد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبداللطيف نصرپوري" کي "سيد عبداللطيف ڀٽائي" ڪري ڀانيائين ۽ لکيائين تہ: "شاهہ صاحب (عبداللطيف ڀٽائي) جي وري هن (هالن جي مخدومن صاحبن جي) درگاه سان پنهنجي ڏاڏي شاهہ عبدالڪريم وانگي عقيد تمندي ۽ اخلاص هو. ڪڏهن ڪڏهن طعام تيار ڪرائي شاهہ صاحب ڪٽائي مخدوم صاحبن جي خدمت ۾ آڻيندو هو تہ برڪت جو ڪارڻ بڻجي." مولوي صاحب ائين لکيو، پر البت ڪيس ڪجهہ مونجهارو ٿيو، جنهن ڪري هاشيي ۾ ڪتاب "دليل الذاڪرين" جي اصل عبارت نقل ڪيائين ۽ پوءِ انهيءَ مونجهاري ڏانهن ڌيان ڇڪايائين. مولوي صاحب جي حاشيہ واري عبارت هن طرح آهي (١):

"دليل الذاڪرين ۾ لکي ٿو تہ سيد السادات منبع البرڪات سيد عبداللطيف تارڪي چيو تہ آءٌ ڪنهن خاص قسم جو طعام تيار ڪرائي مخدوم جلال محمد بن مخدوم معظم (نوح) جي خدمت ۾ ويس. پاڻ طعام چکي فرمايائون تہ جيڪڏهن هن ڪاڌي ۾ حضرت هاشم حماد (جيڪو سندن خليفو هو) بہ شريڪ ٿئي تہ ڏاڍو چڱو! اينتري ۾ ڏٺو ويو تہ هاشم حماد پاسي کان بيٺو هو، هوڏانهن اتان ڪيتري دوريءَ تي هو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ جاءِ جي دروازي مان بہ لنگهي ڪونہ آيو جو اسان دروازي تي بيٺا هئاسين (دليل الذاڪرين فارسي قلمي در سوانح مخدوم معظم نوح) مگر هت ڏسڻو آهي تہ شاهہ صاحب جيڪڏهن مخدوم جمال ولد مخدوم نوح وٽ ڪاڌو ڪٽائي ويو هوندو تہ اها ڳالهہ عقل کان بعيد آهي، جوتہ شاهہ صاحب (ڀٽائي) جا همعصر آهن مخدوم نوح صاحب جو پوٽو ۽ پڙپوٽو، تنهنڪري سندس ڪو فرزند همعصر نہ ٿي سگهي ٿو. ويچار ڪرڻ گهرجي." (٢)

---

(١) ڏسو "لطف اللطيف" ڇاپو پهريون، ڪراچي ١٩٥٠ع، ص ١٢٠ - ١٢١.

(٢) جيتوٽيڪ سندس وصيت موجب اهو "ويچار" هاڻي هن وقت ٿو ٿئي، مگر اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ غالباً مولوي صاحب کي بعد ۾ "سيد عبداللطيف تارڪ نصرپوري" جي خبر پئجي چڪي هئي، جو سندس اقتباس جي آثار تي مرتب ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ”شاهہ صاحب جو مدهوشي واري حالت ۾ بي

ڪنار بيابانن ۾ ڦرڻ: ”تارڪ واري مونجهاري سان گڏ قانع ٻين ٻڌل روايتن جي آڌار تي ائين ڄاڻايو تہ شاهہ صاحب مدهوشي ۽ ”ويراڳ“ ۾ بيابانن ۾ پئي ڦريو، اهڙا وڏا صحرا ۽ بيابان جيڪي بي ڪنار هئا ظاهر آهي تہ هن بيان ۾ گهڻو وڌاءُ آهي. شاهہ صاحب، شاديءَ کان اڳ نوجواني واري دور ۾ ئي پاهر اڪيلو تنهائي ۾ ويهي عبادت ۽ رياضت ڪرڻ ڏانهن مائل ٿيو ۽ ان کي جيڪڏهن ”مدهوشي ۽ ويراڳ“ وارو دور چئجي تہ ڪنهن حد تائين مناسب ٿيندو. پر اها ”مدهوشي“، ”بيهوشي“ نہ هئي، پر ياد حق ۾ اندروني سوز ۽ محويت واري ڪيفيت هئي. سنڌي اصطلاح ۾ ”ويراڳ“ جي معنيٰ آهي دنياداري وارن لاڳاپن، عزازت جي آسانگن ۽ زندگيءَ جي آرائشن ۽ آسائشن کان منهن موڙي اڪيلائي اختيار ڪرڻ ۽ ڌڻي جي ياد ۾ مشغول رهڻ. اهو بہ دنياداري کي ترڪ ڪرڻ آهي پر ان جو لاڳاپو فقير يا درويش جي ذاتي نيت ۽ ڪردار سان آهي. اهڙي عمل سان هو خاص طرح ”تارڪ“ طور مشهور ڪونہ ٿيندو، پر ڪيس عابد، زاهد، الله لوڪ بہ چئي سگهبو. مشهور معروف تارڪ اهو ٿيندو، جيڪو خير خيرات ۾ پنهنجو مال اسباب لٽائي ڇڏي، يا وقت بوقت ڪافي ڪجهہ مال اسباب ترڪ ڪندو هجي. ٻيو تہ ”مدهوشي“ ۽ ”ويراڳ“ واري حالت جي مناسبت، اڪيلائي ۾ گذارڻ، اڃ بک تي رياضت ڪرڻ ۽ ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ سان آهي. شاهہ صاحب بہ انهيءَ حالت ۾ ماڻهن جي اچ وڃ کان پري ۽ ڀاسيرو ٿي جهنگ ۾ ڪٿي وڻن جي اوٽ ۾ اڪيلو ٿي سوچيندو ۽ عبادت ڪندو هو. ڪي اهڙيون جايون، جتي هو وڃي ويٺو ۽ جن بابت تصديق سان ڳالهيون هلنديون آيون آهن ۽ ٻڻ جن جا ڪي آثار موجود آهن، سي اڪثر پٽ ۽ ڪوٽڙي واري

---

تذڪره مشاهير سنڌ (جلد ٢، ص ص ٢٠ ــ ٦٢) ۾ ”نصرپوري“ نسبت سان ئي ان بزرگ جو ذڪر ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڊ جي آسپاس وڏ ۾ وڏ ٻن ٽن ميلن جي گهيري واري اراضي ۾ واقع آهن: هڪ "لال لئو" جيڪو ڀٽ کان ٻه ـ اڍائي ميل کن اولهه ۽ ڪوٽڙي واري ڀڊ جي بالڪل ويجهو اولهه طرفان آهي، ٻيو "ڀٽائي صاحب وارو ڪنڊو"، جيڪو ڀٽ کان ميل کن اوپر طرف آهي، تيون ماڳ غالباً خود "ڀٽ" هئي، جنهن جو ذڪر مير عبدالحسين خان سانگي "لطائف لطيفي" ۾ پوري پڪي سند سان آندو آهي: يعني ته قلندر شوري، جنهن ڏاچيون پئي چاريون، تنهن نوجوان عبداللطيف کي ڀٽ واري جاءِ تي ڪنهن وڏي وڻ جي سُڪل ٿڙ جي پور ۾ "استغراق واري حالت ۾ ويٺل" ڏٺو هو ۽ قلندر کي پوءِ پٽس صاحبڏني ٻڌايو ته سيد حبيب شاهه جو پٽ "ويراڳ يعني قبض ۽ بسط ۽ بيخودي واري حالت" ۾ اتي هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس پئي پيري ڏسي ته ڪانئس دعا گهري (لطائف لطيفي، فارسي، ص ١۴۴). بهرحال قانع جو بيان، ته شاهه صاحب مدهوشي ۽ ويراڳ واري حالت ۾ بي ڪنار بيابانن ۾ پيو ڦرندو هو، سو حقيقت بدران چڻ شاعرانه مبالغو آهي.

(ج) "محمد عالم" جي نالي پٺل سبحان شاهه صاحب جي امڙ بابت غلط خيال: قانع جي بيانن جي ڪري شاهه صاحب کي "تارڪ" طور مڃڻ يا ڪيس "بي ڪنار بيابانن ۾" ڦرندو سمجهڻ سان شاهه صاحب جي پنهنجي ذاتي ظاهري زندگي بابت تصور بدلجي ٿو، پر قانع کان "محمد عالم" جي نالي پٺل ٿيڻ سبحان شاهه صاحب جي امڙ ۽ ان جي والدين يعني شاهه صاحب جي ناناڻن بابت حقيقت جي برعڪس خيال قائم ٿئي ٿو. قانع جي لکڻ موجب، هالا ڪندي جي مخدوم بايزيد بن مخدوم عربي ديانه جي اولاد مان محمد عالم نالي هڪ شخص ڀٽائي صاحب جو خاص خليفو هو، جيڪو مڙني فقيرن ۾ ممتاز هو. پنهنجن ٻن ڪتابن "معيار سالڪان طريقت، توڙي "تحفة الڪرام" (٣ X ١٥١) ۾ ائين ڄاڻايو اٿس. حقيقت هيءَ آهي ته ان وقت محمد عالم نالي ٻه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص هئا: هڪ پراڻن هالن جو محمد عالم، جيڪو مخدوم عربي ديانـي جي اولاد مـان هـو ۽ پنـهـنـجي وقت ۾ مـخدوم عربـي جي سلسلي جو سجاده نشين ۽ سنڀاليندڙ هو. ٻيو محمد عالم، جيڪو ڀٽائي صاحب جو خاص خليفو هو. قانع ٻنهي مان ڪنهن کي ڪونہ ڏٺو هو، پر رڳو ڳالهيون ٻڌيون هئائين، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس نالي ڀل ٿي، جو ڀٽ واري محمد عالم بدران هالن واري محمد عالم کي ڀٽائي صاحب جو خاص خليفو ڪري ڄاڻايائين. هي ٻئي محمد عالم جدا جدا هئا ۽ ويندي هن پوئين دور تائين ڄاڻو ماڻهن کي ان ڳالهہ جي پوري خبر رهي آهي. هالن وارو محمد عالم ديانو هو ۽ هالن پراڻن جي بزرگن مخدوم عربي دياني (وفات ٩٨٠هـ) ۽ سندس پٽ مخدوم بايزيد جي پيڙهي مان اندازاً ڏيڍ سؤ سال کن پوءِ اتي جو سجاده نشين هو. سندس قبر هالن پراڻن ۾ مخدوم عربي ديانـي جي مقـام ۾ موجود آهي. اها مخدوم عربـي ديانـي جي مزار واري ٿلهي کان هيٺ لاڳيتو اولهہ طرف ڀهرين تربت آهي ۽ ان بـعد ڪانئس پوءِ ٻين سجاده نشينن جون تربتون آهن (١). ٻئي طرف محمد عالم، جيڪو بيشڪ ڀٽائي صاحب جو خاص خليفو ۽ مڙني فقيرن ۾ ممتاز هو، سو ”سئي قندر“ وارن ڏيرن درويشن جي اولاد مان هو، ڀٽائي صاحب جو ماسات هو ۽ ڀٽ تي شاهہ صاحب جي سلسلي ۾ سماع ۽ ذڪر جو سرواڻ هو. سندس قبر ڀٽائي صاحب جي روضي جي ٻاهران ذڪڻ طرف ۽ تـمر فقير واري قبر کان اوڀر طرف، تربتن جي اتر واري قطار کان پوءِ ڏکڻ ڏي ٻي لاڳيتي قطار ۾، اولهہ طرفان ٻيو نمبر آهي.

---

(١) هن سلسلي وارا ”پير“ سڏجن. هن وقت وٽن علم ۽ فضل جو نالو ئي ڪونهي. موجوده وقت جو وڏو ”پير جمن“ (پٽ پير وسو پٽ پير جمن پٽ پير وسو) آهي، جنهن جي عمر ڪم از ڪم نوي سال کن آهي، جيتوڻيڪ سندس چوڻ موجب سندس ڄمار هڪ سؤ سال کن آهي. پاڻ هلي محمد عالم جي قبر ڏيکاريائين ۽ ٻڌايائين تہ اسان جي وڏن مان هو (پير جمن سان اها خاص ملاقات تاريخ ٦ – نومبر ١٩٨٥ع تي ٿي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانع کان تہ فقط نالي پل ٿي، پر سؤ کن سالن گذرڻ بعد مير عبدالحسين خان سانگي جڏهن شاهہ صاحب جي سوانح کي مرتب ڪرڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن قانع جي پل کي سمجهڻ ۽ درست ڪرڻ بدران ويترِ ان پل تي ٻي هڪ وڏي پل جي عمارت اڏجي وئي. مير صاحب اندازاً ١٨٨٠ ـ ١٨٨٨ع وارن سالن ۾ جڏهن شاهہ صاحب جي حياتي بابت احوال گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن قانع جا ڪتاب "تحفة الڪرام" توڙي "معيار سالڪان طريقت" ٻئي سندس آڏو هئا. هن صاحب انهن ڪتابن ۾ آيل بيانن کي ئي صحيح ڪري سمجهيو، جو پوءِ ڪجهہ پنهنجين اضافي عبارتن ذريعي انهن جي تصديق ڪيائين ۽ ڪجهہ وڌيڪ پچا ڪري انهن حوالن جي مونجهاري ۾ تطبيق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. مثلاً قانع فقط شاهہ صاحب کي "تارڪ" ڪري ڄاڻايو هو، پر ائين ڪونہ لکيو هئائين تہ واقعي شاهہ صاحب سڀ ڪجهہ ترڪ ڪري ڇڏيو هو ۽ انهيءَ ڪري ئي ڪيس "تارڪ" ڪري سڏيائون. مير صاحب پنهنجي عبارت ۾ اهڙو اضافو ڪيو تہ جيئن قانع جي طرفان شاهہ صاحب لاءِ استعمال ڪيل لقب "تارڪ" جي تصديق ٿئي. انهيءَ ڪري لکيائين تہ :

"تحفة الڪرام" ۽ "معيار سالڪان طريقت" جيڪي ٻئي ڪتاب مير علي شير قانع ٺٽوي جا تصنيف ڪيل آهن، تن ۾ لکيل آهي تہ حضرت (شاهہ صاحب) جن دنيا کي ڪلي طور ترڪ ڪري، ڇڏيو هو ۽ انهيءَ ڪري ئي پاڻ تارڪ" جي لقب سان مشهور ٿيا." (١)

ٻئي طرف قانع پل مان، محمد عالم دياني کي شاهہ صاحب جو خليفو ۽ ٻين سيني فقيرن ۾ ممتاز ڪري ڄاڻايو هو، پر پٽ تي ۽ پٽ واري تر ۾ جيئن هن دور تائين اهو معلوم آهي، تئين مير

---

(١) لطائف لطيفي، فارسي متن، راقم جي ڪوشش سان ڇپيل، ڀٽ شاهہ، ضلعو حيدرآباد، ١٩٦٧ع، ص ٢٩.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب واري وقت ۾ بہ اھو معلوم ھو تہ ڀِٽائي صاحب جو خاص خليفو ۽ فقير "محمد عالم سچو سالم" ھو جيڪو ڀِٽائي صاحب جو ماسات بہ ھو. جيتوڻيڪ نسب جي لحاظ سان ھو "ديانو" ڪونہ ھو پر "ڏيرو" ھو. قانع جي حوالي ۽ "محمد عالم سچي سالم" جو ڀِٽائي جو ماسات ھئڻ ..... انھن ٻن ڳالھين ۾ تطبيق پيدا ڪرڻ جي فقط ھڪ ئي صورت ھئي تہ "محمد عالم دياني" کي ئي شاھہ صاحب جو ماسات ڪري ڄاڻائجي. شاھہ صاحب جي فقيرن جي سلسلي ۾ محمد عالم بابت لکندي مير صاحب پنھنجي عبارت ۾ اھا تطبيق ھن طرح پيدا ڪئي تہ:

"ميان محمد عالم ديانہ کہ ھمشير زاده والده حضرت اولياءَ صاحب بودو سماع وذکر در اختيار داشت وکارپردازبوده" (١)

(ميان محمد عالم ديانو، جيڪو حضرت اولياءُ صاحب (يعني شاھہ صاحب) جي والده جي ڀيڻ جو پٽ ھو. "سماع" ۽ "ذڪر" جي واڳ سندس ھٿ ۾ ھئي ۽ سڄي ڪم جو سنڀاليندڙ ھو).

قانع ڪان تہ فقط نالي ڀل ٿي جو حقيقي محمد عالم بدران ٻئي محمد عالم کي ڀِٽائي صاحب جو خليفو ۽ خاص فقير ڪري ڄاڻايائين، پر ھن ائين ڪونہ لکيو ھو تہ ھالن (پراڻن) جي بزرگ مخدوم عربي دياني جي اولاد مان جيڪو محمد عالم آھي، سو ڀِٽائي صاحب جي والده جي ڀيڻ جو پٽ آھي. اھو اضافو سانگي ڪيو ۽ انھيءَ لاءِ ڪيو تہ قانع جي ڀل ۽ حقيقت جي وچ ۾ ڪا تطبيق پيدا ٿئي. پر سندس انھيءَ اضافي شاھہ صاحب جي والده ماجده بابت وڏي غلط فھمي پدا ڪري ڇڏي، جنھن آئنده لکندڙن لاءِ وڏو مونجھارو پيدا ڪيو. جيئن ھيٺئين تفصيل مان معلوم ٿيندو.

---

(١) ايضاً. ص ١٦٩. اڳتي ڄاڻايو اٿس تہ ڀِٽائي صاحب جي وفات بعد جڏھن حڪومت طرفان سيد جمال شاھہ کي گادي تي وھاريو ويو تہ محمدعالم وڏي مخالفت ڪئي. بالاخر جڏھن سيد جمال شاھہ جي اشاري تي حاڪم (ميان غلام شاھہ) مٿس سختي ڪئي ۽ ڪيس سوڙھو ڪھتيو تڏھن وڃي معاملو نبريو. ٿوري جلد ئي محمد عالم وفات ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنہ ١٨٨٧ع ۾ مرزا قليچ بيگ جڏهن شاهہ صاحب جي حياتي جو احوال لکيو تہ ان جو بنيادي مواد مير عبدالحسين خان سانگي کان ورتائين، ۽ شاهہ صاحب جي والده بابت ڄاڻايائين تہ "شاهہ عبداللطيف جي والده مخدوم عربي ديانيءَ جي گهراڻي مان هئي، جنهن جو مقبرو ايرندي هالن جي پيو ڏسجي". (١)

ان بعد ١٨٨٩ع ۾ هالا جي سب جج ليلارام وتڻ مل لالواڻي جڏهن شاهہ صاحب جي سوانح بابت سندس انگريزي ۾ ڪتاب لکڻ جو ارادو ڪيو تڏهن شاهہ صاحب جي والده ماجده بابت سندس آڏو ٻہ بيان هئا: هڪ مير عبدالحسين خان سانگي جو، تہ بيبي صاحبہ مخدوم عربي ديانہ جي گهراڻي مان هئي، انهيءَ ڪري وڌيڪ تفصيل خاطر غالباً پٽ تي وڃي مخدوم احمد پٽي کان پڇيائين، جنهن ڪيس ڄا چيو، سو اصل لفظن ۾ معلوم ناهي، پر ليلارام پنهنجن لفظن ۾ هن طرح لکيو:

"شاهہ حبيب جي ٻي گهرواري ذات جي "دياني" هئي ..... شاهہ لطيف جي والده، شاهہ دياني جي ڌيءَ هئي جيڪو پراڻن هالن جو رهندڙ هو. هو مخدوم "عربي" پڻ سڏبو هو، ڄاڪاڻ جو هو عرب مان آيو هو. "ديانو" ذات جو نالو ڌو پانئجي، پر آخوند احمدي مون کي ٻڌائي ٿو تہ اهو مخدوم ائين سڏيو ويندو هو، ڄاڪاڻ جو، ڪجهہ "ديوانو" هو. مخدوم عربي کي پٽ ڪين ٿيا. سندس مزار هالن پراڻن ۾ هن وقت تائين موجود آهي، ۽ اها ڪن فقيرن جي هٿ ۾ آهي جيڪي پاڻ کي ٻهانو ڪري "ديانا" سڏائين ٿا (٢).

---

(١) مرزا قليچ بيگ: احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، راقم جي سنوار سان شايع ٿيل، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ حيدرآباد. سنہ ١٣٩٢هہ / ١٩٧٢ع، ص ١٣.

(٢) ليلارام وتڻ مل لالواڻي جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب "سنڌ جي وڏي ۾ وڏي شاعر شاهہ عبداللطيف جي زندگي، مذهب ۽ شاعري"، پهريون ڇاپو، ڪراچي ١٨٩٠ع، ص. (مصنف انگريزي ۾ ڪري لکيو آهي، جيڪو صحيح ناهي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ ”محمد عالم“ جي نالي سان شروع ٿي ۽ ڪٿي وڃي پهتي ! آخوند احمد کان مخدوم ديانـي بابت پڇيائون سو ڪٿي جواب ڏنائين، پر غالباً ڪيس ٻي خبر ڪانہ هئي! جيڪڏهن شاهہ عبداللطيف جي والده ان طرف جي هجي ها تہ آخوند احمد کا اهڙي وڏيڪ خبر ڏئي ها ! جيڪڏهن هن ائين ٻڌايو تہ ”شاهہ لطيف جي والده، شاهہ دياني جي ڌيءَ هئي“ تہ وڏي غلطي ڪيائين، ڇاڪاڻ جو مخدوم عربي دياني شاهہ عبداللطيف جي ڄمڻ کان سوا سؤ سال کن اڳ، ٩٨٠هہ ۾ وفات ڪئي.

* تيهہ سال کن پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي جڏهن ”شاهہ جو رسالو“ مرتب ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ پهرئين جلد جي منڍ ۾ ”شاهہ جي سوانح عمري“ ڏنائين تہ نہ فقط ليلارام واري غلط عبارت تي ڀروسو ڪيائين، پر ان کان هڪ وک اڳتي وڌايائين جو مخدوم دياني کي ”شاه“ ڪري لکيائين: ”شاهہ عبداللطيف جي والده شاهہ دياني جي نياڻي هئي.“ (١) مٿي بيان ٿي چڪو تہ مخدوم ديانو، شاهہ لطيف جي ولادت کان سوا سؤ سال اڳ ٿي گذريو.

* ان بعد هن پوئين ويجهي دور ۾، مولانا دين محمد وفائي مرحوم، شاهہ صاحب جي سوانح بابت پنهنجو ڪتاب ”لطف اللطيف“ لکيو، جيڪو تحقيق جي لحاظ سان اڳين سڀني ڪتابن کان وڌيڪ آهي. مولوي صاحب کي پڇا ڪندي غالباً ايترو معلوم ٿي چڪو هو تہ شاهہ حبيب ”سئي قندر“ وارن بزرگن مان شادي ڪئي هئي ۽ انهيءَ گهر مان ئي شاهہ عبداللطيف ڄائو. مگر ٻئي طرف مخدوم عربي دياني جي خاندان واري روايت هئي، جيڪا مرزا قليچ بيگ پڻ آندي هئي، انهيءَ ڪري مولوي صاحب انهن ٻنهي ڳالهين کي

---

(١) هوتچند مولچند گربخشاڻي، شاهہ جو رسالو، جلد ـ ١، ڪراچي ١٩٢٤ع، ص ١٢.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي، يعني تہ انهن ٻن جدا روايتن ۾ تطبيق پيدا ڪرڻ خاطر لکيائين تہ:

”مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف جي والده مخدوم عربي دياني جي خاندان مان هئي.“ (ان بعد حاشيي ۾ چاڻائين تہ) ”ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي تہ شاهہ صاحب جي والده شاهہ ڏياڻي جي نياڻي هئي ۽ شاهہ ڏياڻي کي مخدوم ڏياڻو بہ ڪري سڏيندا آهن سو صحيح نہ آهي، ڇو تہ مخدوم ڏياڻو ١٠ صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي ۽ شاهہ حبيب ١٢ صدي جو آهي، تنهن ڪري اها بيبي عربي ڏياڻي جي خاندان مان آهي، نہ ڪہ سنڌس نياڻي. ۽ مخدوم عربي ڏياڻي جي خاندان کي سوئي ڪندر وارا بزرگ بہ سڏيو ويندو آهي (١).“

اصل ڳالهہ هي آهي تہ شاهہ حبيب جو مخدوم عربي دياني جي خاندان سان ڪو اهڙو واسطو ڪونہ هو ۽ نڪا ان خاندان مان شادي ڪيائين. هي سڄو مونجهارو، قانع جي نالي ٻل ڪان شروع ٿيو ۽ جيئن پوءِ تيئن سولي ٿيڻ بدران وڌيڪ منجهندو ويو. حقيقت ۾ شاهہ حبيب ڏيرن فقيرن مان شادي ڪئي هئي، جيڪي پنهنجي وقت جا درويش هئا ۽ ”قندر فقير“ ڏيري جي پوين مان هئا، جيڪو ٧ ـ صدي هجري ۾ ٿي گذريو. قندر فقير، سنڌ ۽ ملتان جي ولي غوث بهاؤ الحق جو خليفو هو. سنڌس گهر واري مائي ”سئي“ يا ”سوئي“ جيڪا ذات جي هَڪڙي هئي، سا بہ وڏي پهتل درويش هئي، ايتري قدر جو هن پارسا مائي جو نالو سنڌس پنهنجي خاوند ڪان بہ اڳ ۾ اچڻ لڳو ۽ سندن مقام بہ ”سئي قندر“ وارو مقام سڏجي. هنن ڏيرن درويشن جي ”ثابت پوتا“ پاڙي مان عرس فقير ڏيرو پنهنجي وقت ۾ هڪ وڏو نيڪ شخص هو. کيس بہ نياڻيون هيون: هڪ ڏنائين شاهہ حبيب کي، جنهن مان شاهہ عبداللطيف ٿيو، ۽ ٻي ڏنائين پنهنجي سؤٽ رب رکبي فقير کي،

---

(١) دين محمد وفائي: لطف اللطيف، پهريون ڇاپو، ڪراچي ١٩٥٠، ص ٨.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن مان محمد عالم ٽيو، جيڪو ڀٽائي صاحب جو سڳو ماسات هو. محمد عالم پوءِ ڀٽائي صاحب جو خاص خليفو ٿيو ۽ ڀٽ تي "ذڪر" ۽ "سماع" جو اڳواڻ ٿيو. هو ڀٽائي صاحب جو وڏي ويساهه وارو سچو ارادتمند فقير هو، جو ڀٽائي صاحب پاڻ کيس "محمد عالم سچو سالم" ڪري سڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ صاحب جو مخدوم محمد معين ڏي خط ۽ ان جو جواب

شاهہ صاحب متعلق تحقيق جي سلسلہ ۾ سندس لکيل خط هڪ خاص اهميت رکي ٿو. هيءُ خط ڀٽائي صاحب، مخدوم محمد معين ٺٽوي (وفات ١١٦٠هہ) ڏانهن "اويسي طريقي" بابت لکيو هو ۽ مخدوم صاحب اُن جو ڪافي تحقيق ۽ تفصيل سان جواب ڏنو جنهن ڪري اهو جواب، "رسالي اويسيہ" جي نالي سان مشهور ٿيو (١). مولوي دين محمد وفائي مرحوم، پنهنجي ڪتاب "لطف اللطيف" (ص ص ٢٨ ـ ٣٠) ۾ هن رسالہ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ شاهہ صاحب جي خط ۾ ڪيل ڇئن سوالن مان ٽن سوالن جي اصلي عبارت بہ شايع ڪئي آهي. "رسالہ اويسيہ" جو هڪ قلمي نسخہ پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخانہ ۾ پيل هو ۽ ڪتابن جي اٿل پٿل سبب هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ ان جو هٿ اچڻ مشڪل هو. هڪ دفعي اتفاق سان هي رسالڙو، ڪتبخانہ جي هڪ گمنام گوشہ مان اسان کي ملي ويو، جا هڪ نهايت خوشي جي ڳالهہ آهي. هن وقت تائين هن رسالڙي جو پوريءَ طرح مطالعو ڪيو ويو آهي (٢) ۽ ڏٺي ڳهريو تہ ان سڄي کي سنڌي ترجمہ سميت شايع ڪيو ويندو ڇاڪاڻ تہ اصل لکيل ٻئي خط فارسي ۾ آهن. هن موقعي تي اسان شاہ صاحب جو سڄو خط ۽ مخدوم محمد معين جي ڏکهي خط

---

(١) اسان جي زير نظر قلمي نسخي ۾، هن رسالي جو نالو هن طرح ڄاڻايل آهي: "رسالہ اويسيہ ـ تصنيف مخدوم محمد معين التتوي عليہ الرحمة والغفران."

(٢) راقم، جناب پير وهب الله شاہ صاحب جن جو نهايت شڪر گذار آهي جو سندن مهرباني سان ئي "رسالہ اويسيہ" جي تفصيلي مطالعي جو موقعو ملي سگهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان صرف شاهہ صاحب جي سوالن جي جوابن جو (خود مخدوم صاحب جي لفظن ۾) خلاصو ترجمي سان ڏيون ٿا. انهيءَ لاءِ تہ ٻنهي صاحب جو هي تاريخي خط اهل علم حضرات جي عام مطالعہ هيٺ اچي وڃي. آداب خط و ڪتابت جي لحاظ سان ٻنهي صاحب جي خط جو عنوان هن طرح چاٿايل آهي: "سوال خدام حضرت شاه صاحب سلمه الله" جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "حضرت شاهہ صاحب. شل ڏٿي سلامت رکيس، جي خادمن جو سوال" . ساڳيءَ طرح مخدوم صاحب جي جوابي خط جو عنوان آهي "جواب خدام مخدومنا سلمه الله" يعني "اسان جي مخدوم، شل ڏٿي سلامت رکيس، جي خادمن جو جواب" . اهي عنوان صرف آداب خط و ڪتابت جي لحاظ سان ڏنل آهن جو ان وقت هڪ عام دستور هو. انهن عنوانن جي اها معنيٰ نہ آهي تہ ڪو اهي خط شاهہ صاحب ۽ مخدوم صاحب جي خادمن هڪ ٻئي ڏي لکيا. مخدوم صاحب سندن جواب ۾ پنهنجو نالو صاف طور لکيو آهي جنهن مان بلڪل واضح آهي تہ هي خط و ڪتابت خود شاهہ صاحب ۽ مخدوم صاحب جي وچ ۾ هئي. "سلمه الله" جي لفظن مان ويتر تصديق ٿئي ٿي تہ هي خط هنن بزرگن جا سندن حياتيءَ ۾ لکيل آهن.

## سوال خدام حضرت شاهہ صاحب سلمه الله

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(١) چہ فرمايند علماء ڪرام مراجع انام اندر آنچہ لفظ "اويسي" در ڪلام طائفہ صوفيہ رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقع شده يا نہ؟

وبر تقدير کہ واقع شده باشد، چہ معنيٰ دارد ؟

اگر "اويسي" ڪسي است کہ فيض از روحانيت گيرد، مرشد ظاهر با اين منافات دارد يا ندارد ؟

(٢) ونيز فيض گرفتن از ميت در عالم برزخ عقل و شرع آنرا تجويز نمايد يا نمايد ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) ونيز فقر و سلوک را باقوال علماي ظاهر منافات هست يانہ؟

(۴) ونيز يکي از کبار ان اولياء الله تعاليٰ کہ مشهور بخوارق عادات وکرامات باشد، ليکن سلسلۂ ارادت بتعين مشائخ، مثل سلسلہ نقشبنديہ و قادريہ مشهور ندارد طريقۂ آن بزرگ راست بنياد و بي اصل توان گفت يانہ ؟

(۵) شماکہ علماي حامي ـ دين وبيان کننده قبيح و حسن اند، مي پرسم شماراکہ جواب اين مقدمات چہ باشد؟ وميخواهم کہ بعبارت فارسي سهل الماخذ آنرا بقيد قلم آريد کہ نفع عام شود و انتفاع باقي ماند. جزاکم الله سبحانہ و عافاکم کما يحب و يرضي واجرکم ورضي عنکم آمين."

## جواب خدام حضرت مخدومنا سلمه الله

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حامد الله سبحان العظيم ومصليا و مسلما عليٰ رسولہ الکريم واهل بيتہ الفخيم واصحاب ذوي الفضل العظيم ـ اما بعد:

(۱) جواب سوال اول آن است کہ "اويسي" درکلام حضرت صوفيہ واقع شده واشتهار يافتہ، چناچہ برناظر کتب قوم مخفي و مستور نباشد و "اويسي" کسي راگويند کہ روحانيان را در تربيت و تکميل او دخل باشد و اين معني منافات با پير ظاهر ندارد ...

(۲) جواب سوال دويم آن است کہ فيض گرفتن از اهل قبور و امداد جستن ازايشان شرعاً و عقلاً جائزاست ودرحکايات احوال مشائخ عظام کہ بنقل ثقاة واة بثبوت پيوستہ است، واقع و کائن است. ونزديک طائفہ صوفيہ کرام امري است معهودو مشهور ....

(۳) جواب سوال سيوم آن است کہ تبعيت علماء، کہ تبيعت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرع محمدي است. شرط فقرو سلوک است. منافات چہ معني دارد .....

(۴) جواب سوال چهارم آن باشد کہ چندين هزار اوليا ۽ مقربين گذشتہ اند کہ سلسلہ مشائخ ايشان شهرت نداشت ـ اين همہ دوستان خدا بگمنامي در جهان وباديها عمر بسر بردند مگر اولياءَ ببودند. امام يافعي در "روض الرياحين" اولياءَ را نقل مي کند آنها کہ داند کہ در کدام سلسلہ بودند و از شيوخ کدام واسطہ داشتہ اند. خواجہ حافظ شيرازي کسي نميدانہ کہ از کہ سبق علوم باطن خوانده ـ چناچہ در "نفحات" آورده است اين معني شرط ولايت نيست و بدين سبب طعن نمودن و طريق ايشان رابي اصل گفتن جرات و گستاخي است.

(۵) و الله سبحان و تعاليٰ هو العاصم عن الزلل والخطا ۽ والنسيان وهو المستعان وعليہ التکلان. اميد از نظر کنندگان اين چند ورق آن است کہ اين عاصي سراسر معاصي محمد المقلب بالمعين ابن محمد المقلب بالامين را بدعا ۽ حصول حقيقت اسلام و وصول باسرار شريعت مطهر و ختم بر کاربران کنند.

## حضرت شاه صاحب سلمه الله جن جي خادمن جو سوال

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(۱) علماء ڪرام، جيڪي خلق جي رجوعات جا مرڪز آهن، هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائين تہ: لفظ "اويسي" صوفين جي جماعت جي ڪلام ۾ آيل آهي يا نہ ؟ جيڪڏهن آيل آهي تہ ڪهڙي معنيٰ اٿس؟ جيڪڏهن "اويسي" اهو شخص آهي جيڪو روحاني فيض حاصل ڪري ٿو تہ (ان حالت ۾) ظاهري مرشد (ونڻ سندس) هن (عمل ۽ اعتقاد) سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالفت رکي ٿو يا نہ؟

(٢) ۽ پڻ ان ميت کان جيڪو عالم برزخ ۾ آهي، فيض وٺڻ کي عقل ۽ شريعت جائز ڏيکارين ٿا يا نہ ؟

(٣) ۽ پڻ فقر ۽ سلوڪ (جي نظرين) جي، ظاهري عالمن جي قولن سان مخالفت آهي يا نہ ؟

(۴) ۽ پڻ اولياءَ الله مان ڪو وڏو ولي جو (سندس) عجيب ڪارنامن ۽ ڪرامتن سبب مشهور هجي، مگر (پنهنجو) مريديءَ جو سلسلو ڪن خاص مشائخن، جهڙوڪ نقشبندين يا قادرين، سان رکندڙ نہ هجي تہ پوءِ ان بزرگ جي طريقي کي ضعيف ۽ بي بنياد چئي سگهجي ٿو يا نہ؟

(۵) اوهان، دين جي مددگارن ۽ برائي ۽ ڀلائي جي بيان ڪندڙن کان پڇان ٿو تہ انهن مسئلن جو جواب ڪهڙو آهي؟

چاهيان ٿو تہ انهن (جوابن) کي سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪريو تہ عام فائدو ٿئي ۽ اهو نفعو هميشہ لاءِ باقي رهي. شل ڌڻي تعاليٰ اوهان کي پنهنجي محبت بخشي، ۽ اوهان کي اجر ڏئي ۽ اوهان کان راضي رهي. آمين !

اسان جي حضرت مخدوم سلمه الله جن جي خادمن جو جواب

بسم الله الرحمٰن الرحيم

(١) پهرئين سوال جو جواب هيءُ آهي تہ: لفظ "اويسي" صوفي حضرات جي ڪلام ۾ آيو آهي ۽ عام استعمال ٿيو آهي جيئن تہ هنن بزرگن جي ڪتاب پڙهندڙن کان لڪل ۽ ڳجهو نہ آهي. "اويسي" انهيءَ شخص کي چوندا آهن جنهن جي تربيت ۽ تڪميل ۾ روح وارن کي دخل هجي. هيءَ (روحاني فيض وٺڻ) ظاهري مرشد وٺڻ جي مخالف نہ آهي ......

(٢) ٻئي سوال جو جواب هيءُ آهي تہ: اهل مماتي کان فيض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونڻ شرعاً خواه عقلاً جائز آهي ۽ (اهو دستور) وڏن درويشن جي حالات ۾ پڻ موجود آهي جيڪي (حالات) معتبر ذريعن رستي نقل ٿي (اسان تائين) پهتا آهن. ۽ پڻ صوفياء ڪرام وٽ اها ڳالهه عام طور تسليم ٿيل آهي ....

(٣) ٽئين سوال جو جواب هيءُ آهي ته: علماء جي متابعت، جا (حقيقت ۾) شرع محمدي جي متابعت آهي، فقر ۽ سلوڪ جو هڪ خاص شرط آهي. انهيءَ ڪري (فقر ۽ سلوڪ جي نظرين ۽ ظاهري عالمن جي قولن ۾) مخالفت بي معنيٰ آهي.

(٤) چوٿين سوال جو جواب هيءُ آهي ته: ڪيئي هزار الله جا پيارا اولياء ٿي گذريا آهن. جن جي مرشدن جو سلسلو مشهور نه هو. انهن مڙني خدا جي دوستن هن جهان ۽ ان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گمنامي جي زندگي گذاري مگر هئا اولياء. امام يافعي "روض الرياحين" ۾ انهن ولين جو ذڪر ڪيو آهي جن جي ڪيس خبر هئي ته ڪهڙن سلسلن مان هئا ۽ ڪهڙن مشائخن سان لاڳاپيل هئا (ان مان معلوم ٿئي ٿو ته) خواجه حافظ شيرازي جي ڪنهن کي به خبر ناهي ته ڪنهن کان باطني علم جو سبق پڙهيو هئائون.

جيئن ته (مولانا جامي جي ڪتاب) "نفحات" ۾ آيو آهي. هيءَ ڳالهه (يعني ظاهري مرشد ونڻ) ولايت جي لاءِ ڪو شرط نه آهي، ۽ انهي ڪري طعنه هڻڻ ۽ اهڙن (بزرگن) جي طريقي کي بي بنياد چوڻ جرأت ۽ گستاخي آهي.

(٥) تحقيق الله پاڪ ئي غلطي ۽ خطا ۽ ويسر کان بچائيندڙ آهي: ان جي ئي مدد درڪار آهي ۽ انهي تي ئي توڪل آهي. هنن ورقن تي نظر ڪندڙ صاحبن کان هيءَ اميد ڪجي ٿي ته هو هن عاصي گنهگار محمد لقب "معين" ولد محمد لقب "امين" کي اسلام جي حقيقت جي حاصل ٿيڻ ۽ شريعت جي اسرارن تائين پهچڻ ۽ انهيءَ تي خاتمي ٿيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دعا ڪندا.

شاه صاحب جن جي خط جي روشنيءَ ۾ هيٺيون ڳالهيون غور طلب آهن:

(١) گمان غالب آهي تہ شاه صاحب جن اويسي طريقي جا طالب هئا ۽ روحاني فيض ئي سندن قلب کي روشن ڪيو. جيتوڻيڪ ابتداءَ ۾ ڪٿي پنهنجي والد کان بہ تلقين ورتي هئائون.

(٢) شايد روحاني فيض جي طلب هئڻ ۽ ڪنهن مربي مرشد جي مريد نہ هئڻ سبب، شاه صاحب تي ڪن ماڻهن طرفان اعتراض ٿيا هجن ۽ انهيءَ ڪري ئي پاڻ هيءُ خط مخدوم محمد معين صاحب ڏي وضاحت لاءِ لکيائون.

(٣) خط جي عبارت ۽ سوالن جي سلسلہ مان شاه صاحب جي علم ۽ فڪر تي هڪ خاص روشني پوي ٿي. شاه صاحب جي مخدوم صاحب جن کي خاص تاڪيد تہ سليس فارسيءَ ۾ جواب ڏنو وڃي تاڪہ هر ڪو شخص هن ڳالهہ کي سمجهي سگهي، ڏيکاري ٿو تہ شاه صاحب کي سليس ۽ ڳوڙهي فارسي عبارت جي فرق جي پوري ڄاڻ هئي ۽ سليس فارسي جي عام فائدي جو احساس هئن، هيءَ اندروني شاهدي، شاه صاحب جي فارسي مان واقفيت تي هڪ خاص دليل آهي.

(۴) جيئن تہ غالباً شاه صاحب جن اويسي طريقي ڏانهن مائل هئا، ان حالت ۾ ڪين مليل روحاني فيض جو سراغ لڳائڻ بہ ضروري آهي. روحاني فيض جا غالباً بہ خاص سر چشما هئا: (١) اول ۽ اعليٰ، نبي ﷺ جي روحاني فيض ئي شاه صاحب جي قلب کي روشن ڪيو، انهيءَ گهري حقيقت جو اعتراف شاه صاحب، نبي سڳوري جي آندل پيغام جي اهميت ۽ اتان مليل ”ذات“ جي وضاحت هن بيت ۾ ڪئي آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون نياپو آئيو، راڻي ملا رات
لڌي سون لطيف چئي، ڏاتر ڪنان ڏات
کهڙي پڇي ذات، جي آيا سي اگهيا.

ازانسواءِ ڀٽائي صاحب نبي ﷺ کي پنهنجي هيٺين بيت ۾ خاص عنايت ۽ ڪرم جي استدعا ڪئي آهي تہ:

جاسين جياريس، هادي رکين حفظ ۾
محتاجي مخلوق جي، قادر نہ ڪارين
عربي ! عبداللطيف کي ويل نہ وسارين
پرڪش پياريس، پازيءَ دران پانهنجي.

ٻيو تہ ڀٽائي صاحب پنهنجي آبائي سلسلہ طريقت موجب قادري مشرب جو هو ۽ انهي لحاظ سان قادري طريقي جي باني مباني جناب محي الدين عبدالقادر جيلاني (رحہ) سان بہ سندس خاص روحاني انس هو. انهي روحاني عقيدت سبب ئي ڀٽائي صاحب پنهنجي هيٺين بيتن ۾، هڪ مريد جي حيثيت ۾ کين پنهنجو "هادي" ۽ "وسيلو" ڪري سڏيو آهي:

(١)

ميران شاه ! مدد تي، محي الدين ملي
آهين عبداللطيف جو وسيلو ولي
حسني پير هلي، ڪرڪا ماڙ مريد تي.

(٢)

ميران شاه! مدد ڪر، دانهہ سڻي دادي !
آهين عبداللطيف جو، حسني! تون هادي
بادشاه بغدادي ! ڪر ڪا ماڙ مريد تي.

(٣)

ميران شاه مدد ڪر، اڃي اهڪيءَ وير
لله لڳ، لطيف چئي پر پازيءَ ڏي پير
اولاد عليءَ شير، ڪر ڪا ماڙ مريد تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهائڻ البت مشڪل آهي. هن عربيءَ ايراني موسيقي جي نظام ۾ ديسي هندوستاني موسيقيءَ جي روايت کي پاڻ ۾ ملايو، ۽ نه رڳو نظرياتي ٻيج گهڙ ڪيائين پر نون سُرن، تالن، ليئن، راڳڻين ۽ نئين طرز ادا جو عملاً مظاهرو ڪري ڏيکاريائين. جنهنڪري ئي نئين ”هندوستاني راڳ“ جلد ئي هڪ مخصوص علمي رنگ حاصل ڪيو: يعني ته مندرن ۽ مذهبي رسمن تائين محدود هئڻ يا ڪهنين لکيتن ۾ نظرياتي حيثيت ۾ قلمبند هئڻ جي بجاءِ ”هندوستاني راڳ“ هاڻي هڪ زنده جاويد فن بنجي پيو. موسيقيءَ جي ٻن روايتن کي هڪ قالب ۾ ڳنڍڻ وارو امير خسرو جو اهو ڪارنامو اعليٰ فن (High Art) جي دائري ۾ هو: يعني ته هن ٻن ڪلاسيڪي موسيقين جي بنيادي شڪلين ۽ اصولن کي نئين سِر سموهي ڪين ”هندوستاني موسيقي“ جي نئين شڪل ۾ همنوا بنايو. ”ڪلاسيڪي موسيقي جي اعليٰ فن“ جي دائري کان ٻاهر، امير خسرو ”قوالي“ جي طرز ايجاد ڪئي، جنهن کي منقبتن ۽ مداحن ڳائڻ جو ذريعو بنايو ويو.

امير خسرو کان تقريباً چار سؤ سال پوءِ شاهه عبداللطيف ميدان تي آيو. هو امير خسرو وانگيان وڏو شاعر ۽ صوفي هو. هو هڪ محب وطن هو، جنهن عوامي زبان (سنڌي) کي ئي پنهنجي فڪر جي ترجماني جو ذريعو بنايو، حالانڪ فارسي انهيءَ وقت ۾ پڻ درباري زبان هئي. امير خسرو جيتوڻيڪ فارسي استعمال ڪئي، پر انهي سان گڏوگڏ ڀاشا (عوامي زبان) کان پڻ ڪم ورتو ۽ ديسي محاورن کي استعمال ڪرڻ ۾ جڻ خوشي ٿي محسوس ڪيائين. امير خسرو وانگيان شاهه عبداللطيف به موسيقيءَ جي ميدان ۾ هڪ نئين تحريڪ جو باني بڻيو.

معلوم ٿو ٿئي ته شاهه عبداللطيف کي هندوستاني موسيقيءَ جي بنيادي اصولن توڙي روايات جي پوري پروڙ هئي. سنڌ جو قديم تخت گاهه ٺٽو، مغليه دور جي شروعات کان وٺي راڳ ۽ راڳيندڙن جو مرڪز هو. هندوستان ۾ شهنشاهه اڪبر ۽ سنڌ ۾ ترخانن جي دور ۾، موسيقي ايتري قدر ته مقبول عام ٿي چڪي هئي جو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معتبر روايت موجب ننڍي جي هر گهر مان سريلا آلاپ ۽ پکواز جا ٻول گونجندا هئا. اها رسم غالباً شاهه صاحب جي زماني تائين جاري رهي، ڇاڪاڻ جو ننڍي جي نواب جي درٻار، دهليءَ ۾ ايجاد ٿيل موسيقي جي نئين طرزن ۽ نئين مذاق جو گهوارو رهندي پئي آئي.
هندوستاني موسيقي جي روايت امير خسرو جي زماني کان وٺي ترقي ڪندي مغليه دور ۾ عروج تي پهتي. مگر مغليه شان شوڪت جي زوال سان گڏ موسيقيءَ جي زوال جي پڻ ابتدا ٿي. شاهه عبداللطيف، محمد شاهه (۴۹ ـ ۱۷۴۸) جو وڏ ڏٺو. محمد شاهه جي درٻار ۾ راڳ جي مصنوعي طرزن ۽ ٽڪساٽ، پراڻين زوردار ۽ مشڪل طرزن جي جاءِ والاري. انهيءَ دؤر ۾ ويندي صوفي راڳ پڻ قوالي جي فرسوده طرز تائين محدود رهجي ويو.
اهي هيون حالتون جن ۾ شاهه عبداللطيف هيٺين ٻن مکيه مقصدن خاطر موسيقيءَ جي نئين تحريڪ جي شروعات ڪئي:
(۱) اول ته ”هندوستاني موسيقي“ جي عربي ـــ ايراني اصليت کي قائم رکڻ ۽ اصلي راڳن کي جيارڻ، جن تي انهيءَ موسيقيءَ جي واڌاري ۽ وسعت جو مدار هو، ۽ ٻوئين مصنوعي رنگ کي، جنهن موسيقيءَ جي واڌاري ۽ سڌاري کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو، تنهن کي ميٽڻ.
(۲) ٻيو ته هندوستاني موسيقي جي ڪلاسيڪي روايت جيڪا ذري گهٽ موت جي دروازي تي پهچي چڪي هئي، ان ۾ ٻاهرين ملڪن جي راڳن راڳڻين جي داخل ڪرڻ بدران مانهن جي پنهنجي عام ديسي نغمن جي پيوند سان نئين زندگي آڻڻ.
شاهه عبداللطيف ”موسيقي“ جي انهيءَ نئين تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ سنه ۱۷۴۲ع ڌاري جڏهن هن ڀٽ تي هميشه لاءِ سڪونت اختيار ڪئي، تڏهن هڪ مستقل ”راڳ جو ادارو“ قائم ڪيو. ان سلسلي ۾ پاڻ هڪ نئون ساز ايجاد ڪيائين ۽ پنهنجن فقيرن جي هڪ گروهه کي پنهنجي موسيقي ۽ ريل شعر کي نئين طرز سان ڳائڻ جي تربيت ڏنائين، جنهن موجب سندس ڪلام کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختلف موضوعن جي لحاظ سان جدا جدا سُرن ۾ ڳايو ويو ۽ انهيءَ ڪري مختلف موضوعن بابت سندس بيتن ۽ واين لاءِ اهي ”موسيقيءَ جا سُر“ ئي باب بنجي ويا. هر ”سُر“ هيٺ آيل ڪلام کي مخصوص لئي ۽ راڳڻيءَ ۾ ڳايو ويو. ۽ هر ”سُر“ کي انهيءَ لئي يا راڳڻي جي نالي سان ئي سڏيو ويو. سڪون ۽ اطمينان سان راڳ مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ، راڳ جي مجلس رات جو عشاء کان وٺي فجر نماز تائين مقرر ڪئي وئي. شاهه پنهنجي زندگيءَ جي ايندڙ ڏهن سالن ۾ موسيقي جي هن نئين اداري ۽ طرز ادائگيءَ کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ اداري کي تمر فقير جي رهبري هيٺ، تربيت يافته ڳائڻن فقيرن جي جماعت جي حوالي ڪيو. شاهه عبداللطيف جي وفات (١٧٥٢ع) کان پوءِ، هر جمعي رات کي ”شاهه جي راڳ“ ڳائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. سنڌ جي علائقائي موسيقي کي زنده ڪرڻ ۾ انهيءَ اداري جو وڏو هٿ هو. علائقائي موسيقيءَ تي انهيءَ اداري جي اثر توڙي اُن جي عملي تسلسل مان اسين اُن نئين موسيقي تحريڪ جي نوعيت توڙي مقصد ۽ مفهوم جو مطالعو ڪري سگهون ٿا، جنهنجي شاهه صاحب بناء وڌي.

### نئون ساز :

شاهه عبداللطيف نئين موسيقيءَ لاءِ سڀ کان پهريائين هڪ نئون ساز ايجاد ڪيو جنهن کي ”طنبوري“ جو نالو ڏنائين. طنبوري جو انتخاب، هندوستاني موسيقيءَ جي روايت مطابق هو. ”طنبور“ دراصل مصر ۾ ايجاد ڪيو ويو جتان مشرق وسطيٰ ۽ ايران ۾ پهتو ۽ اتان وري هن برصغير ۾ رائج ٿيو. آڳاٽا عرب موسيقار جيڪو ساز استعمال ڪندا هئا ان ۾ چار تارون هونديون هيون. ساڳيءَ ريت هن برصغير جو ”طنبور“ به ”چؤتار“ ئي رهندو آيو، پر شاهه عبداللطيف پنهنجي نئين ”طنبوري“ ۾ پنجين تار به ڳنڍي. هن نئين طنبوري جي سثاء هن طرح قائم ڪئي ويئي جو ان جون پنج تارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـيـئـين ريـت آواز ڏيـڻ لـڳـيـون: هـڪ ڇيـڙي ڪان ٻـاهـريـن تـار ”مـنـد سـپـتـڪ“ جي ”پـنـچـم“ جو سُر ڏيـڻ لـڳي، انـهـيءَ تـار کي ”زبـان“ سڏيو ويو، يعني اها تار هن نئين طنبوري جي زبان بڻي، جيڪا هر نئين راڳڻي ڇيڙڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳي. هن سناءَ موجب ”کرج“ جي بدران ”پنچم“ هن نئين راڳ ۾ جڻ تہ بنيادي سُر بڻيو. هيءُ اصول ”عربي ـــ ايراني“ راڳ جي روايت مطابق هو ۽ اڄان تائين بہ عربي ۽ ايراني نغما مٿين لئي ۾ ڳايا وڃن ٿا. طنبوري جي باقي ٽئن تارن جي سناء ٻئي ڇيڙي کان هن طرح قائم ٿي: ٻئي ڇيڙي کان ـــ ٻهرين تار کي بلوچستاني ”دنبوري“ جي سناء موجب ”گهور“ سڏيو ويو، اها تار ”مندرسپتڪ“ جي ”سا“ تي قائم ڪئي ويئي. ٻي تار ۽ ٽين تار انهن ٻنهي کي ”جاڙيون“ سڏيو ويو ۽ اهي ”مند سپتڪ“ جي ”سا“ تي قائم ڪيون ويون. چوٿين تار (”زبان“ جي ٻر واري) کي ”ٽيپ“ سڏيو ويو، ۽ اها ”تار سپتڪ“ جي ”سا“ تي قائم ڪئي ويئي. اها ”زبان“ جي ٻر واري تار جيڪا ٻين عام ”طنبورن“ ۾ ڪانہ ٿي ملي، سا شاهہ صاحب وڌائي.

ٻيو تہ هي نئون طنبورو دف جو بہ ڪم ڏيڻ لڳو. جڏهن راڳ شروع ٿو ٿئي تڏهن شروع ۾ ئي طنبوري تي نئين راڳڻي کي ڇيڙيو ويندو آهي. داستان جي بيتن کان پوءِ جڏهن ”وائي“ شروع ڪئي ويندي آهي، تڏهن راڳيندڙ پنهنجي ساڄي هٿ جي ضرب سان طنبوري مان گهربل ”تال“ جو ڪم وٺندو آهي. شاهہ صاحب جو مقصد، ”تال“ جي منجهيل فن کي آسان ڪرڻ هو. انهيءَ ڪري ٻاڻ فقط بہ بنيادي ”تال“ تجويز ڪيائين جن کي ”ڏيڍي“ ۽ ”دوتالي“ سڏيائين. انهن ٻن تالن جي ضربن تي ئي سندس راڳ جون سڀ راڳڻيون ڳايون ويون. ازانسواءِ شاهہ صاحب پنهنجي طنبوري ذريعي هڪ سولو تار ”ڇيڙ“ بہ ايجاد ڪيو، جنهن تي ڪن خاص سرن جي واين کي ”رواياتي تال“ جي قيد و بند کان سواءِ ڳايو ويو. انهيءَ طريقي کي هن نئين اصول موجب رائج ڪيو ويو تہ آلاپ ڪنهن خارجي تال جي ضربن جي بند ۾ گهيريل نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي، بلڪ راڳ جي اندروني لئي سان هم آهنگ ٿئي. هن اصول جو ذڪر اسان کي ڀٽائي صاحب جي ترتيب ڏنل ”صوتي موسيقي“ ڏانهن متوجہ ڪري ٿو.

## صوتي موسيقي جي نوعيت :

شاهہ صاحب موسيقيءَ جي هن نئين اداري ذريعي سُرن ۽ راڳن جي نوعيت ۽ نظام بابت ڪهڙا نوان نقطا ايجاد ڪيا، ان کي سمجهڻ لاءِ ڪافي تحقيق جي ضرورت آهي. شاهہ جي رسالي ۾ سُرن جي نالن سان راڳڻين جي درج ٿيل انتخاب جي مطالعي توڙي ”شاهہ جي راڳ“ کي جنهن نموني سان ڳايو وڃي ٿو، ان جي جائزي مان اسين هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا:

(۱) راڳ جي هن نئين اداري هيٺ نئين طرز ادا لاءِ جملي ڇٽيهہ راڳڻيون چونڊيون ويون، جن مان ٽيهہ راڳڻيون فقط شاهہ جي پنهنجي شعر لاءِ ۽ باقي ڇٽيهہ ٻين شعرن لاءِ مخصوص ڪيون ويون. ڇٽيهن راڳڻين جي انتخاب مان ظاهر آهي تہ شاهہ صاحب ڇهن راڳن ۽ ڇٽيهن راڳڻين جي قديم روايت کي برقرار رکڻ ٿي چاهيو.

(۲) اصلوڪي ”عربي-ايراني موسيقيءَ“ جي روايت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ شاهہ صاحب انهن چونڊ ڇٽيهن راڳڻين ۾ ”يمن“ ۽ ”حسيني“ نغمن کي شامل ڪيو. عربي موسيقيءَ جي نظام موجب، ”حسيني“ بنيادي ٻارهن مقامات يا نغمن منجهان هڪڙو نغمو آهي، ۽ ”يمن“ بہ عربي راڳ جي نظام جو جز آهي. امير خسرو، انهن ٻنهي نغمن کي، مڪمل يا جزوي طور، هندوستان جي ديسي موسيقيءَ جي نغمن جي جوڙ سان نين راڳڻين ايجاد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. اهڙيءَ ريت ”ايمن“ ۽ ”ايمن ڪلياڻ“، ”يمن“ نغمي جي جوڙ سان پيدا ٿيا ۽ ”حسيني“ جو ٻڻ مقامي طرزن سان پيوند ڪيو ويو. امير خسرو جي ”حسيني“ واري پيوند مان ٿي پوين استادن ”حسيني ڪانرو“ ۽ ”حسيني توڙيءَ“ جون طرزون ايجاد ڪيون. ان ڪانپوءِ شاه عبداللطيف ڀٽريون داناءُ هو جنهن يمن ۽ ”حسيني“ نغمن کي سندن اصلي نالن سان پنهنجي انتخاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل راڳڻين ۾ جاءِ ڏني.

(٣) باقي رهيل چوٽيهن راڳڻين مان، شاهه صاحب ١٧ هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقي مان ۽ ١٧ مقبول عام ديسي ڌنن مان انتخاب ڪيون. ڪلاسيڪي موسيقيءَ مان سندس انتخاب ڪيل هيٺيون راڳڻيون آهن:

(١) ڪلياڻ (٢) ڪنڀات (ڪماج) (٣) سري راڳ (٤) سهڻي (٥) سارنگ (٦) ڪيڏارو (ڪدارا) (٧) ديسي (٨) سورٺ (٩) برووهندي (ڪلاسيڪي) (١٠) برووسندي (١١) رامڪلي (١٢) بلاول (١٣) آسا (١٤) ڌناسري (١٥) پوربي (١٦) ڪاموڏ ۽ (١٧) بسنت.

شاهه صاحب جي راڳ جي اداري هيٺ انهن راڳڻين جي ادائگيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته پاڻ ڪلياڻ، بلاول ۽ ڪنڀات (ڪماج) کي پنهنجي اصلوڪي (شڌ) شڪل ۾ قائم رکيائين. ڇاڪاڻ ته اهي بنيادي ٺاٺ آهن جن مان ٻيون راڳڻيون پڻ نڪتل آهن. باقي ١٤ راڳڻين کي انهيءَ روپ ۾ قائم رکيو ويو، جنهن ۾ مقامي طور انهن کي ماڻهو ڳائيندا هئا. انهيءَ ڪري "شاهه جي راڳ" ۾ انهن راڳڻين جي لئي سندن ڪلاسيڪي گهاڙيٽي سان مطابقت نٿي رکي.

شاهه صاحب هيٺيون ١٧ راڳڻيون "عوامي موسيقي" مان چونڊيون: (١) سامونڊي (٢) آبري (٣) معذور (٤) ڪوهياري (٥) راڻو (٦) ڪاموڙي (٧) رپ (٨) ليلان (٩) ڌهر (١٠) ڪاپائتي (١١) پرڀاتي (١٢) گهاتو (١٣) شينهن ڪيڏارو (١٤) مارئي (١٥) ڏول مارئي (١٦) هير ۽ (١٧) ڪارايل. اهي ايتريون ساريون راڳڻيون جي عوامي موسيقيءَ مان ورتيون ويون، تن جي اصل بنياد، اهميت ۽ نوعيت جي پروڙ لاءِ گهري مطالعي جي ضرورت آهي. انهن راڳڻين مان ڪجهه اسان کان گم ٿي چڪيون آهن، ڇاڪاڻ ته ٻوين ٻن سون سالن جي عرصي ۾، "شاهه جي راڳ" ڪندڙن کان اهي وسري ويون. موجوده عوامي نغمن جي هيئت به بدلجي چڪي آهي ۽ فقط هڪ نغمو "معذور" آهي جنهن کي اسان "شاهه جي راڳ"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان ٻاهر ڳولي هٿ ڪيو آهي. اهو لسٻيلي جو ديسي نغمو آهي ۽ اڄ تائين اتي مقبول عام آهي.

”شاهه جي راڳ“ هيٺ، متين راڳڻين جي انتخاب جي نوعيت معنيٰ خيز آهي. هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۽ عوامي موسيقيءَ مان هڪ جيترين راڳڻين جي شموليت ڏيکاري ٿي ته شاهه جو مقصد هو ته عوام جي موسيقيءَ جو معيار بلند ٿئي ۽ ان جي پائندگي ۽ تر و تازگي سان فرسوده ڪلاسيڪي روايت ۾ پڻ جان پوي، جيڪا پنهنجي دقيق فني پيچيدگين سببان پنهنجو جوهر وڃائي چڪي هئي جنهن ۾ عام ماڻهن لاءِ ڪابه جاذبيت ڪانه رهي هئي.

شاهه لطيف جي بنايل نئين موسيقي اداري ۽ تحريڪ جو سنڌ جي مقامي موسيقيءَ جي لاڙي تي گهرو اثر پيو. ڪلاسيڪي راڳڻين مان ڪلياڻ، سارنگ، ڪيڏارو، سورٺ، آسا، بلاول، ڌناسري ۽ بسنت، سنڌ ۾ نهايت مقبول ٿيا. ٻئي پاسي ڪوهياري، رائو، ڏهر ۽ پرڀاتي، جن کي مقامي اهميت حيثيت حاصل هئي تن کي تمام گهڻي وسعت ملي ۽ انهن کي ساري ملڪ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو ويو. اڄ ڪلهه ”ڪوهياري“ ۽ ”رائي“ کي ريڊيو پاڪستان ذريعي ملڪ گير اهميت حاصل ٿي وئي آهي.

پڇاڙي ۾ شاهه عبداللطيف جي هڪ ٻئي ڪارنامي جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جيتري قدر ”صوتي موسيقيءَ“ جو تعلق هو، شاهه عبداللطيف اڪيلي سر هڪ ماڻهوءَ جي ڳائڻ جي بدران ٽولي جي ڳائڻ (Chorus) کي مروج ڪيو. پنجن ڇهن ڳائڻن جي گروهه کي هيٺينءَ ريت تقسيم ڪيو ويو. گروهه جو هڪ رڪن اڳواڻ ٿئي ۽ باقي سندس پيروي ڪن، پر جيڏي مهل ”وائي“ کي ڳائيندي لئي چوٽ کي پهچي، اوڏيءَ مهل اڌ ڪن راڳيندڙ هيٺ ”کرج“ جا سر ۽ باقي اڌ مٿي ”نڪات“ جا سر لڳائين. انهن هيٺين ۽ مٿين آوازن جي ميلاپ ”سرن جي هم آهنگي“ (Harmony) جو اثر پيدا ڪيو جا هن برصغير جي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي قسم جي پهرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ترقي هئي.

في الجملہ شاهہ عبداللطيف هڪ نئون ساز ايجاد ڪيو ۽ راڳ جي ادائگي جو هڪ نئون طريقو عمل ۾ آندو. موسيقيءَ ۾ ڪلاسيڪي راڳڻين ۽ عوامي نغمن جي ميلاپ سان هڪ نئين تحريڪ جو بنياد وڌو. شاهہ صاحب جي انهي تحريڪ کي زور وٺائڻ سان، يعني تہ هندوستاني موسيقي جي قالب ۾ عوامي موسيقيءَ جي پيوند لڳائڻ سان، پاڪستاني موسيقيءَ جي عملي صورت توڙي تاريخ ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو. پاڪستان غالباً علاقائي موسيقيءَ جي لحاظ سان تمام شاهوڪار ملڪ آهي ۽ هن ميدان ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪنهن موزون ثقافتي اداري جي ضرورت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر سورٺ جي معنيٰ ۽ حقيقت

درويش شاعرن جي صوفيانہ شعر جي باري ۾ اسين اڪثر چوندا آهيون تہ هڪ آهي ان جي ظاهري معنيٰ ۽ ٻي آهي ان جي اندروني يا حقيقي معنيٰ. مگر اهي سالڪ، جي هن وکر جا وينجهار آهن، تن جو چوڻ آهي تہ ظاهري معنيٰ کان سواءِ، جا ٻي معنيٰ آهي تنهن جا بہ ٻہ قسم آهن: هڪ صفاتي معنيٰ ۽ ٻي ذاتي يا حقيقي معنيٰ. صفاتي معنيٰ اها آهي جا ڪنهن ڳالهہ يا مثال تي مبني هجي. اهڙي معنيٰ کي علمي اصطلاح ۾ "تمثيلي" معنيٰ سڏجي ٿو. ذاتي يا حقيقي معنيٰ اها آهي جو صرف طالب ۽ حقيقي مطلوب، بندہ ۽ خداجي ذات پاڪ يا درويش شاعر ۽ سندس موليٰ سان محبت واري مام تي مبني هجي. انهيءَ لحاظ سان ذاتي يا حقيقي معنيٰ هڪ راز آهي، جنهن کي طالب شاعر پاڻ ڄاڻي ٿو. تحقيق "المعنيٰ في بطن الشاعر" انهيءَ ڪري حقيقي معنيٰ جيتوڻيڪ قدري ورجائي سگهجي ٿي مگر ان کي يقيني طور سمجهڻ جي دعويٰ اجائي آهي. ان جي برعڪس "نقلي"، "تمثيلي" يا "صفاتي" معنيٰ نسبتاً سولي آهي ڇوتہ اها ظاهري معنيٰ جي قريب تر ۽ عقلي دليلن جي مار ۾ آهي.

هن ضروري وضاحت بعد اسين پڙهندڙ صاحبن کي پنهنجو هي قول يا ڏياريون ٿا تہ "ڀٽائي صاحب پنهنجي صوفيانہ خيال، فڪر ۽ فلسفي کي، شعر جي نازڪ ڏوري سان سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهنين ڪهاڻين جي تاجي پيٽي ۾ اڻيو آهي". هاڻي ڏسڻو آهي تہ شاهہ صاحب راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي قصي ۾ خيال توڙي حال جي نقطہ نظر کان ڪهڙي صفاتي ۽ ڪهڙي ذاتي يا حقيقي معنيٰ ورجائي آهي.

هن ڳالهہ کي ڳولڻ لاءِ اڳ ۾ ڏسون تہ عام طرح سنڌ جي سگهڙن ۽ شاعرن "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ" جي قصي مان ڪهڙو مثال،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي معنيٰ ۾ ڪهڙي مراد ورتي آهي.

گذريل سال آءُ سنڌ جي هڪ سگهڙ سان ملڻ لاءِ پچائي وچي سندس ڳوٺ نڪتس. اوطاق تي ڏٺم ته ٻه پير مرد ڏار ڏار ٻن کٽن تي ستا پيا هئا. مون سلام ورائي پڇيو ته فلاڻو ڪٿي آهي؟ انهيءَ تي هڪ پير مرد ٿورو ڪنڌ مٿي ڪٽي هي بيت ڏنو ته:

ڏنو جو ڏياچ، سو سورٺ سرهو ئي نه ڪيو،
ڪنبي ويا ڪيرتيا، ڪماٽا ڪماچ،
جا وٽندڙ وائي وانچ، تنهن موهيو مڱڻهار کي.

اهو بيت ڏيئي چيائين ته، اڳ ۾ انهيءَ جي معنيٰ ڪڍي ڏي پوءِ توکي فلاڻو ملايون. مون ڏٺو ته جيتوڻيڪ هي بيت ٻڌائي صاحب جو نه آهي ته به آهي نهايت سهڻو سوڏو. مگر اهو سمجهي نٿي سگهيس ته اتي ڪير ڏياچ جنهن سر ڏنو ۽ ڪير سورٺ جنهن سرهوئي نه ڪيو. وري ڪير مڱڻهار ۽ ڪير اهو وٽندڙ (يا وٽندڙ وائي) جنهن جي وائي مڱڻهار کي موهيو.

مون کي خاموش ڏسي هن سگهڙ چيو ته هڪڙي معنيٰ هيءَ اٿس ته هت ڏياچ شيطان آهي جنهن اوائلي انڪار بعد پوءِ پڇتائيو ۽ سجدي ڏيڻ جو ارادو ڪيو. مگر سورٺ اهو سرهوئي نه ڪيو يعني ته زمين سواءِ امر الله جي اهو قبول ئي نه ڪيو. پوءِ ڪنبي ويا ڪيرتيا يعني ٻيا ملائڪ به هن سزا تي سمجهي ويا ۽ ”جا وٽندڙ وائي وانچ تنهن موهيو مڱڻهار کي“ يعني ته موليٰ کي جو آدم اُپائڻ جي ڳالهه وٽي هئي تنهن انهيءَ آدم جو درجو بلند رکي ان کي سرفراز ڪيو ۽ اهو سندس محبوب ٿيو. هي سگهڙ جنهن اها معنيٰ ڪئي سو هو حاجي طاهر گراٽو جو ڪي مهينا ٿيا جو گذاري ويو.

(٢) سر سورٺ ۾ آيل قصي جي ٻي تمثيلي معنيٰ جا سنڌ ۾ قدري عام آهي، سا هيءَ آهي ته:

چارڻ يا مڱڻهار آهي عزرائيل، جو وقت تي ساهه وٺڻ اچي ٿو ۽ بنا وٺڻ جي نٿو مڙي. ڪنهن سگهڙ چيو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هي جو آيو مڱڻو سو متارا ماري"
اُن جي گهر آهي پساهہ جي.

سورٺ آهي حياتي، جا ساهہ وڃائڻ نٿي گهري يا سورٺ آهي دنيا جنهن جي محبت انسان کي مجبور ڪري ٿي تہ من اجان ڪو دم جئي.

راءِ ڏياچ، آهي صالح يا نيڪ بندو جو دنيا جي رغبت جو ڪوبہ خيال نہ ڪري خوشيءَ سان سر تسليم خم ڪري ٿو. اهڙي صالح بندي مان بعضي اشارو نبي ڪريم ڏي هوندو آهي.

ڀٽائي صاحب جي "سر سورٺ" ۾ بہ ڪن بيتن ۾ "عزرائيل" جي پساهہ وٺڻ" واري هن معنيٰ ڏانهن واضح اشارو موجو آهي. مثلاً:

سر مڱي سر گهري، سر ري ٿئي نہ صلاح
غريبئون نہ گذري، ٿو ماري مير ملاح
نايو نوابن جا ٿو سوريو ڪڍي ساهہ
خالق سنجهہ صباح، ڪونہ ڇڏيندو ڪنهين.

وري ٻئي بيت ۾ آهي تہ:

موتي مڱڻهار، شال مَ اچين ڪڏهين
انئي پهر اجل جو ڪندو منجهہ ڪپار
جئن تو سڀ جمار، هنياڇت پٽن سين.

سچ تہ اڻ تر عزرائيل، ڇٽ پٽن ساڻ هٽي، تخت بخت تاراج ڪري، ڪئين مير ماري ڇڏيا. اها آهي هن سر جي ٻي تمثيلي معنيٰ.

(٣) هن ساڳي معنيٰ ۾ مگر ذرا تفاوت سان ٻئي هڪ سگهڻ. ڀٽائي صاحب جو هي بيت شاهدي طور پڙهيو تہ:

سورٺ مئي سک ٿيو، خيما کنيا ڪنگهار،
نہ ڪو راڳ نہ روپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار،
موتي مڱڻهار، ڏنو سر ڏياچ کي.

چيائين تہ: هت سورٺ دنيا آهي جنهن تان جڏهي ڪنگهار يعني پروردگار "خيما کنيا" يعني مهر ڪنئي، تڏهن آخري طور اسرافيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوڪ ڏيئي ان کي ختم ڪري ڇڏيو. ان وقت پيو سڀ هل به ختم ٿي ويو ۽ الله تعاليٰ جي ذات وڃي باقي رهي. انهيءَ وقت "موٽي مڱڻهار ڏنو سر ڏياچ کي" يعني ته اسرافيل جنهن سڄي ڪائنات جي جان ورتي، تنهن به آخر ۾ پنهنجو پساهه موليٰ جي سپرد ڪيو. اها آهي ٽين تمثيلي معنيٰ.

(۴) چوٿين تمثيلي معنيٰ ڏانهن اسان کي هڪڙي ٻئي سگهڙ متوجهه ڪيو. ڪائنس پڇيم ته، پٽائي صاحب جي سر سورٺ ۾ چارڻ ڪير، راءِ ڏياچ ڪير ۽ سورٺ ڪير؟. هن سالڪ سگهڙ (۱) ٿورو سهي جواب ڏنو ته: چارڻ آهي عشق حقيقي، راءِ اهو جنهن کي اهو لڳي ۽ سورٺ آهي شريعت. جا چوندي ته قدم سنڀالي سولو ڪڻ. هن سگهڙ جو جواب به لک جو آهي.

هاڻي انهن چئن تمثيلي اشارن ۽ معنائن بعد اسين ڪي پيون معنائون بيان ڪريون ٿا، جي پڻ ڪنهن حد تائين تمثيلي آهن مگر جيئن ته اها تمثيل صرف طالب ۽ مطلوب تائين محدود آهي، انهيءَ ڪري اهي معنائون ذاتي يا حقيقي معنائون چئي سگهجن ٿيون.

(۱) ڊاڪٽر گربخشائي جو خيال آهي ته سورٺ ۾ شاهه انهيءَ مراد وند مريد جو ذڪر ڪيو آهي جو طريقت جي راهه ۾ نفس کي نهوڙي، مرشد جي هڪ اشاري تي نه فقط پنهنجو تن من ڏن سندس قدمن تان قربان ڪيو ڇڏي، پر جڻ پنهنجي سر ڏيڻ کان به نٿو گسي. اهڙي قرباني جي عيوض ڪيس مرشد وٽان ابدي حياتي حاصل ٿئي ٿي. هي به هڪ چڱو خيال آهي پر،

(۲) هن سر جي، ٻي حقيقي معنيٰ سنڌ جي هڪ وڏي سالڪ مرحوم مولوي غلام محمد خانه زئي پنهنجي هڪ لکيل ڪتابچه "منهاج العاشقين" ۾ نهايت سهڻي نموني سان ڪناين يا اشارن ذريعي سمجهائي آهي. مولوي غلام محمد خود هڪ رسالو ناهيو آهي جو شاهه جي رسالي کان به وڏو آهي، انهيءَ ڪري هڪ شاعر

---

(۱) سگهڙ فقير الله ڏنو ماڇي، ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو ضلعو نوابشاه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ عارف جي حيثيت ۾ سندس معنيٰ وزندار آهي. هي بزرگ فرمائي ٿو ته:

راڳ ڏياچ مان مراد آهي هڪ صالح روح.

ڪماچ يا سرندي جو آواز جڻ الست بربڪم وارو الستي آواز آهي.

ڪٽاري مان مراد آهي ڪلمون توحيد جو، جنهن جي تکائي آهي "يقين" .

ڪوٺ يا ڳڙهه مان مراد آهي هي جهان.

ٻيجل، ذات سان صفات جي وصال جو هڪ سبب يا وسيلو آهي.

جنهن راڳ ڏياچ جو سر گهريو تنهن مان مراد آهي ذات پاڪ حقيقي.

سورٺ مان مراد آهي نفس مطمئن، جو بالاخر امر هجي.

سورٺ جو منع ڪرڻ، صفات ۽ ذات جي وصال جي وچ ۾ جڻ فراق ۽ جدائي جو پردو آهي.

سر ڏيڻ راڳ ڏياچ جو، تنهن مان مراد آهي پنهنجي هستي هوڏ ڇڏڻ، "ڪيئن"، "ڪجاڙو" وڃائڻ، هن دنيا جا لاڳاپا لاهڻ ۽ ذات پاڪ سان خوشي مان دل ڳنڍڻ.

هن مراد مطابق راڳ ڏياچ جو سرندي جي آواز تي ڪٽارو قبول ڪرڻ جڻ هڪ صالح روح جو "الستي آواز" کي يقين سان قبول ڪرڻ آهي ۽ "تند، ڪٽارو، ڪنڌ ٽيئي پرتا پاڻ ۾". جڻ ڀٽائي صاحب جي انهيءَ حقيقي معنيٰ تي هڪ شاهدي آهي.

(٣) اسان جي راءِ ۾ ڀٽائي صاحب هن سر ۾ "صفاتي" توڙي "ذاتي" معنيٰ کي يڪجا جمع ڪيو آهي. سندس اها باريڪي "وحدة الوجود" جي نظريه جي عين مطابق آهي. جنهن موجب صفات، ذات کان جدا ناهي بلڪ ٻئي هڪ آهن. اسان اڳي چئي آيا آهيون ته ذاتي معنيٰ طالب ۽ مطلوب يعني بنده ۽ موليٰ جي مخصوص رشتي تي مبني آهي. ڀٽائي صاحب "حقيقي طالب" يا "صالح ترين بنده" جو اعليٰ ۾ اعليٰ مثال "نبي ڪريم" کي تسليم ڪيو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو انسان ڪامل ۽ توحيد جو سچو طالب، چاڻو ۽ عاشق هو ۽ جنهن پنهنجي مطلوب حقيقي يعني تہ ذات پاڪ الاهي سان محبت ۽ يقين جي بناء تي انهيءَ "محبوب حقيقي" جي پلائي ۽ بزرگي کي مڃيو ۽ مڃايو. ان ڪري اهڙي انسان ڪامل ۽ بي مثال "طالب جي طرفان حق جي تلاش، شناس ۽ سندس انهيءَ حقيقت جي وضاحت ۽ تبليغ جو اٽل نتيجو هڪ "بي مثال وصال" ٿيڻو هو جو ٿيو ۽ "معراج" جي نالي سان مشهور ٿيو. ڀٽائي صاحب بہ سر سورٺ ۾ هن طالب ڪامل ۽ حقيقي محبوب جي هن بي مثال وصال يعني معراج کي ڳايو آهي ۽ ان جا ظاهري اهڃاڻ هيٺين طرح ڏنا اٿس:

(الف) نبي ڪريم ﷺ زمين تان عرش عظيم ڏي اسريو. "اوچو تون عرش تي، آ پوٿون مٿي پون" يا "راجا رنگ محل ۾ جاڄڪ سر زمين."

(ب) نبي ڪريم ﷺ براق وسيلي مٿي ويٺو هو. "راجا رنگ محل ۾ جاڄڪ سر زمين" يا "تازي ڏهوس تڪڙو جو هرپائي زين."

(ج) نبي ڪريم ﷺ رات جو اُسريو جيئن تہ قرآن شريف ۾ آهي تہ (أسرىٰ بعبده ليلة) ڀٽائي صاحب بہ چوي ٿو تہ:

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري رمي هليو رات.

(د) تہ مٿي پنهنجا قدم مبارڪ جتيءَ سان رکيائون.

" آءٌ مٿاهون مڱڻا ! مقابل ميزان

گهوريان لک لطيف چئي تنهنجي قدمن تان قربان."

(هہ) جبرئيل جيڪو هڪ وسيلو هو سو بہ آخر ڪار پوئتي ٻيهي رهيو:

"ڏاتار ۽ مڱڻي ڪونہ وسيلو وچ"

هن ڏري پرزي پار پتي ڏيڻ کان علاوه ڀٽائي صاحب معراج جي "حقيقي مقصد تي بہ روشني وڌي آهي." سندس خيال موجب معراج جا بہ مقصد هئا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ حقيقي وصال ۽ ٻيو حقيقي راز، جو ان وقت نبي ڪريم ﷺ تي ڪوليو ويو. پٺائي صاحب انهن ٻنهي ”مقصدن“ راز توڙي وصال جو اهڃاڻ ڏنو آهي:

راز ڪيائين راءِ سين ڪنهن موچاري مهل
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل ته هر دوئي هيڪ ٿيا.

راز واري نڪتہ ڪي قرآن شريف ”اوحي اليه ما اوحيٰ“ يعني وحي واري هڪ مخفي امام ڪري ڄاڻايو آهي ۽ ديدار ۽ وصال واري نڪتہ کي ”لقدريٰ من آيات ربه الڪبريٰ“ جي آيت ۾ سمايو آهي. پٺائي صاحب انهيءَ مام جي متعلق چوي ٿو:

”مر تہ آئين مڱڻا ۽ مام پروڙي مون
جيڪا ڳالھ ڳالهائين، سا سڀ سمجهي سون“

هن مان ظاهر آهي تہ هن عارف کي هن مام جي معرفت جو بہ علم آهي. گهري نظر سان ڏسبو تہ پٺائي صاحب معراج واري هن مام کي پڌرو بہ ڪيو آهي مگر چوي ٿو تہ اها ڄاڻ ڪن ٿورن کي آهي:

ڪنين ڪنين ماڙهئين پيئي ڪل ڪائي
رسيا جي رمز ڪي، تن پارسي پائي
الانسان سري وانا سره ورتي اي وائي
راجا راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿيا.

يعني تہ معراج، ”الانسان سري وانا سره“ جو هڪ منظر ۽ مشاهدو هو. معراج صفاتي انسان ۽ حقيقي موليٰ جي هڪ ٿيءَ صفات ۽ ذات جي وحدانيت يعني ”وحدة الوجود“ جو ڄڻ بيمثال مثال هو.

مگر پٺائي صاحب انهيءَ ”رباني راز“ جي هڪ ٻي سمجهاڻي بہ ڏني آهي.

چوي ٿو تہ:

”رباني کي راز خالص ذبيح خليل جو“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني تہ اهو راز خالص خليل وارو هو. خليل معنيٰ دوست مگر هت اسان جي راءِ ۾ اشارو حضرت ابراهيم خليل الله ڏي آهي. نبي ڪريم ﷺ حضرت ابراهيم خليل الله جي سنت ۽ دين متين جو علمبردار هو. معراج وسيلي نبي ڪريم ﷺ تي انهيءَ سنت ۽ دين جي مڪمل رهبري، ڪاميابي جي معرفت ۽ حقيقت کولي ويئي. معراج جي وڏي مصلحت هن رهبر دو عالم جي سربلندي ۽ سرفرازي هئي، جنهن کي پوءِ دعوت اسلام جي ڪاميابي سان سڀني مخلوق مڃيو ۽ تسليم ڪيو. ڀٽائي صاحب هن مصلحت، هن نور واري لقاءِ الاهي، هن رهبر دو عالم جي سر بلندي ۽ ان بعد سڀني جهان ۾ ان جي مڃيوتي متعلق چوي ٿو تہ:

ريءِ مصلحت مڱڻا، قصر ڪين اچن
نور تجلو نور سين، نميو نينڻ پسن
خيمي ۾ ڪنگهار جي چاندوڻا چمڪن
لذائين لطيف چئي، سندا ڏان ڏسين
تيلاه ملڪ ڏٿين، مڃئو مڱڻهار کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي ۽ ميهار جي قصي جي حقيقت *

## (سنڌ جو قصو اڳ جو ۽ پنجاب وارو قصو پوءِ جو آهي)

سهڻي ۽ ميهار جو سنڌي قصو نهايت آڳاٽو آهي، جنهن جي مشهوري گهڻو پوءِ دير سان پنجاب تائين پهتي، جتان جي شاعرن ان جي سٽاءَ ۾ ڦير گهير ڪري ان کي پنهنجي ماحول مطابق ڳايو: ”گهڙي“ جي اهجاڻ واري لحاظ سان سهڻيءَ کي ڪنيار جي ڌيءَ ڪري ڀانيائون ۽ هير رانجها داستان ۾ رانجهي جي تخت هزاري جي سائين هجڻ واري خيال کان مهينوال کي به بادشاهزادو بنايائون. پوين پنجاهن سالن واري عرصي ۾ البت پنجاب جو ”سوهني ــ مهينوال“ وارو قصو ڇپيل ڪتاب ذريعي سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ سنڌ جي ڪن شاعرن انهيءَ سٽاء مطابق پڻ هن قصي کي ڳايو: مثلاً پير بخش هن قصي کي سنئون سڌو پنجاب واري سٽاءَ موجب ڳايو، ۽ ڪن ٻين شاعرن پڻ سندن بيتن ۾ سهڻي يا سندس ماءُ جي ڪنيارن سان تعلق ڏانهن اشارو ڪيو. مگر هن پوئين دور ۾ سڀ کان وڏي غلط فهمي سنڌ جي پڙهيل طبقي ۾ ٿي، جن ”سهڻي ــ ميهار“ جو قصو ڪري سمجهيو. مثلاً ڊاڪٽر هوتچند مرلچند گربخشاڻي جهڙو لائق لکندڙ به باوجود ڪافي محنت ۽ کوجنا جي هن وڏي غلطي ۾ مبتلا ٿيو. جو پنجاب جي، سوهني مهينوال“ ، واري قصي کي حضرت شاهه عبداللطيف جي رسالي جي سر سهڻي جو موضوع بنايائين (١).

---

* سهڻي ميهار جي قصي جي تفصيل ۽ ان جي مختلف روايتن لاءِ ڏسو ”لوڪ ادب سلسلي“ جو ٽيهون ڪتاب مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان ــ ٢، سهڻي ــ ميهار ۽ نوري ــ ڄام تماچي، سنڌي ادبي بورڊ مطبوع سنه ١٩٧٢ع.

(١) ڏسو ڊاڪٽر گربخشاڻي جو مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ جلد ــ ٢، ڪمشنر پريس ڪراچي، ١٩٢٣ع، ”سر سهڻي“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سهڻي ۽ ميهار جي داستان وارو دؤر :

ٻين داستانن وانگر سهڻي ۽ ميهار جي ڳالهه به هڪ داستان آهي: اهو ڪو تاريخي واقعو ڪونهي، جنهن جو سنه ۽ سال متعين ڪري سگهجي. البت هن داستان ۾ ڳالهين جا ڪي اهڙا ناٽا ۽ اهڃاڻ موجود آهن، جن جي مدِ نظر هن داستان جي عمر ڪنهن حد تائين ڪٿي سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ هيٺيان اهڃاڻ غور طلب آهن: -

(١) پهريون ته سگهڙ شير خان جي مٿي ڏنل بيت موجب اهو زمانو "دلو راءِ" جو هو: **"دلودامن جو ڏٺي، هو ويرو وڏو ورنات"**. اندازي موجب دلوراءِ، عربن جي دؤر جي آخر ۽ سومرن جي دؤر جي شروعات ۾ اندازاً پنجين ڇهين صدي هجري (١١ - ١٢ صدي عيسوي) ڌاري ٿي گذريو.

(٢) ٻيو ته سهڻي – ميهار جي داستان جو تعلق "سنڌو درياءَ" سان آهي، جنهن جي وهڪري بابت هن داستان جي روايتن ۾ به خاص اهڃاڻ ملن ٿا. مٿي آندل بيت ۾ ڄاڻايل آهي ته:

"ڏهه ڏهڙ، وهه ويهه لوهئون لوهاڻو وهي"

لوهاڻو درياءَ جنهن کي "سهڻيءَ وارو ڍورو" يا "سهڻيءَ وارو درياءَ" سڏين، تنهن جو پيٽ شهدادپور شهر کان اولهه لڳو لڳ ظاهر بيٺو آهي. "لوهاڻو درياءَ" عربن جي دؤر ۾ ويندي چوٿين صدي جي هجري تائين منصوره شهر لڳ (شهداد پور کان ٧ ميل اوير طرف) وهندو هو، ۽ پوءِ ڦري اولهه طرف شهدادپور وٽان وهڻ لڳو، جنهن ڪري منصوره جو شهر پنجين يا ڇهين هجري ۾ ڦٽي ويو. سهڻيءَجي سمي بابت ٻيو اهڃاڻ اتر سنڌ ۾ اباوڙي ۽ ميرپور ماٿيلي طرف درياءَ جي وهڪري وارين روايتن ۾ ملي ٿو. اتي جو هڪ عام مشهور بيت آهي ته:

اصل تنڍ "نٽوٽ" هو، پوءِ ڪوهه ڪڇي ڪارو
واڌا ڏٺــــي "وڄٽـــوٽ" جا، وڏ جنـــــي وارو
ڪـن "ڪـيـنـجهـو" هـو، سـڄي "سـتـيـارو"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏيٺري“ تي ڪوٽ هو، پٽڻ ”پينگهارو“
”ڪيروهي“ جي ڊنڊڙي، ڪٺائي سارو
سهڻي ۽ ميهار جو تڏهن هو وارو
تنهن جو ساکي آهي قطب تارو (١).

هن بيت جي مختلف روايتن ۾ اتر سنڌ جون آڳاٽيون بستيون بيان ٿيل آهن ۽ پڻ اهي اڳوٺا دريائي واهڙ ۽ وهڪرا ڄڻيل آهن، جيڪي بهاولپور کان مٿان قديم هاڪڙي درياءَ جو پاڻي آڻي ”ايرنڊئين ناري“ ۾ پريندا هئا. انهن مان ڪي ڊورا هن پوئين

---

(١) راوي سگهڙ صابر شر، مرحوم پٽ فتح خان، ويٺل ٻيروٽا (٣ ميل ريتي استيشن کان ڏکڻ)، شاعر غمتار مهر (ميرپور ماٿيلو) ۽ ٻيا. اتي جي سگهڙن وٽ هن بيت جون جدا جدا روايتون آهن. مثلاً:

جڏهن ’ڳوڙهيلو‘ درياهه هو، ”گهلو“ هو گهارو
واڌا ڏٺي ”ڄٽوٽ“ جا وڏ جني وارو
خير ڳڙهه، ڪينجهو، ٽيو تڙ ستيارو
وهي پٽڻ ”ٽٽوٽ“ تي ڪوهه ڪني ڪارو
”ڏيٿري“ تي ڪوٽ هو، پٽڻ ”پينگهارو“
”ڪيروهي“ جي ڊنڊڙي، ڪٺائي سارو
وهٽيتيءَ وارو، هئي تڏهن سنڌ ميهار سان.

---

جڏهن تر ”ٽٽوٽ“ هو تڏهن ڪوهه ڪنيائون ڪارو،
ڏيٿري مٿون ڊنڊ هئي، شهر هو پينگهارو
سهڻي ۽ ميهار جو تڏهن هو وارو.

ڳوڙهيلو، ننڍي ريٽي، نهري ريٽي (وڏي)، ڏهرو، ريندڻ، وڊر وغيره آڳاٽا دريائي آهن، جن جا پيٽ اٻاوڙي، گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلي ۽ پني عاقل تعلقن ۾ ملن ٿا. ”وڄٽوٽ“ جا آثار ريتي استيشن لڳ آهن ۽ ”ٽٽوٽ“ جي تڙ جيسلمير جي حد ۾ آهي. ڪارو ڪوهه، ٽٽوٽ جي هيٺيان ۽ ڪاندڙي کان اوڀر، بهاولپور جي حد ۾ آهي. خير ڳڙهه، تعلقي اٻاوڙي جي سرحد تي آهي. ”ڪينجهو“ ڏهرڪي کان اوڀر طرف (سهيڙ واهه جي پوڇڙي وٽ) ۽ سيتارو، تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ گابر جي تڙ ۽ ٻنڌٽي جي وچ تي آهي. ڏيٿري ياري لنڊ ۽ صاحب خان لنڊ ڳوٺن جي وچ تي آهي. ڪيروهيءَ جي ڊنڊ گلو دڙي کان لاڳيتي اوڀر طرف آهي. ”پينگهاري جي پٽ“ کي هاڻي ”دين شاهه جي پٽ“ ٿا سڏين جو ا تي سيد دين شاهه کي دفن ڪيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجهي دور ۾ سنڌو درياءَ جي آبڪلاٽي جو پاٽي پڻ اپرنڌئين ناري ۾ آٽيندا هئا. (١) ”ٽٽوٽ“ جو قديم ترُ يا ڪوهہ (جيڪو ڏند ڪٿا موجب ديون کٽايو) اپاوڙي تعلقي جي سرحد لڳ جيسلمير جي حد ۾ آهي.

”وجڻٽ“ (ريتي اسٽيشن لڳ) اسلام کان اڳ واري دؤر جي بستي آهي، جتان قديم آثار دستياب ٿيا آهن. ”ڏيٿري جي پِٽ“ ۽ ”پينگهاري جي پِٽ“ جي وچان قديم ”ريٽي درياءَ“ جو ٿتل پيٽ آهي، راقم انهن ٻنهي پِٽن تي واقع بستين جو معائنو ڪيو ۽ اتان ”ٻڌ ڌرم“ جي دؤر جا آثار لڌا. بهرحال انهن بستين جي وسٽا توڙي انهن درياهي ڍورن جا وهڪرا، قبل از اسلام کان وٺي ڇهين صدي هجري واري آڳاٽي دؤر سان تعلق رکن ٿا.

(٣) ٿيون تہ ڇُتي پير ۽ سهٽيءَ جي درياءَ جي وچ ۾ ملاقات ۽ گفتگو، سنڌ واري ڳالهہ جو هڪ مکيہ باب آهي. ڇتو پير درويش هو ۽ درياءَ جي وچ سير ۾ مصلو وڇائي نماز پڙهندو هو. لوڪ ڪٿا جي دائري کان جڏهن اسان تاريخي ماخذن ۾ ”ڇتي پير“ جي تلاش ڪريون ٿا تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جي درويشن ۾ هڪ ڇتو آمراڻي هو، جنهن جي درگاه سيوهڻ ۾ آهي. روايت موجب هو ”دلوراءِ“ جو پاءُ هو، يعني تہ پنجين يا ڇهين صدي هجري جو درويش هو. ٻيو درويش ”شاه لال ڇتو“ هو، جيڪو مشهور ولي سيد جميل شاه گرناري (جنهن جو مزار پير پٺي تي آهي) جي خليفي وجيه الدين بن فتح شاه جي ڇڻن پٽن مان سيني کان نندو هو. مير علي شير قانع جي ڪتاب ”معيار سالڪان طريقت“ ۾ ڄاڻايل آهي تہ: ”شاه لال ڇتو (جمندي جام ۽ ڪرامت وارو هو) جو ”باراڻي وهيءَ ۾ پاڻ کي پاڻيءَ ۾ وجهي لڪايائين.“ سندس مزار ڪيترين ئي جاين تي جدا جدا ڀاڱن ۾

(١) خان خدا بخش خان پتافي مرحوم، راقم کي ٻڌايو تہ: آءٌ پنجن سالن جو هئس جو ڳوڙهيلو وهندو هو. خدا بخش خان ستانوي سالن جي عمر ۾ سنہ ١٩٦٥ع ۾ وفات ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جنتي بہ (پاٽي کان ٻاهر) سر ڪنيائين، اتي سندس مزار ٺاهيائون." (۱) تحفة الڪرام ۾ ڄاڻايل آهي تہ شاهہ وجيہ الدين جو چوٿون پٽ، شاهہ لال ڇتو هو، جنهن جي مزار متعين ٿيل ناهي. سنڌ جي ڪيترن ئي ڀاڱن ۾ جتي بہ (پاٽيءَ مان ٻاهر) سر ڪنيائين اتي مزار ٺاهي اٿن. چون ٿا تہ هن پاڻ کي درياءَ ۾ وجهي پاڻ لڪايو. هن وقت سندس مشهور مزار اها آهي، جيڪا "نندسر" جي ڪناري تي واقع آهي. (۲)

هنن حوالن مان ظاهر آهي تہ شاه لال ڇتو ساڳيو عوامي قصي وارو ڇتو پير آهي، جنهن جي رهائش درياءَ ۾ هئي. شاهہ لال ڇتي جو پيءُ شاه وجيہ الدين، سيد جميل شاه گرناري جو وڏو خليفو ۽ همعصر هو. سيد جميل شاه گرناري، سومرن جي دؤر ۾ ٿي گذريو. هو سنہ ۵۸۰ هجري ۾ ڄائو ۽ سنہ ٦۴۲ هہ ۾ وفات ڪيائين. (۳) ان جي معنيٰ تہ "شاهہ لال ڇتو"، پڻ انهيءَ دؤر جو، يعني تہ ستين سنہ جو هو. هن ٿاٽي مطابق، سهڻي ـ ميهار وارو قصو دير ۾ دير تہ بہ ستين سنہ ۾ سومرن جي پوري وچين دؤر جو شمار ڪري سگهجي ٿو.

## سهڻي ـ ميهار جا آثار :

سهڻي ـــ ميهار جو داستان، درياءَ جي ڪنڌي ـــ ٻيلي جو داستان آهي، انهيءَ ڪري سهڻيءَ ۽ ميهار جا آثار بہ اڪثر سنڌوندي جي قديم پيٽن ۽ ٻيٽن لڳ آهن. جيئن تہ ڇتو پير پڻ هن داستان جي مکيہ ڪردارن مان آهي، انهيءَ ڪري سهڻي جا ڪي ماڳ ۽ مقام ڇتي پير جي درگاهن ۽ مقامن لڳ آهن. سنڌ اندر سهڻي، ميهار ۽ ڇتي پير جي آثارن ۽ اهڃاڻن مان هيٺيان وڏيڪ مشهور معروف آهن:

---

(۱) ڏسو ڪتاب "حديقة الاولياء" (سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. مطبوع سنہ ۱۹٦۷ع) جي پڇاڙيءَ ۾ سيد عبدالهادي معروف بہ جميل شاهہ گرناري جي سوانح بابت ذيل اقتباس.

(۲) "حديقة الاولياء" ص ۲۵۹. (۳) "حديقة الاولياء" ص ص، ۲٦۰ ـ ۲٦۴.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) سيني کان وڏيڪ مشهور آثار ضلعي سانگهڙ ۾ شهدادپور لڳ "لوهاٽي درياءَ" جي قديم پيٽ جي ڀرپاسي سان آهن، جتي سهڻي، ميهار ۽ ڇتي پير ٽنهي جاماڳ مقام آهن. "سهڻي" جي قبر لوهاٽي درياءَ جي ڪاپي (اڀرندينءَ) ڪنڌيءَ لڳ آهي ۽ اهو مقام "سهڻي جي مقام" جي نالي سان مشهور آهي. چون ٿا تہ : سهڻيءَ جي مقبري لاءِ ساهڙ پاڻ "سون چڙيءَ" جي ڀڙي مان پڪيون سرون ڪڍي پاڏي تي ڪٽي آيو، ۽ مقبرو اچي ٻَڌايائين. پوءِ ساهڙ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن پنهنجي اصلوڪي ڳوٺ (هاڻي شهدادپور) ۾ رهيو. سندس قبر شهر شهداد پور ۾ سيد الله اوٻائي شاهہ جي پاڙي ۾ آهي.

هن پوئين دؤر ۾ سهڻي جو اهو مقبرو، نواب شاه ضلعي جي ڪليڪٽر مرحوم حامد علي صاحب پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ٺهرايو. سهڻيءَ جي قبر سنگ مرمر سان ٻڌل آهي قبر جي مٿان چوٽيءَ واري سنئين پٿر تي هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي:

"تہ ڪر ڪيڻ سئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي
هت هياتي ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هئي
چڪي تنهن چري ڪئي، جو ڏنس ان ڏهي
سهڻيءَ ڪي سيد چئي، وڏو قُرب ڪهي
هنهين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا بيٺا ٿيا.

(قبر سهڻي جوڙائي مسٽر حامد علي آئي. سي. ايس)

- - -

سهڻيءَ جي درگاه تي جمعي رات، فقير "شاه جو راڳ" ڪندا آهن ۽ مولود شريف چوندا آهن. ڪجهہ آڳاٽو قاضي ابراهيم فقير سندن اڳواڻ هو. هن وقت امام بخش فقير مقبري جو مجاور ۽ ڪنجي دار آهي.

شهر ۾ ساهڙ جي قبر تي سيرانديءَ واري پاسي کان حافظ رحہ جو هيٺيون بيت اڪريل آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرگز نميرد انکہ دلش زنده شد بعشق
ثبت است برجريده عالم دوام ما.

پيرانديءَ کان هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي:

”ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق ايو آنهون ڪري
تو ڪيئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي منجهي ٻانهن
درياهہ توتي دانهن ڏينديس ڏينهن قيام جي
مزار مقدس عاشق صادق ميهار عليه رحمت.

جوڙايل سيد مدد علي شاه لڪياري موسوي حسيني (١)

چٽي پير جو مقام لوهاڻي درياءَ جي ساڄي (الهندينءَ) ڪنڌيءَ تي هالا تعلقي جي حد ۾، چڻ درياءَ جي هڪ پيٽ تي آهي. مڪاني طور ان کي ”شاه چٽي جو مقام“ ڪري سڏين. اهو مقام ڳوٺ ٻچل لڳ، سروي نمبر ٢٧٠، ديهہ ڪاڪا، تعلقي هالا ۾ آهي. چٽي پير تي ميڙو لڳي، جنهن هاڻي (١٩٧٢ع ۾) زور ورتو آهي.

(ب) چٽو پير يا لال چٽو، تنهن جو مقام تعلقي ٽنڊي محمد خان جي ڏکڻ ۾ ”جهول“ واري آڳاٽي جُوءِ ۾ آهي، جتان ”پٽيهل ڍورو“ وهندو هو، ۽ جنهن جي ڪنڌيءَ تي ڪنڊي جو وڻ بيٺل هو، جنهن کي پٿائي صاحب ”سر ڏهر“ ۾ ڳايو آهي. لال چٽي تي هر سال ميڙو لڳي.

(ج) ”سهڻي جو دڙو“ تعلقي بدين ۾ ”روپاه ماڙي“ کان اٺ ميل اولهہ طرف ۽ بدين کان ٢٥ ميل ڪن ڏکڻ ڳِني درياءَ“ واري ڍوري جي الهندين ڪنڌيءَ تي آهي.

(د) شيخ چٽي ۽ سهڻي جا ٻيا مشهور آثار ميرپور ساڪري تعلقي ۾ آهن. شهر گهاري لڳ ”ٻنيور واري درياءَ“ مان هڪ ”ور“ (ڍورو) نڪري ٿو، جيڪو اڳوڻي خاناهہ درياءَ جو پيٽ آهي. اهو

(١) سيد مدد علي شاه لڪياري (وينل هالاڻي، تعلقو ڪنڊيارو) ان وقت غالباً شهدادپور جو مختيارڪار هو ۽ سندس ئي سعيي ۽ ڪوشش سان هيءُڪم راس ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"خاناهہ ڊورو اڳتي گھاري ڪان ڏکڻ، ڳوٺ "راڄ ملڪ" لڳ "ميران" يا "قدمن واري مقام" کان **الهندان** لنگھي ٿو، جنهن تي (اڳتي اولهہ طرف) "ڦتو ڪوٽ" آهي. اتي هن ڊوري کي "ڪوٽ وارو خاناهہ ڪري سڏين (١). اتي انهيءَ ڊوري تي "شيخ ڇتي جو مقام" (گھاري کان اولهہ ۾ "لوڻ" کاڻ کان ڏکڻ) آهي، جتي ميڙو لڳي. انهي مقام کان ڏکڻ طرف هن ڊوري کي وروڪڙ آهن، جيڪي "سهڻيءَ وارا وَر" سڏجن. چون ٿا تہ سهڻي انهن ورن مان تري ميهار ڏي ويندي هئي، اتي سهڻيءَ جي قبر پڻ آهي. ساهڙ ذات جو نگامرو هو ۽ ميرپور ساڪري واري ايراضي اڳاتي وقت کان وٽي نگامرن جي سرداري ۾ شامل هئي.

## سنڌ ۾ هي قصو اڳاتو مشهور ۽ منظوم ٿيو :

هن قصي جي اهڃاڻن، يعني تہ نگامرن ڄامن، سنڌوندي جي اڳاٽن وهڪرن، توڙي ڇتي پير جي ٿاڻن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي افسانو سومرن جي اوائلي دؤر ۾ اسريو ۽ مشهور ٿيو، ۽ سومرن جي آخري دؤر ۽ سمن جي اوائلي دؤر ۾ ڳاهن ۽ بيتن کي هڪ خاص لئي يا سر ۾ ڳايو ويو. جيڪو "سهڻي" جي نالي سان مشهور ٿيو، ۽ پوءِ اها راڳڻي هندوستاني راڳ جو جز بڻي. هن قصي جون اوائلي ڳالهون محفوظ نہ رهيون آهن، مگر سمن جي دؤر جي هن داستان بابت ڳاهون ۽ بيت رائج هئا. جو ان کان پوءِ واري لاڳيتي دؤر ۾ مبين شاه ڪريم جي ملفوظات ۾ پڻ ملن ٿا. مثلاً :

١. ڳوريءَ ٻي نہ تات، ميهار ئي من ۾
جو پڻ پيئي رات، تہ هو سائر هوءَ سوهڻي.
٢. جيڪي گھران م وڃ، جيڪي موٽ م سوهڻي
هيڪڙائي هٿ ڪري، ٻيون ٻيري ٻڃ.

---

(١) پوءِ اهو خاناهہ ڊورو "صالحاڻي گڊن" جي ڳوٺ جي ايرندي کان، هگورن جي ڳوٺ جي ايرندي کان، ڪڪرانڊ جي الهندي پاران (جتي هاٽي "ليٽ" وٽان نئون "سر واهہ" ڪڍي آٽي خاناهہ م وڏو اٿن) ٿيندو، هيٺ "چوٽي وارا جت" اتان وڃي (سمنڊ جي) "ڪارڙي" درياءَ ۾ پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس نصيحت آميز مجلسن ۾ شاهه ڪريم پنهنجن ٻين سان گڏ ڪن ٻين شاعرن جا بيت پڻ مثال خاطر پيئي آندا: اهڙا بيت جيڪي سندن پنهنجا هوندا مگر اهو پڻ ممڪن آهي تہ انهن مان ڪي بيت ڪن آڳاٽن شاعرن جا هجن: خصوصاً اهڙا بيت جيڪي قصن ۽ داستانن سان تعلق رکن ٿا. انهيءَ لحاظ سان ٿي سگهي ٿو تہ سهڻي ـ ميهار جي قصي بابت مٿيان ٻہ بيت شاه ڪريم جا پنهنجا هجن يا سمن جي دؤر (١٣٥٠ ـ ١٥٢٠) جي ڪنهن ٻئي شاعر جا هجن. شاه ڪريم (ولادت ١٥٢٦ع، وفات ١٦٣٤ع) جي مجلسن ۽ ملفوظات وارو دؤر گهڻي حد تائين مغليہ سلطنت جو اوائلي دوَر آهي، ۽ انهيءَ ڪري جيڪڏهن اهي ٻئي بيت شاهہ ڪريم جا پنهنجا چيل هجن تہ بہ اوائلي مغليہ دؤر جا قرار ڏيئي سگهجن ٿا. شاه ڪريم کان پوءِ مِين شاه عنات (١٦١٢ / ١٦٢٣ ـ ١٧٢٠ع) ۽ شاهہ عبداللطيف (١٦٨٩ ـ ١٧٥٢ع) جي سالن ۾ سهڻي ـ ميهار جي داستان بابت ”سر بسنتا سر“ موجود آهن، ۽ ڪانئن پوءِ جن سنڌي شاعرن هن قصي بابت بيت چيا، تن جو تہ ڳڻ شمار ئي ڪونهي.

## پنجاب واري قصي سان ڀيٽ :

”گجرات بعهد قديم و جديد“ جو مصنف احمد حسين قريشي لکي ٿو تہ: ”مغليہ عهد حڪومت جو گجرات ۾ مشهور واقعو ”سوهني ـ مهينوال“ جو مشهور عشقيہ داستان آهي. بخارا جو هڪ مشهور شهزادو گجرات آيو ۽ اتان جي هڪ حسينہ تي ديوانو ٿي پيو، تان جو ٻنهي جو موت بہ انهي معاشقي ۾ ٿيو. اهو هڪ مشهور داستان آهي، جنهن فارسي، اردو ۽ پنجابي ادب ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. هن داستان متعلق ڪيترين ئي روايتون مشهور آهن. ڪي تہ هن کي محض هڪ فرضي قصو سمجهن ٿا. ”چار باغ پنجاب“ جي مصنف منشي گنيش داس گجراتي، هن کي محمد شاه بادشاه جي دؤر جو واقعو ڪري لکيو آهي، ۽ ان واقعي جو سنہ ١١٣٥هہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان ڪيو اٿس. اهو پڻ لکيو اٿس ته، هي واقعو خود گجرات جي شهر ۾ رونما ڪونه ٿيو، بلڪه سوهڻي "رليالہ" ڳوٺ جي رهاڪو هئي. رليالہ، گجرات ڪان اوپر طرف درياءَ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ هو ۽ اتي ئي "سوهڻي" ۽ مهينوال" درياءَ ۾ غرق ٿيا. اهو ڳوٺ هينئر درياءَ ڪٽي ويو آهي. (۱)".

مٿيون بيان پنجاب جي عالمن جي هن قصي بابت تحقيق جو جڻ خلاصو آهي. پنجاب جو قصو هڪ سنئون سڌو معاشقو آهي، جنهن ۾ ڪابہ حقيقي لئون لڪل ڪانهي. ٻيو تہ پنجاب ۾ هي قصو نسبتاً پوئين دؤر ۾ مشهور ٿيو، انهي ڪري ان کي محمد شاه جي دور جو، يا وڌ ۾ وڌ تہ شاه جهان جي دور جو واقعو ڪري تسليم ڪيائون. جن بہ شاعرن پنجابي، فارسي يا اردو ۾ هن قصي کي منظوم ڪيو، سي بہ نسبتاً پوئين دور جا آهن. پنجابي ۾ سڀ ڪان پهريائين هاشم شاه (ولادت ۱۱۶۶ھ) هي قصو منظوم ڪيو. ان ڪان پوءِ سنہ ۱۲۶۵ھ ۾ فاضل شاه، سنہ ۱۷۶۸ع ۾ احمد يار ۽ پوءِ (؟) قادر يار منظوم ڪيو. پنجاب جي فارسي شاعرن مان فضل حسين "تبسم" سنہ ۱۲۵۸ھ ۾ هي قصو منظوم ڪيو. ان ڪان پوءِ ۱۲۷۹ھ ۾ محمد زيرڪ ڪلانوري ("غنيمت" جي مثنوي "نيرنگ عشق" جي جواب ۾) هي قصو "ارژنگ عشق" جي نالي سان مثنوي ۾ جوڙيو. ۱۲۸۴ھ ۾ نجم الدين "تسڪين" منظوم ڪيو ۽ ۱۲۵۶ھ ۾ منشي گنيش داس گجراتي "چار باغ پنجاب" ۾ ان کي مختصر طور نثر ۾ بيان ڪيو.

مٿيان مڙيئي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڪان بہ پوءِ جا آهن. پنجاب جي قصي جو واقعو وڌ ۾ وڌ شاه جهاني دور جو تسليم ڪيل آهي، پر سنڌ ۾ ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات ۾ آيل سهڻي ـ ميهار جي قصي جا بيت ان ڪان بہ اڳ جا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ "سهڻي ـ ميهار" توڙي "سسئي ـ پنهون"، اهي ٻئي

(۱) "گجرات بعد قديم و جديد" (اردو) تصنيف قريشي احمد حسين قلعہ داري، مطبوع دين محمد پريس لاهور، سنہ ۱۹۶۸ع، ص ۵۹.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان پهريائين سنڌ ۾ اسريا ۽ سنڌ ۾ ئي ڳايا ويا ۽ پوءِ ملتان واري خطي ۽ اتان مٿي پنجاب ۾ پڌرا ٿيا، جتي جي شاعرن، وٽن پهتل روايتن موجب، انهن قصن کي پنهنجي پڌ سڌ ۽ مقامي ماحول مطابق منظوم ڪيو. جيئن هاشم شاه پنهنجو ”سسئي ــ پنهون“ بہ سنڌ جي داستان ”سسئي ــ پنهون“ کان متاثر ٿي منظوم ڪيو، تيئن ”سوهني ــ مهينوال“ بہ سنڌ جي ”سهڻي ــ ميهار“ واري داستان کان متاثر ٿي جوڙيائين. پنجاب وارو قصو محض معاشقو آهي، جيڪو نسبتاً پوئين ادبي دور جي پيداوار آهي. ان جي برعڪس سنڌ جو داستان ”سهڻي ــ ميهار“ پنهنجي تاريخي قدامت، ڳالهہ جي سٽاءَ ۽ ساخت، توڙي ڪردارن جي عظمت جي لحاظ سان هڪ اڳاتو شاهڪار آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاه جي عام مقبوليت جا ڪي اسباب

سنڌ سونهاري سوين شاعر ۽ درويش پيدا ڪيا آهن، جن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هڪ خاص درجي ۽ منزل جو صاحب آهي، مگر ڀٽائي صاحب هر جاءِ هر دل عزيز آهي. سندس نالو ٿر، ڪاڇي، لاڙ، سري، ڪڇ، ڀيلي ڀڏرو ۽ نرروار آهي ۽ سندس ڪلام جتي ڪٿي عام توڙي خاص جي زبان جو ورد وظيفو آهي. هن نيڪ نام، مقوليت عام جي مام تي غور ڪندي بنده جي خيال ۾ اول اول هي ڳالهه آئي تہ:

(۱) ڀٽائي صاحب سيد سونهارو، نڪ نسب ڀلارو هو. عزت ۽ عظمت سندس ذات ۾ سمايل هئي. انهيءَ ڪان سواءِ سندس آکهہ بہ اعليٰ هئي. ڀٽائي ڪو لئيءَ مان لٽ ڀيجي درويش ڪونہ ٻٽيو هو، مگر هو پريين پڙرو، ڪريم پوٽو هو.

(۲) ٻيو تہ شاعري بہ سندس خانداني وراثت ۾ هئي. ڪانئس اڳ سندس جد امجد "شاه ڪريم" ئي ڄڻ سنڌ جو شاعر هو. اهڙي طرح ڀلي ذات، درويشي صفات ۽ شاعريءَ جي ڏات سندس خانداني ورثي ۾ هيون، جن ڀٽائي صاحب جي ڀهرين پنيرائي ڪئي مگر نيٺ هن نر پنهنجو نالو پاڻ ڪڍيو.

(۳) بذات خود ڀٽائي صاحب نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت انسان هو، نهٺائي ۽ نماڻائي، تواضع ۽ توڪل سندس طبيعت جا جز هئا. مطلب تہ سيد سيني پرين چڱو ساماڻو. وري جو الاهي عشق جي مهميز آيس سو وچي ڪشالا ڪڍيائين ۽ جُهد ڪتيائين. جڏهين درويشي جي رنگ ۾ رچي لعل ٿيو، تڏهن سندس فقيري جي فيض بہ ڪئين معتقد پيدا ڪيا ۽ سندس نيڪ نام هر جاءِ عام ٿي ويو.

(۴) فقيري ۽ درويشيءَ جي منزل سان گڏوگڏ سندس طبع جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحر ۾ زبان جي سحر ڪيس شاعري جو اهو شعور ڏنو جو سندس ڪلام، ٻڌندڙن جي جيءَ ۾ وڃي جايون ڪيون. سندس جهان گشتي ۾ جهان پيمائي، ڪشاده دلي ۾ نظر جي بينائي، انسان ذات سان همدردي ۾ الاهي اسرارن سان آشنائي، سندس خيالات ۾ عالمگير وسعت پيدا ڪئي. مگر هي سنڌ جي مٽي هئي جا ڇاپندي سندس لڱن لڳي هئي، هي سنڌ جي سر زمين هئي جنهن ۾ پاڻ وڏي وڏو ٿيو هو، جنهن ڪري سندس جذبات نج سنڌي هئا. ڀٽائي صاحب پنهنجي عالمگير خيالات کي سنڌي احساسات جو جامو پهرائي، سنڌ جي عام فهم ٻولي ۾ پنهنجي سحر آميز شاعريءَ جي ذريعي ويهي ورجايو. ڀلا پوءِ ڪير سندس ڪلام جي دام ۾ نه ڦاسي ها !

(۵) ازان سواءِ ڀٽائي صاحب، پنهنجي عالمگير خيالات ۾ سنڌي احساسات کي شاعريءَ جي ڌوري سان ويهي سنڌ جي ڪُهنين ڪهاڻين جي تاجي پيٽي ۾ اٽيو. انهن جهونن قصن ڪهاڻين کان سنڌ جو ننڍو وڏو باشندو واقف هو. انهيءَ ڪري بيتن جو ظاهري مضمون ويتر ماڻهن کي وڻي ويو ۽ نه فقط سندن ذهن نشين ٿيو مگر دلنشين به ٿي ويو.

(٦) حسن اتفاق سان اهي ڪهاڻيون ۽ قصا سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ جي پيداوار هئا. ڀٽائي صاحب جيڪڏهين رڳو مارئي يا سسئي ڳائي ها، جيئن گهڻن ٻين شاعرن ڪيو ته انهيءَ ڪلام کي مارئي ۽ سسئي واري سر زمين جا ماڻهو ٻين جي مقابلي ۾ زياده دلچسپي سان پڙهن ها. مگر ڀٽائي صاحب سيني قصن کي ڳايو، جنهن ڪري سنڌ جي هر باشندي کي سندس ڪلام ۾ پنهنجي سرزمين جي نپايل قصي ۾ ان سان گڏ پنهنجي ملڪ، ٻولي، زندگي ۾ ان جي ماحول جو عڪس نظر آيو. هن نقطي کي دراصل تفصيل سان ڏسو: (الف) اول سري کان لاڙ تائين سڄي وچين سنڌ جي ماڻهن جي زندگي جو دارومدار سنڌو ندي تي آهي. ڇڻ قدرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هٿن سان سونهاري سنڌ جا وار ورائي، مهراڻ وهائي، وچان سينڌ ڪڍي آهي ۽ مهراڻ جو آر جڻ سنڌ جي سينڌ جو قرار آهي تہ ڏوڳاهو ۽ ڏڪار سنڌ ۾ مار نہ ڪندا. سر سهڻي ۾ پڻ ڀٽائي صاحب ويهي مهراڻ جا مانداڻ منڊيا آهن. ڪچا ۽ ڪانهہ، مينهون ۽ ميهار، چڙا ۽ لار، دونهيون ۽ ڏراڙ، ڪنڌي ۽ وچون، گهڙا ۽ تڙ، واهڙ ۽ وڻ، سائر ۽ سير، تار ۽ ترها، ڪرڪل ۽ ڪُن، ڏڏڪا ۽ دهشت، اڇل ۽ ڇل، پانڌي ۽ پار، نڙ ۽ لهريون، اوپارو ۽ آر، ڪپر ۽ ڪڙڪا، لس ۽ ليٽون، لاٽا ۽ ليون ٻيلا ۽ ٻيلاٽيون، چڪڻ ۽ چپٽيون، تانگهو ۽ جهول ـ مطلب تہ درياءَ جا اهي مڙئي نظارا ۽ انهي سان گڏ سهڻيءَ جي سڪ، ساهڙ جا سمن ۽ ڪچي جو هي مجاز ـ اهي سڀ اهڙا تہ من موهيندڙ منظر ۽ واقعا آهن جي وچولي وارن کي عام طرح ۽ ڪچي وارن کي خاص طرح معلوم، منظور ۽ محبوب آهن. هن خاص درياهي سٽا سبب هي سر جڻ سڄي وچولي سنڌ جي ورونهہ بنجي ويو.

(ب) باقي رهيا پاسا: سر مومل راڻو، سنڌ ۾ جيسلمير جي وٽ يعني تہ ڍٽ جو افسانو آهي، جو لڊاڻي ۽ ڪاڪ جي راڻي سوڍي ۽ ڪاڏيلي گجر جي عشق جو داستان آهي. راڻا ۽ راجپوت، ڪرها ۽ وڳ، پان ۽ سوپاريون، ڍوليا ۽ ڍٽ هن پاسي جا اهڃاڻ آهن. خاص سنڌ وارن لاءِ هن قصي ۾ رات جو مجاز، اڌ رات جا سمن، عاشق جو انتظار، نڪتن جي نهار، رسڻ ۽ پرچڻ، ميڙن ۽ نياپن جون مڙئي ڳالهيون موجود آهن، جن ۾ ڀٽائي محبت ۽ مجاز جون لوليون ڏيئي ڇڏيون آهن:

مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس
نہ ڪا عام نہ خاص، جي وٺا سي وڍيا.

--------

گجر کي گجميل جون تارن ۾ تبرون
هٽي حاڪمن کي زور پريون زبرون
ڪاڪ ڪنڌي قبرون، پسو پرڏيهين جون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ڇپر ۽ ڇمر، ڇنجون ۽ چوٽيون، ڪانيو ۽ ڪارو، وندر ۽ وٽڪار، سنگهر ۽ منهبار. اهي مڙئي هن ملڪ جي ماحول جا نشان ۽ سسئي ۽ پنهونءَ جي عشق واريءَ ڏکي واٽ جا اهڃاڻ آهن، جن کي شاهه سسئيءَ جي سفر ۽ سورن، ڏکن ۽ ڏاکڙن ۽ قرب جي ڪشالن سان گڏوگڏ هڪ عجيب پيرايه ۾ پيش ڪيو آهي. هن ملڪ جي ماڻهن لاءِ ڄڻ شاهه وندر جي ڪنهن وانڍ جو رهاڪو هو، جنهن ويهي هن تر جو بر ڪڇيو آهي.

(ڏ) نوري ۽ تماچي، مورڙي ۽ ڪلاچي يعني ته سر ڪاموڏ ۽ گهاتو ۾ شاهه صاحب ميربحرن گندرين، ميئن مهاڻين، ڪکين ڪارين، سوئن چارين، بهن، لوڙهن، مڇين مانگرن مطلب ته ڍنڍ ۽ درياهه، ميربحر ۽ ملاح جي حياتيءَ جو منظر چٽيو آهي ۽ وري سرسامونڊي ۽ سر سريراڳ ۾ ويهي اجهاڳ سمونڊ جا اهڃاڻ ڏنا اٿس، جنهن ۾ لهريون ۽ ٻيڙا، غوراب ۽ قرها، سڙهه ۽ لاڄو، پڳهه ۽ ڪوها، جهاز ۽ طراز، معلم ۽ ناکئا ۽ ناڙيون، بندر ۽ بازاريون سڀ اکين نظر آڏو بيهاريون اٿس.

(هه) اجان به ٻين سرن ۾ مثلاً: سر پرڀاتي ۾ لس ٻيلي جي سخي ڄام سپڙ جي ساراهه ۽ سر بلاول ۽ پهر ۾ لاڙ جي قصن، مثلاً سمي ۽ ابڙي جي سورهيائي، لاکي ۽ اوڏڻ جو عشق، ڪڇ ۽ سنڌ جي سرحد تي لوڙائن جون لوڙهون ۽ جاڙيجن ۽ ريبارين جون مصلحتون انهن مڙني کي شاهه امڙي نموني ۾ ورجايو آهي جو ڄڻ لاڙ جي تاريخي تمدن ۽ رهڻي ڪهڻي کي آڻي اکين آڏو بيهاريو اٿس. سر سورٺ ۾ ته اجان به اڳتي وڌي جهونا ڳڙهه ڪاٺياواڙ، ٻيجل ۽ ڪنگهار يا سورٺ مگٽهار ۽ اوچي ڳڙهه گرنار جو اهو سحر آميز بيان ڪيو اٿس جو انهيءَ ملڪ جي ماڻهن کي پنهنجي ڪلام جو گرويده بنائي ڇڏيائين. مون کي تعجب لڳو جڏهن جهونا ڳڙهه جي شهر ۾ توڙي ٻهراڙي ۾ ڪن ماڳن تي هندن خواهه مسلمانن کي سر سورٺ جا بيت تنبورن تي ڳائيندي وڄائيندي ڏٺم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصہ مختصر تہ ڀٽائي صاحب ڀهريون دفعو پنهنجي شعر کي تفصيل سان مکاني محاوري، ماحول ۽ نفسيات مطابق سنڌ ۽ ان جي پسگردائي جي عام مروج قصن جي تاجي پيٽي ۾ اڻيو، انهيءَ کري ملڪ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ جي ماڻهن کي سنڌس ڪنهن نہ ڪنهن سر ۾ پنهنجي ملڪ جو ماحول ۽ پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي زندگيءَ جو عڪس نظر آيو، جنهن ڪري ڀٽائي جا بيت ۽ وايون سندن جيءَ ۾ جايون ڪري ويا. انهن بي بها موتين جي عوام ۾ مقبوليت نہ فقط موزون هئي مگر اٽل ۽ لازمي هئي ۽ اها عوامي مقبوليت ئي آهي، جا ڀٽائي کي ٻين شاعرن جي مقابلي ۾ بيحد بلند ۽ بالا ڪري ٿي. سندس صحيح جذبات تي سندس هي هڪ مصرع شاهد آهي تہ:

"تونتي لڄ لطيف چئي آهي سندي عام"

(۷) مگر ڀٽائي جي همہ گير خيالن ۾ تصوف جي ڳوڙهن نڪتن، روح اسلام جي حقيقت، محبت جي رازن، رنديءَ جي رسمن، عشق الاهي جي اسرارن، حياتي ۽ موت جي فلسفي، توڙي علم ۽ فڪر جي ٻين نظرين متعلق بہ اهي اهم اشارا موجود آهن جو هر صاحب شريعت، سالڪ طريقت، طالب حقيقت، عالم توڙي فلسفي سندس اڪثر بيت پڙهي وري وري پڙهندو، سوچي وري وري سوچيندو ۽ ڀٽائي صاحب جي اهل دل ۽ صاحب نظر هئڻ جي معتقد ٿيڻ بغير رهي ڪين سگهندو.

(۸) شاعرن جو تہ ڀٽائي صاحب سرتاج آهي، بلڪ سندن واسطي "اسوهء حسنيٰ" آهي. سنڌي شعر ۽ شعور جي تہ ڪسوٽي آهي، بلڪ پارس آهي جنهن جي لڳڻ بعد ئي سنڌ جي سر زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شعر جا ذرا سون مثل چمڪيا.

مطلب تہ سندس خيالات جي وسعت ۽ احساسات جي پاڪيزگي سبب ڀٽائي صاحب جو ڪلام جڻ جام جم يا آئينو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ هر فرد نظر وجهڻ سان پنهنجي خيالات ۽ احساسات توڙي ماحول جو عڪس ڏسي ان تي عش عش ڪري ٿو. بيشڪ ڀٽائي صاحب سيني پرين ڀلو هو جو سندس شهرت توڙي مقبوليت عام ٿي وئي. پر بقول شاعر نم:

"اجان ڪي افضل هو چوڻ کان چؤٿو گهٽو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاه ڀٽائي رحه متعلق گذريل ۽ آئينده تحقيق جو مختصر جائزو

شاه عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمة سنہ ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪئي ۽ انهيءَ حساب سان هي سال ١٩٥٢ع، سندس وفات بعد پورن ٻن سَون سالن جي تاريخ جو هڪ اهم نيشان آهن. هنن ٻن سَون سالن جي عرصي ۾ مختلف اديبن ۽ محققن ڀٽائي صاحب بابت گهڻو ئي ڪجهہ لکيو آهي مگر ائين نہ چئي سگهبو تہ هي تحقيق ڪا اجان پايہ تڪميل تي پهتي آهي. ڪنهن بہ مسئلي متعلق تحقيق جا عموماً مکيہ پهلو بہ آهن: (١) اول تہ انهيءَ مسئلي بابت جملہ حقيقتن توڙي اهڃاڻن ۽ پارن پٽن کي تلاش ڪري گڏ ڪرڻ ۽ (٢) ان بعد انهيءَ گڏ ڪيل مواد کي مرتب ڪري انهيءَ مان صحيح نتيجا اخذ ڪرڻ ۽ انهن مان انسان جي زندگي ۽ ان جي مختلف شعبن متعلق سبق حاصل ڪرڻ. هن نقطہ نظر کان ڀٽائي صاحب متعلق تحقيق جو پهريون پهلو سندس زندگيءَ جي جملہ حالات کي گڏ ڪرڻ، سندس ڪلام کي سهيڙڻ ۽ ان جي صحت قائم ڪرڻ، ۽ ان ڪلام جي شرح ۽ سمجهاڻيءَ سا وابستہ آهي ۽ ٻئي پهلو جو لاڳاپو سندس ڪلام جي معنيٰ ۽ ماهيت کي پروڙڻ ۽ ان مان زندگي ۽ ان جي جدا جدا شعبن متعلق ڏنل سبقن کي سمجهڻ سان آهي.

پهرئين پهلو متعلق هن وقت تائين البتہ ڪافي ڪجهہ لکجي چڪو آهي: مير علي شير قانع (١٧٦٧ع)، نظر علي بلوچ (مصنف "مرغوب احباب" ١٨٤٥ع)، رچرڊ برٽن (١٨٥١ع، ١٨٧٦ع)، بارٽل فريئر (١٨٥٦ــ١٨٥٩ع) ڏيارام گدومل "سگما"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٨٨٢ع) مير عبدالحسين خان سانگي (مصنف "لطائف لطيفي" وفات ١٩٢۴ع)، مرزا قليچ بيگ (مصنف "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" ١٨٨٧ع)، ليلارام وطن مل (١٨٩٩ع)، ڊاڪٽر گربخشاڻي (١٩٢٣ـ ١٩٣٣ع)، ڊاڪٽر سورلي (١٩۴٠ع)، مولوي دين محمد وفائي (مصنف "لطف اللطيف" ١٩٥٠ع) جي قيمتي تصنيفن، ۽ ٻين اديبن جهڙوڪ ڀيرومل، لعل چند، چيتمل، ايم ـ ايم گدواڻي، ڀمناڻي، محمد صديق ميمڻ (تاريخ)، لطف الله بدوي (تذڪرو) جو شاه متعلق لکيل ادبي سرمايه، ۽ ازانسواءِ شمس العلماءُ ڊاڪٽر دائود پوٽه، عثمان علي صاحب انصاري ۽ ٻين متعدد صاحبن جي مختلف مضمونن ۾، هن تحقيق جي ڀهرئين پهلو متعلق اڃان تحقيق شروع ئي مس ٿي آهي.

شاه جي ڪلام جي معنيٰ صرف تصوف جي نقطہ نظر کان ئي قدري سلجهائي وئي آهي. باقي شاه صاحب جي حقيقي پيغام، زندگي بنسبت سندس گهري نظريه، يا نفسياتي، معاشرتي ۽ معاشي نقطہ نظر کان سندس ڪلام جي مطالعي جي باري ۾ اڃا تائين ڄڻ قلم به نه کنيو ويو آهي.

## بنيادي تحقيق جي ضرورت:

شاه صاحب جي "نئين نيا پي" يا حقيقي پيغام ۽ ان جي جملي متعلقات جي گهراين کي هڪ ئي وقت سمجهڻ ۽ سلجهائڻ مشڪل آهي. هن باري ۾ نه صرف هر هڪ محقق پنهنجي جدا جدا راءِ قائم ڪندو مگر اسان جي خواه ٻاهرين اديبن جو هر همعصر گروه پنهنجي وقت جي ماحول مطابق ان جي تشريح ۽ تعبير ڪندو ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن هر ايندڙ نسل جي مفڪرن کي نئين روشني ۾ شاه جي پيغام ۽ فلسفہ حيات بابت به نت نئين روشني نظر ايندي. البتہ اهڙي تجسس ۽ تحقيق کي صحيح نظرين قائم ڪرڻ لاءِ بنيادي پس منظر جي وڏي ضرورت آهي. انهيءَ بنيادي پس منظر جي صحيح پروڙ جو دارومدار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه صاحب واري ماحول ۽ شاه صاحب جي سوانح حيات، ۽ سندس مستند ڪلام متعلق بنيادي تحقيق تي آهي. انهيءَ بنيادي تحقيق جي صحت لاءِ ضروري آهي تہ اها تحقيق جيترو جلد ٿي سگهي اوترو مڪمل ڪئي وڃي ڇوتہ شاه کي گذرئي بہ ٻہ سؤ ورهيہ ٿي چڪا آهن ۽ انهيءَ عرصہ ۾ ڪيتريون ئي حقيقتون زماني جي گرد و غبار ۾ لتجي ويون آهن.

مگر انهيءَ هوندي بہ اسان جو موجوده نسل بنسبت ايندڙ نسلن جي، شاه کي وڌيڪ ويجهو آهي. سنڌ هن وقت بہ ڪنهن حد تائين ساڳي شاه واري سنڌ آهي، ماروئڙن جو ماحول اجا تائين ساڳيو آهي، انهيءَ ماحول ۾ ڪي ايڏيون وڏيون انقلابي، سماجي ۽ معاشي تبديليون نہ آيون آهن. نہ فقط ايترو مگر اجان تائين شاه صاحب جي طالبن جي طالبن جا طالب ملڪ ۾ موجود آهن ۽ شاه صاحب جي ڪلام جا سالڪ اجان تائين ڀهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ پوياڻ پساه کڻي رهيا آهن جن وٽان ڀٽائي صاحب جي زندگي جو احوال ۽ سندس وڌيڪ ڪلام ۽ ڪلام جون مختلف روايتون ملي سگهن ٿيون.

ڀٽائي صاحب جي ساٿيارين جي انهن صحبتن جي صحبتين ۽ طالبن جي طالبن وٽان هٿ آيل احوالَ ئي هن بنيادي تحقيق جو هڪ اهم سرچشمہ آهي جنهن جا نياڻ ۽ نوندڙيون اجان تائين جاري آهن ۽ هر نئين محقق کي سيراب ڪري سگهن ٿيون. اهڙن محققن جي موجوده وقت ۾ ڪيل هي بنيادي تحقيق ايندڙ نسلن واسطي صحيح نظرين قائم ڪرڻ لاءِ وڏي رهنمائي ڪري سگهي ٿي.

## شاه جي حيات ۽ ماحول بابت مزيد معلومات :

شاه جي حيات متئين اشاري کي وڌيڪ ورجائڻ ۽ ماحول بابت مزيد معلومات لاءِ هت شاه جي حيات ۽ ڪلام جي اطراف تي قدري روشني وڌي وڃي ٿي. انهي لاءِ تہ نون محققن کي نيڪ روشن ٿئي تہ اجان تائين بہ هن سلسلي جي ڪيترن ئي پهلوئن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زياده معلومات جي گنجائش باقي آهي.

(١) اول تہ شاہ صاحب کان ٿورو اڳ وارو ماحول بہ اڃان وڌيڪ تحقيق طلب آهي. ان وقت جي سياسي ۽ اقتصادي ماحول تي ڊاڪٽر سورلي پنهنجي انگريزي ڪتاب "شاه عبداللطيف آف ڀٽ" ۾ چڱي روشني وڌي آهي مگر ان وقت جي ادبي ماحول متعلق اڃان بہ تحقيق جي گجائش باقي آهي. شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو "ميين عيسي" متعلق تازو شايع ٿيل مضمون هن تحقيق جي اهميت جو پتو ڏئي ٿو. جيستائين اسان ڀٽائي صاحب کان اڳ جي شاعرن جي ڪلام جي پوري تلاش ڪري ان کي سهيڙيو، سموهيو ۽ سمجهيو نہ آهي تيستائين ڀٽائي صاحب جي "نئين نياپي" جي نوعيت ۽ اهميت کي پوريءَ طرح پروڙي نہ سگهبو.

(٢) خود ڀٽائي صاحب جي زندگيءَ جي حالات تي اڃا ڪجهہ وڌيڪ روشني وجهي سگهجي ٿي مثلاً: (الف) شاه جي اوائلي زندگي بنسبت اسان وٽ بالڪل ٿورا معلومات موجود آهن جنهن ڪري ئي "ڀٽائي صاحب پڙهيل هو يا نہ؟" ـ وارو سطحي مسئلہ اڃان تائين زير بحث آهي. (ب) ڀٽائي صاحب جي خاندان يعني مٽياري سيدن جي شجره ۽ ڀٽائي صاحب جي پاڙي تي اڃان تائين ڪنهن بہ صاحب پوري روشني نہ وڌي آهي. تازو جناب غلام مرتضيٰ شاه صاحب سنائي پنهنجي تصنيف "پيغام لطيف" (قلمي) ۾ هن پهلو تي تفصيلي بحث ڪري اسان جي معلومات ۾ اضافو ڪيو آهي.

(ج) شاه صاحب جي سير و سفر بابت بہ اسان جا نظريا سطحي آهن. جيتوڻيڪ پيرو مل (سير لطيفي) هن ڏس ۾ چڱو ابتدائي ڪم ڪيو آهي. عام طرح سمجهيو وڃي ٿو تہ ڄاڻ جو ڀٽائي صاحب پنهنجي بيتن ۾ جهونا-ڳڙه ۽ گرنار، لس ٻيلہ ۽ هنگلاج، ڊِٽ ۽ ڪاڪ، پائر ۽ ڪائر وغيره شهرن ۽ خطن جا نالا ڪنيا آهن انهي ڪري ضرور اتي ويو هوندو. در حقيقت اهو هڪ غير محققانہ دليل آهي. ڀٽائي صاحب سر سارنگ ۾ ڪيترن ئي شهرن ۽ ملڪن جا نالا ڪنيا آهن مگر غالباً پاڻ خير ڪو اتي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو. ٻئي طرف وري روهڙي، سکر ۽ ٺٽي ۾ ڀٽائي صاحب جا تکيا صحيح سلامت موجود آهن، جي سندن اتي وڃي رهڻ جا نسبتاً پڪا نيشان آهن، حالانڪ سندس بيتن ۾ نڪي سکر جو ذڪر آهي ۽ نڪي وري روهڙي يا ٺٽي جو. هڪ نئين محقق کي جيڪڏهن ڀٽائي صاحب جي سير و سفر متعلق پوري پروڙ حاصل ڪرڻي آهي ته ان لاءِ ضروري آهي ته خود پاڻ سنڌ جو سير و سفر ڪري ڀٽائي صاحب جي منزلن ۽ تڪين جو پتو لڳائي. ان بعد ڀٽائي صاحب جي گذرگاهن جو صحيح خاڪو تيار ڪري. هن سلسلي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون عجيب ڳالهيون معلوم ٿي سگهن ٿيون، تنهن جا هت هڪ ٻه مثال پيش ڪجن ٿا:

شاه صاحب جي شاهبندر ڏويزن (قديم ڪڪرالي) طرف سير و سفر جي باري ۾ هي حڪايت اسان کي اتي جي مڪاني ماڻهن کان معلوم ٿي ته: لاڏين کان اتڪل ڏه ميل ڏکڻ طرف ”ديري“ نالي هڪ بستي جا ڦٽل نشان اڄان تائين موجود آهن. اهو ”ديرو“ شاه صاحب جي ڏينهن ۾ ڪيهر قوم جي طاقت جو مرڪز هو. اتي جا ڪيهر حاڪم نهايت سرڪش هئا. ايتري قدر جو غريب جتن جون ڏاچيون جيڪڏهن سندن طرف ڏانهن ايندڀيون هيون ته انهن کي ٻاه جا موڙا ٻڌارائي ڇڏيندا هئا ته ٻيل رڙيون ڪري سڙي مرن. هڪڙي دفعي ڀٽائي صاحب انهن جتن فقيرن جي جهوپڙين ۾ تڪيل هو جو ڪي انيون رڙنديون وٽاڻ تي آيون. پڇا تي جتن حقيقت ڀٽائي صاحب کي ٻڌائي ۽ چيائون ته: ”سائين ! هي گگدام هاٿي توکي دانهن ٿيون ڏين.“ اهو ٻڌي ڀٽائي صاحب کي نهايت ڪهڪاءُ آيو ۽ بي اختيار ٿي چيائين ته:

ڪوءِ هوءَ محل، ڪوءِ ماڙيون، جيءَ سي پکا پن
اســت جو انــين جو ســورهــيــو اتــم مــن
جيءَ سي جت رهن، ٻي پرڻٽي پا سي ٿئي.

پوءِ انهن غريب جتن کي مخاطب ٿي چيائين ته: ”ابا ! جتي آهن ڪيهرن جا ديرا اتي ٿيندا انين جا پيرا“. چون ٿا ته ان بعد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهو ئي ڪيهرن جي اڇي ڦٽيءَ سندن "ديرو" تباه ٿي ويو. هيءَ حڪايت لفظ بہ لفظ، نہ معلوم ڪيتري قدر سچي آهي مگر مڪاني ماڻهن ۾ ان جي مشهوري ڪم از ڪم ڀٽائي صاحب جي اتي وڃڻ تي شاهد آهي.

"تذڪره مخاديم کهڙا" جو کهڙن جي مخدومن جو هٿ، لکيل ۽ معتبر خانداني رڪارڊ آهي، ان ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڀٽائي صاحب هڪ دفعي کهڙن جي شهر جي ٻاهران آسپاس اچي لٿو ۽ دستور موجب وقت تي سازن سان راڳ شروع ڪرايائون. کهڙن جا مخدوم شرع جا صاحب هئا ۽ غير شرعي ڪم کي روڪڻ ۽ غير شرعي ڪم ڪندڙ کي تعذير ڏيڻ سندن معمول هو. ان وقت شايد مخدوم ميان محمدي (يا احمدي؟) وقت جو عالم هو، جنهن کي جڏهن خبر پئي تہ پٽ جو هڪ بزرگ سازن سرودن تي راڳ ڪرائي رهيو آهي تڏهن ماڻهو موڪليائين تہ وڃي وٺي اچوس. ڀٽائي صاحب هن برگزيده عالم جي حڪم کي چشمن تي رکيو مگر شايد رات جي دير ٿي وڃڻ سبب صبوح تائين مهلت گهريائين ۽ چيو وڃي ٿو تہ خود پاڻ نڪريءَ تي آگر سا هي بيت لکي مخدوم صاحب ڏي ڏياري موڪليائين تہ:

اڄ نہ آيس آءُ، صبوح ايندس سپرين
جنهن جو توتي ناءُ سو ڪٽي بار کهين جا.

خير ڳالهہ اجان اڳتي آهي. مگر مقصد هي تہ هن حڪايت مان ڀٽائي صاحب جو کهڙن جي تر ۾ وڃڻ ثابت آهي جنهن جي زياده تائيد سندس درازن ۾ وڃڻ ۽ سچل کي ڏسڻ واري مشهور حڪايت مان بہ ٿئي ٿي. خود درازن ۾ هڪ کوهيءَ جا نشان اڄان تائين باقي آهن جنتي چيو وڃي ٿو تہ ڀٽائي صاحب اچي ترسيو هو.

(٣) ڀٽائي صاحب جي پنهنجي فقيرن بابت بہ اڄان تائين تحقيق ڪانہ ڪئي وئي آهي. اسان هت فقط چئن فقيرن تماچي، تمر، راول ۽ صالح بابت مثال طور ڪجهہ لکون ٿا، انهيءَ لاءِ، تہ نئين محقق کي هن مسئلہ بابت تحقيق جي ادبي اهميت جو اندازو ٿي سگهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تماچي ۽ تمر ٻئي ٻِتائي صاحب جا خاص فقير ۽ رفيق هئا ۽ ٻئي شاعر توڙي درويش هئا. هڪ دفعي تمر فقير پنهنجي وڏي ساٿياري تماچي فقير کي چيو ته: ادا تون وڏو فقير آهين ۽ ڪيترين ئي ڳالهين تون اسان کي سمجهائين ٿو مگر تو کان پوءِ اسين اهي راز جون ڳالهين ڪنهن کان پڇنداسون؟ انهيءَ تي تماچي فقير چيو ته: سچن صحبتين جو تعلق روحاني آهي سو قائم رهندو. جي آءٌ اڳ ۾ مران ته به جي ڪجهه پڇڻو هجيئي ته منهنجي قبر تي اچجانءِ ته آءٌ توکي ورندي ڏيندس. قدرت سان تماچي فقير اڳ ۾ رضا ڪئي ۽ تمر فقير هڪ دفعي محويت جي حالت ۾ تماچي فقير جي قبر تي اچي ڪيس سڏ ڪيا مگر ڪوبه جواب ڪونه آيو. جنهن تي تمر فقير بيهي بيت ڏنو ته:

مون سڏيندي اڄ ساٿي سڏ نه ڏين
تني جا "تمر" چئي توڙا نه تنواربن
هُهڙا هاجا ٿين، بري هن پنيور ۾.

تمر فقير مٿيون بيت ڏئي بس ڪيو ته جڻ جواب ۾ سندس ڪنن تي هي پڙلاءُ پيو ته:

گهر پريو ئي گهور، نينهن نماڻي نجهري
تاڻي تنگ "تماچي" چئي، اتي ڏونگر ڏور
سسئي سگ سندور، ڪر ڪا ٻانهپ ٻاروچل جي.

راول فقير به ٻِتائي صاحب جو وڏو معتقد طالب هو. هڪ دفعي ٻِتائي صاحب پنهنجن فقيرن کي نصيحت ڪئي ته هر قسم جي نشي کان پاسو ڪن. ٻين فقيرن نشو ڇڏي ڏنو مگر راول فقير جيڪو حقي جو ٻانڌاڻي هو سو يڪدم امر موجب حقو ڇڏي نه سگهيو ۽ ڪندپاسي ۾ پيو پيئندو هو. تان جو هڪ ڀيري ٻِتائي صاحب ڪيس حقو پيئندي ڏسي ورتو انهيءَ تي چيائينس ته:

ڇڪٽيون ڇڪئين، پئٽيون ٿو پئين،
ناهي تو تِر جيتري، هدايت هئين
جوڳي جاڙ جئين، ڇڏيو گس گروءَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي ڏوراپي تي راول فقير غش ٿي ويو ۽ دم ڏنائين، ”طعني ڪئي تمام، حبيباڻي هيڪڙي.“ ڀٽائي صاحب کي هن سچي فقير جي وفات تي نهايت صدمو پهتو ۽ جڏهن راول فقير جو جنازو کنيائون تڏهن ڀٽائي صاحب سندس ذڪ ۾ وائي چئي ته:

راول ! رهيئين نه رات، ادا راول ! رهئين نه رات ـ الخ

صالح فقير به شاه جي معتقد مريدن مان هو. ڀٽائي صاحب جي سڪ ۽ ثنا ۾ شايد هن گهڻا ئي ڪي بيت چيا جن ما سندس هڪ بيت ۽ ڀٽائي صاحب طرفان ان جو جواب خود ”رساله“ جي ”سر ڏنا سري“ ۾ موجود آهن. صالح فقير ڀٽائي جي بزرگي واکاڻيندي چيو ته:

سيد پير سمونڊ هيءُ جامن سندو جام
اگهيو دِر الله جي تنهن ڪامل جو ڪلام
پري پچو پانڌيا ! تنهن گوهر سندو گام
جن ڏنو لعل لطيف کي آيو تن آرام
ڪونه رهيو ڪو خام، سڀ سکي ٿيا ”صالح چئي.

ڀانئجي ٿو ته صالح فقير جي هن ظاهري تعريف کي ڀٽائي صاحب ڀلو نه ڀانيو ۽ فقير کي پنهنجي خدا ۽ مرشد کي ياد ڪرڻ جي تلقين ڪيائون ته:

صالح ! ٿي سڌير، سڻ هنئين سين ڳالهڙي
منجهان لنئون ”لطيف“ چئي، پر ۾ پچج پير
ڏاران منهن مرشد جي، ڪوءِ ڪندون ٻن ڪير
اسم جو اڪسير، ويهه تنهن سين واڳجي.

مٿيون حڪايتون نه صرف ادبي اهميت رکن ٿيون مگر خود ڀٽائي صاحب جي شخصيت تي روشني وجهن ٿيون. هن ميدان ۾ ايجان وڌيڪ ڳولا جي ضرورت آهي ته ڀيا ڪهڙا وڏا فقير هئا جي ڀٽائي صاحب جا ساٿياري ۽ صحبتي هئا؟ خود تماچي، راول ۽ صالح ڪير هئا ۽ ڪٿان جا هئا ؟ ۽ سندن ڀيو ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪلام هٿ ٿي سگهي ٿو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴) ڀٽائي صاحب جي همعصر شاعرن ۽ بزرگن، خصوصاً اهي جن سان ڀٽائي صاحب جي چار چشمي ٿئي، تن جي باري ۾ اڃان پوري کوجنا نہ ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، نظر علي بلوچ جي ڪتاب "مرغوب احباب" تان لنواري جي بزرگ خواجہ محمد زمان رحہ ڀٽائي صاحب جي ملاقات جو ذڪر شايع ڪري هن ڏس ۾ ابتدائي قدم کنيو. مرحوم مولوي دين محمد وفائي ڪن ٻين قلمي ڪتابن مثلاً "رسالہ گلشن اوليا"، "مناقب غوثيہ"، "ارشاد الطالبين"، "دليل الذاڪرين" ۽ "رسالہ ابراهيم فقير" مان هن سلسلي ۾ ڪي معلومات پنهنجي ڪتاب "لطف اللطيف" ۾ نقل ڪيا آهن. مگر تنهن هوندي بہ اڃان تحقيق جو ميدان ڪافي ڪشادو آهي. مثلاً شاه صاحب ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي جا پاڻ ۾ گهرا تعلقات هئا مگر اسان وٽ انهيءَ باري ۾ صرف سطحي معلومات آهي. تازو اتفاقاً بنده راقم کي پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتب خاني مان فارسي ۾ هڪ ننڍڙو قلمي رسالو "بنام "رسالہ اويسيه" هٿ آيو آهي جنهن ۾ ڀٽائي صاحب طرفان مخدوم صاحب ڏانهن لکيل خط ۽ مخدوم صاحب طرفان ان جو جواب قلمبند ٿيل آهن. اهڙي رسالہ جو دستياب ٿيڻ ڏيکاري ٿو تہ اڃان بہ هن سلسلہ ۾ ڪافي ڪجهہ قلمي مواد سنڌ ۾ موجود آهي مگر رڳو وڏيڪ محنت ۽ ڳولا جي ضرورت آهي. اهڙيءَ طرح شاه صاحب ۽ سنڌس وڏي معاصر شاه عنات رضوي جي گهاٽي تعلق تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي جنهن جي ابتدا هن سلسلہ ۾ اسانجي تازه شايع ٿيل مضمون ۾ قدري ٿي چڪي آهي. درويش عنايت الله صوفي شهيد بہ شاه صاحب جو همعصر هو ۽ ٻئي بزرگ قادري طريقي جا هئا. اهو ناممڪن آهي جو ڀٽائي صاحب جهڙي اهل نظر ۽ سياح جو ساڻس ڪوبہ تعلق نہ رهيو هجي. اسان کي هن سلسلہ ۾ مختلف روايتن مان معلومات ٿي آهي تہ هيٺيان بيت ڀٽائي صاحب، هن بزرگ جي شهادت (۱۱۳۰هہ) جو ٻڌي ۽ ان حادثي کان متاثر ٿي چيا. ڪن جي چوڻ موجب ڀٽائي صاحب صوفي شهيد جو سر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مبارڪ ڏسي اهي بيت چيا:

عشق نہ آهي راند، جيئن ڪي ڪيلن ڳيرو
جيءَ جسي ۽ جان جي پچي جو هيڪاند
سسي نيزي پاند، اڇل تہ اذ ٿئي.

-------

محبت جي ميدان ۾ ڪڏي پيو ڪڪ
سرتين جي شرع ۾ شال مَ پوي شڪ
تنين لعنت لک، جن جڙيا پرين جدا ڪيا.

-------

محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگ مَ ڪر
لاهي سر لطيف چئي، دوست اڳيان ڌر
آه عشق نانگ اپر، ٿي خبر ڪاڏن ڪي پوي.

-------

محبت جي ميدان ۾، مَ ڪر سر جو سانگ
سوري سپرين جي چڙهہ تہ ٿئين چانگ
عشق آهي نانگ، ٿي خبر ڪاڏن ڪي پوي.

(۵) شاه جي راڳ جي سلسلہ بابت بہ اجان تائين تسلي بخش ڪوجنا نہ ڪئي وئي آهي. هن تحقيق جو تعلق رسالہ ۾ ڏنل مڙني سرن جي نالن جي ماهيت ڪي پروڙڻ، جن راڳڻين ۾ درگاه جا فقير اهي سر ڳائن ٿا تن ڪي سمجهڻ، ۽ شامل سازن جي سناءَ ۾ اصليت ڪي معلوم ڪرڻ سان آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي سرن بنسبت سمجهاڻي ۽ تازو محترم الله بخش صاحب عقيلي جو مضمون هن ڏس ۾ چڱا ابتدائي قدم آهن. مگر اجان وڌيڪ تحقيق لاءِ ڪافي گنجائش باقي آهي.

(٦) شاه صاحب جي راڳيندڙن فقيرن جو احوال توڙي سندن مزار جي ڪنجي بردار فقيرن جو احوال ۽ ڀٽائي صاحب جي حيات ۽ ڪلام بابت انهن جا اقوال بہ گڏ ڪرڻ جي لائق آهن جو انهن مان ڀٽائي صاحب متعلق خواه سندس پيدا ڪيل ماحول تي ڪافي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ روشني پوڻ جو امڪان آهي.

(۷) ساڳيءَ طرح، ڀٽائي صاحب ڪان پوءِ سندن اهي طالب ۽ معتقد، جي شاعر يا درويش ٿي گذريا آهن انهن جي حالات ۽ ڪلام جي تحقيق ۽ تلاش بہ هن سلسلہ ۾ فائدي ڪان خالي نہ ٿيندي. هونئن تہ گهڻو ڪري سڄي سنڌ جي شاعرن ٿورو ڪي گهڻو ڀٽائي صاحب جي فيض مان ورڇ ورتي آهي پر سندس خاص معتقدن ۽ طالبن تي جو سندس حال ۽ قال جو اثر پيو آهي ان جو جائزو وٺڻ هن تحقيق جو هڪ دلچسپ پهلو ٿيندو. ڀٽائي صاحب جي همعصر فقيرن ڪان پوءِ بہ ڀٽائي صاحب جا ڪيترائي عاشق ۽ معتقد ٿي گذريا ۽ اڄ بہ موجود آهن. مثلاً هينئر پوئين عرصي ۾ فقير عنايت الله چوڙو ٿيو جو تقريبا ۵۰ سال اڳ گذاري ويو. هن فقير جو هڪ ضخيم رسالہ تازو اسان جي نظر مان گذريو جنهن ۾ تقريباً ۵۸۲ بيت، ۱۳۱۲ ڪافيون ۽ متعدد نعمتون، مداحون، سہ حرفيون ۽ قصيدا قلمبند ٿيل هئا. عنايت الله فقير، ڀٽائي صاحب جي بي انتها عشق ۽ محبت سبب پنهنجي ڪيترن ئي بيتن ۾ غلو ۽ استغراق ڪان ڪم ورتو آهي مثلاً چوي ٿو تہ:

احد، الله، لطيف هڪو جاڻج هوت
الانسان سري وانا سره، پورهيت ! توسان پوت
سو تہ توسان سپرين جبل ڳولين جوت
جي اندر ڪرين اوت، تہ بت سڄو ئي "ڀٽ" ٿئي.

سندس هيٺين بيت ۾، ڀٽائي ۽ شاه عنات رضوي جي الفاظ ۽ اسلوب بيان جو اثر واضح آهي:

ڏکن پُنيءَ سک، سگها ٿيندءِ سسئي
ڪر قبول ڪيچين لئي لکن سندي لک
آريءَ جا عنايت الله چئي، ڏولي پانئج ڏک
بره اندر بک، سهہ تہ پسين سپرين.

ڀٽائي جي رسالہ ۽ ڪلام بابت زياده تحقيق : هن تحقيق جامڪيہ پهلو بہ آهن: (۱) ڀٽائي صاحب جو صحيح ڪلام مڙني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر چشمن مان سهيڙي هڪ حتي الامڪان "مستند رسالہ" جي صورت ۾ مرتب ڪرڻ، ۽ (٢) ان ڪلام جو حتي الوسع تفصيل سان هڪ جامع شرح لکڻ.

(١) **شاه جو ڪلام** : ڀٽائي صاحب جي رسالي ڇپائڻ جو سهرو جرمن عالم ڊاڪٽر "ٽرمپ" جي سر تي آهي ڇو تہ الفضل للمتقدم. ان بعد بمبئي ڇاپي جا ٻہ ايڊيشن (جنهن جو تازو نقل محمد صديق ميمڻ صاحب موجوده صورتخطي ۾ ڇاپرايو آهي ۽ سنڌ سرڪار جو ڇپايل ايڊيشن، مرزا قليچ بيگ جو مرتب ڪيل رسالو، ڊاڪٽر گربخشاڻي جو محققانہ ايڊيشن، غلام محمد شهواڻي جو ڇپايل رسالو، محمد عثمان ڏيپلائي جو ڇپايل رسالو ۽ ڪراچيءَ مان مولوي غلام مصطفيٰ جو ايڊٽ ڪيل رسالو هن ميدان ۾ اچي چڪا آهن. جن مڙني ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي محققانہ محنت هر لحاظ سان قابل تعريف آهي. مگر اڃان بہ هڪ وڌيڪ مستند رسالي تيار ڪرڻ جي ضرورت باقي آهي جنهن جي ڪري ئي عثمان علي صاحب اِنصاري کي اهڙي هڪ رسالہ تيار ڪرڻ جو خيال آهي ۽ ازانسواءِ انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي، تازو سنڌ سرڪار جي "سنڌي ادبي بورڊ" هي ڪم شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽہ جي حوالي ڪيو آهي.

هن ڏس ۾ هر هڪ نئين محقق لاءِ نہ صرف هن ڪان اڳ ڀٽائي صاحب جي رسالہ جي مڙني ڇاپن جو ذخيرو موجود آهي مگر ٻيو بہ ڪافي ڪجهہ مواد باقي آهي: (الف) اول تہ ڇاپيل نسخن مان ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو ايڊيشن قابل قدر آهي مگر ان جو دارومدار، معتبر مگر چند محدود قلمي، ڇاپيل نسخن (مثلاً: بلڙي، ڀٽ، برٽش ميوزيم سانگي وارا قلمي نسخا ۽ بمبئي ۽ لپزگ (ٽرمپ صاحب وارو) وارا ڇاپا) تي آهي. انهن چند نسخن کان سواءِ رسالہ جا ٻيا بہ ڪيترائي قلمي نسخا خود سنڌ ۾ موجود آهن جن مان ڪي شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽہ ۽ عثمان علي صاحب انصاري کي هٿ لڳا آهن مگر وڌيڪ تلاش سان سنڌ ۾ اڃا بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ڪارائتن قلمي نسخن ملڻ جو امڪان آهي. (ب) اهڙن نسخن مان هڪ قيمتي نسخو پٽ تي رکيل آهي جنهن کي ”گنج“ سڏيو وڃي ٿو ۽ جنهن جي گهري مطالع مان يقيني طور ڀٽائي صاحب جو ڪافي ڪجهہ نئون ڪلام هٿ ايندو. ڊاڪٽر دائود پوٽہ ”گنج“ جو تازو مطالعہ ڪري هن مان ڪافي قيمتي مواد هٿ ڪيو آهي. (ج) انهي قلمي ذخيري کان سواءِ سنڌ جي سگهڙن جو صدري خزانو بہ هن تحقيق جو هڪ سرچشمہ آهي. گمان غالب آهي تہ ڀٽائي صاحب جي وقت ۾ ڪيترن ئي مقامي فقيرن توڙي ٻاهران ايندڙ طالبن ڪيئي بيت ۽ وايون بروقت ياد ڪيون هونديون ۽ ممڪن آهي تہ انهن مان ڪافي ڪي، بعد ۾ جمع ڪيل رسالہ جي قلمي نسخن ۾ درج نہ ٿيون هجن. مگر انهن اوائلي طالبن ۽ فقيرن کان پوءِ سندن صحبتن، سگهڙن ۽ سالڪن وٽ سيني بہ سيني محفوظ رهجي ويون هجن. اهي صاحب جن کي سنڌ جي گوشي گوشي ۾ وڃڻ، سگهڙن سان ڪچهرين ڪرڻ ۽ سنڌي راڳ جي مجلس ۾ شامل ٿيڻ جو اتفاق ٿيو هوندو تن ڪيئي اهڙا بيت ۽ وايون، جي ڇاپيل رسالن ۾ موجود نہ آهن، ڀٽائي صاحب جي نالي سان ٻڌيون هونديون. ممڪن آهي تہ انهن مان گهڻو ڪلام بالڪل جڙتو هجي مگر اهو سڄو ذخيرو گڏ ڪري ان کي تنقيد جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، جڙتو ڪلام کي ڀٽائي صاحب جي ڪلام کان جدا ڪري سگهجي ٿو. اهڙي تحقيق ۽ تنقيد بعد ڀٽائي صاحب جي اهڙي صحيح ۽ معياري ڪلام ملڻ جي قوي اميد آهي جو نئين ”مستند رسالہ“ جو قيمتي جزو بنجي سگهي ٿو. اسان هيٺ بيتن جا ڪي مثال ڏيون ٿا جن مان هن قسم جي مواد ۽ ان بابت تحقيق جي ضرورت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

شاہ جي رسالہ جي هڪ سالڪ ميان حاجي جمعي خان جت (ويٺل لڳ لاڏيون تعلقہ شاهبندر) اسان کي هڪ صحبت ۾ هيٺيان بہ بيت ٻڌايا، جي چيائين تہ شاہ جا آهن پر ڇپيل رسالن ۾ ڪين آهن ۽ شايد ”گنج“ ۾ هجن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر ! اڄ عرفات تي، وڇڙين کي وراڻ
گهڻو اکنديون آهيان تن پنهوارن کي پاڻ
"الم تر" عشق اي پروڙج پرياڻ
زمزم جيڏين ساڻ، پيان طهورا تن سان.

-------

عمر ! اڄ عرفات تي وڇڙيون ونيون
سڪن ٿيون "سيد" چئي سندم اکڙيون
زمزم جيڏڙيون، پيان طهورا تن سان.

ميرپور ساڪره جي هڪ سگهڙ هيٺيان ٻه بيت لاڳيتا ٻڌايا ۽ چيائين ته ٻئي ڀٽائي صاحب جا آهن حالانڪ پهريون بيت شايد ڇپيل رسالن ۾ ڪونهي.

* جهونو ٿيو جهاج، ست نه جهلي سڙه جي
پکهه پراڻا ٿيا، سڙيا سيئي ساج
تڏهين تون محتاج، جڏ ٿيا ٻيڙا وس ٻين جي.

* ٻيڙي پراڻي، وڪر وجهه م وترو
هڪڙا ٿُن تري ۾ ٻيو پاسن ڪنئون پاڻي
هيءُ پڻ وهاڻي، ڪج ڪو اڳهه اڳ جو.

هيٺيون دعا جو بيت عام مشهور آهي ۽ متفقه طور شاه ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو حالانڪ ڪنهن به ڇاپيل نسخه ۾ ڪونهي.

جاسين جيارين، تاسين هادي رکج حفظ ۾
محتاجي مخلوق جي، قادر ! نه ڪارين
پرڪش پيارين، پازي هن پينار کي.

ٻئي هڪ سگهڙ هيٺيون بيت ٻڌايو جو چيائين ته:
شاه جو آهي مگر ڇپيل رسالن ۾ ڪونهي:

"هئي هئي" جي نه هئي، ته ڪر جيءُ جلي ويو جيڏيون
جيئن ڪرڻ ڪپي ڪاڻ کي ڪري رڪ رئي
تنئن سندي دردئي، "هئي هئي" سان هيٺي ٿي.

پٺ تي اسان کي هيٺيون بيت شايد ميان حسين شاه ٻڌايو جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ ڇپيل رسالن ۾ ڪونهي.

آءُ راتا راحت، ڏاڄ ڏرتيءَ جا ڏٽي !
سڪن ٿيون سهاڳڻيون سوڍا ! تنهنجيءَ ست
مون تان لاهه مر هٿ، ڪامل ڏٽي ڪاڪ جا !

تازو مهراڻي ۾ راضي شاهه جي ميلي تي سکهڙ ميان عثمان خان لغاري اسان کي هيٺيون مشهور بيت هن ڍگهي روايت سان ٻڌايو ته:

تن تسبيح، من مڻيو، دل دنبورو جن
تندون جن طلب جون وحدت سر وڄن
"وحده لا شريڪ له" اهو راڳ رڳن
"موتوا قبل ان تموتوا" اها لرز لڳن
"في الافاق وفي انفسڪم" اها هاڄ هٿن
"لتنذر قوماً ما" اهو پهه پيرن
سڀ عضوا عبداللطيف چئي، پرين لئي پرچن،
ستا سي سونهن، ننڊ عبادت جن جي.

اهي مٿيان چند نوان بيت جي صرف مثال خاطر هت ڏنا ويا آهن، سي باوجود نقص جي، هڪ محقق لاءِ نهايت قيمتي آهن. اهڙيءَ طرح ڀٽائي صاحب جي ٻالي واريون ڪافيون جي ٻاهر ٻڌجن پيون تن جو ته شرو شمار ئي ڪونهي. انهيءَ سڄي مواد کي سهيڙڻ ۽ سموهڻ بذات خود هڪ وڏي ادبي ڪاوش آهي.

(٢) شاهه جي ڪلام جي هڪ جامع شرح: جينوئيڪ مرزا قليچ بيگ "لغات لطيفي" ۾، محمد بخش صاحب واصف "شرح لطيفي" ۾، ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي رسالي ۾، پيرومل "غريب اللغات" ۾ ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن مختلف سرن متعلق پنهنجن ڪتابن ۽ مضمونن ۾، ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ آيل انوکن لفظن ۽ اصطلاحن ۽ خيالن جي معنيٰ ۽ شرح لکي هن ڏس ۾ هڪ چڱو ابتدائي ڪم ڪيو آهي تاهم هن تحقيق جو ميدان اڃان ڪافي ڪشادو آهي، جنهن جو ثبوت اهو آهي جو اڃان تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"دائودي ديون ڪري، رکن ڪونهي رنگ ـ الخ" جهڙا بيت اسان پوري طرح سمجهي نه سگهيا آهيون ۽ نڪي وري "گجمير" ("گجر ڪي گجمير جون تارن ۾ تبرون الخ")، "عقابيل" يا "اوقابيل" ("عقابيل اکين ۾ الخ") ۽ ٻين ڪيترن انوکن لفظن جي معنيٰ پڪيءَ طرح معلوم ٿي سگهي آهي. اهڙي طرح رسالي ۾ ڪيتريون ئي تلميحون ۽ اشارا اجان تحقيق طلب آهن. مثلاً: لاکي ۽ اوڍڻ" ۽ "موکي ۽ متارن" جي اهڃاڻن جي اصليت ڇا آهي؟ "لاکي ڦلاني" ۽ "جسوڌن" جي تاريخي حيثيت ڪهڙي آهي؟ ڀٽائي صاحب جا ڪي بيت ته وري ڄڻ "ڏور جا بيت" آهن جن جي معنيٰ ۽ مراد رڳو ظني ۽ گماني ٿي سگهي ٿي. هيٺيون بيت انهيءَ معما جو هڪ خاصو مثال آهي:

مـاٺـڪ مـنـڌ هـتـا، پـيـتـيءَ ۾ پـرزا تـيـو
سـڄو تـان "سـيـد" چـئـي لـهـي لـک سـوا
پـــکـي پـــڄـاڻـــا، پـــدمـــئـــون پـــري تـــيـــو.

لفظي ۽ لغوي تحقيق کان سواءِ ڀٽائي صاحب جي ڪلام تي بلاغت، بديع ۽ معاني جي لحاظ سان هڪ بسيط شرح لکڻ لاءِ اڃا تائين ميدان خالي آهي.

## ڀٽائي صاحب جي حقيقي پيغام کي سمجهڻ جي ضرورت:

ڀٽائي صاحب صرف شاعر بنجڻ خاطر بيت ڪين جوڙيا ۽ نڪي وري بيتن ذريعي ڪيس سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهاڻين کي اجارڻو هو. شعر کي هن بزرگ صرف پنهنجي خيالات جي اظهار جو هڪ مؤثر وسيلو بنايو ۽ انهن خيالن کي عام فهم بنائڻ لاءِ وري ويهي انهن کي سنڌ جي عام مشهور قصن جي تاڃي پيٽي ۾ اٽيو. ڀٽائي صاحب پنهنجي هر بيت جي ذريعي ماڻهن کي سندن ترقيءَ جو ڪو نه ڪو سبق سيکارڻ ٿي گهريو، جيئن ته انهيءَ مقصد جي خود پاڻ صاف لفظن ۾ وضاحت ڪئي اٿس ته: اهي سندس بيت ڪن شاعرن وارا بيت ڪين آهن مگر هڪ گهري حڪمت ۽ حقيقت جا نيشان يا "آيتون" آهن. مگر انهي ڪامل و مڪمل مرد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ کي عورت تصور ڪري ! هيءَ شاه جي توهين نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ هي منهنجو اشارو ”سر سامونڊي“ جي روحاني راز ۾ جيڪي مرحوم شاهواڻي لکيو آهي ان ڏي بہ آهي. جيڪڏهن مرحوم زنده هجي ها تہ ساڻس ان بابت ڳالهائجي ها.

شاه وٽ مرد مرد آهي ۽ عورت عورت ـ بلڪ مرد جو رتبو شاه وٽ عورت کان اعليٰ ترين آهي. ڇا هي بيت شاه جو نہ آهي؟ جنهن ۾ مرد کي مرد جي حيثيت سان رهڻ جي تلقين ڪري ٿو:

سرمون سياهيءَ جو رنن کي رهاءِ
کاني ڪارائيءَ جي مرد تي مَ پاءِ
اکين ۾ اتڪاءِ، ڪا لا لائي لالن جي.

شاه ”طالب المولیٰ مذڪرا“ رهڻ جي تعليم ۽ حقيقت کهڙي نہ سهڻي سمجهاڻي سان پيش ٿو ڪري:

مونا طور سينا سندا سنياسين
طالب المولیٰ مذڪراً اي ڪلام ڪيائون ڪن
سڪن ڪي سين پرين ٻجهي ڏنائون ٻن
الف آديسين، چوندي رکيو چت ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رسالي جي جامع مستند متن
# تيار ڪرڻ طرف قدم

"وڪ تنهن ويجهي ڪئي جا ڪُهي ڪنيائين"

حق ۽ حقيقت، انسان جي اخلاقي عظمت، عالمي وحدت، سنڌ جي تاريخي ۽ تهذيبي روايت شاعرانه نزاڪت، ۽ سنڌي ٻولي جي معياري لغت ۽ بياني وسعت جي هڪ دستاويزي شهادت جي لحاظ سان "شاهه جو رسالو" هڪ اهڙي بي بها دولت ۽ امانت آهي جنهن کي سمجهڻ ۽ سانڍڻ جي ضرورت ڪنهن دليل ۽ بيان جي محتاج ناهي.

شاهه عبداللطيف جي دلپذير ڪلام کي گڏ ڪرڻ، لکڻ ۽ پڌري ڪرڻ جي ڪوشش خود سندس حياتيءَ ۾ سندس پيارن فقيرن ۽ عقيدتمندن شروع ڪئي. سڄو ڪلام فقط ڪنهن هڪ مجموعي يعني هڪ رسالي ۾ لکجي گڏ ڪونه ٿيو پر جدا جدا فقيرن پنهنجي ذاتي ذوق ۽ ڪوشش سان شاه صاحب جي ڪلام جا جدا جدا مجموعا (رسالا) تيار ڪيا جن مان هر هڪ ۾ بيتن ۽ واين جي تعداد، انهن جي پڙهڻين توڙي سُر وار ترتيب ۾ فرق هو، جيڪو ويندي موجوده وقت تائين هلندو آيو. انهيءَ ڪري گذريل صديءَ کان وٺي ڪن سڄاڻ عالمن جو ڌيان انهيءَ طرف ويو ته رسالي کي سڌاري سنواري شايع ڪجي.

## رسالي جي تَدوين ۽ تحقيق جو پهرين دور :

انهيءَ سلسلي ۾ گذريل صدي کان وٺي ايندڙ سؤ سالن ۾ جيڪي ڪوششون ٿيون تن جا نتيجي طور هينيان چار مکيه رخ هئا.

---

"شاهه نامو" شعبه مطبوعات سنڌ ـ اطلاعات کاتو ـ جنوري ١٩٨٠ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) رسالي کي ڇاپي شايع ڪرڻ : ڀهريون رخ رسالي کي ڇاپي شايع ڪرڻ طرف ٿيو، ۽ سنه ١٨٦٦ع ۾ مشهور جرمن عالم آرنسٽ ٽرمپ جرمني جي شهر ليپزگ مان رسالو ڇپايو. سندس خاص ڪارنامو اهو هو جو سنڌي الف ـ بي جي حرفن جي ٽائيپ تيار ڪرايائين ۽ انهيءَ نئين ٽائيپ ۾ رسالو ڇپيو. متن جي صحت طرف به توجهه ڪيائين پر اها ڳالهه سندس وس کان ٻاهر هئي، جو نه ونس رسالي جا ڪي گهڻا نسخا موجود هئا، ته نه ڪا وري سنڌي ٻولي سندس پنهنجي ٻولي هئي. ان ڪان سواءِ خرچ جي ڪمي سبباڻ رسالو به فقط "سر مارئي" تائين ڇپيو: يعني ته سڄو ڪونه پر اڌورو ڇپيو. انهيءَ ساڳي ئي وقت ۾ پور بندر (ڪاٺياواڙ) جي ميمڻ تاجرن جن جي مادري زبان "ڪڇي سنڌي" هئي تن بمبئي ۾ ليٿو ڇاپخانو قائم ڪيو. جتان ٽرمپ واري ڇاپي کان پوءِ ٻئي سال يعني ١٨٦٧ع ۾ بمبئي مان رسالو شايع ٿيو. هي پهريون رسالو هو جيڪو سڀني سرن سميت سڄو سربستو شايع ٿيو. رسالي جي اشاعت جي سلسلي ۾ مير عبدالحسين خان سانگي به هن ساڳئي ئي عرصي ۾ وڏي خدمت ڪئي جو ڪاتبن کان رسالا لکايائين ۽ اندر ڏيرن ۾ توري ٻاهر دوستن ۾ تحفي طور ڏنائين. سندس لکايل به ٽي رسالا اسان جي نظر مان گذريا.

(۲) جدا جدا ڇاپي ۽ قلمي رسالن مان سڀ بيت ڪڍي ۽ يڪجاءِ ڪرڻ:

انهيءَ ڪم جي شروعات مرزا قليچ بيگ ڪئي. هو پهريون صاحب هو جنهن محسوس ڪيو ته سڀ رسالا هڪ جهڙا ناهن، پر سڀني ۾ تورو گهڻو فرق آهي. ڪن ۾ ڪي بيت آهن ته ڪن ۾ اهي ناهن. انهيءَ ڪري جدا جدا رسالي تان جدا جدا بيت ڪڍي يڪجاءِ ڪجن. مرزا صاحب ائين ڪيو ۽ گهڻي ۾ گهڻا بيت گڏ ڪري رسالو ڇاپيو. مرزا صاحب جي به اها خدمت هئي جو رسالي جي لفظن جي معنيٰ ڏانهن توجهه ڪيائين، ۽ "لغات لطيفي" جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنوان سان جدا ڪتاب ڇاپايائين.

## (۳) جدا جدا ڇاپي ۽ قلمي رسالن کي پيٽني صحيح پڙهٽيون قائم ڪرڻ.

اهو ڪشالو پهريون ڀيرو ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪيو. رسالي جي صحيح متن قائم ڪرڻ طرف اهو پهريون قدم هو مگر افسوس جو ان جي تڪميل ٿي نہ سگهي. هڪ تہ بيت لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي فقط چار پنج رسالا سامهون رکيا. حالانڪ ان وقت ڇاپيل رسالن کان سواءِ سنڌ ۾ قلمي رسالا بہ گهڻا ئي موجود هئا. باوجود انهيءَ جي سندس ڪوشش هڪ صحيح علمي ڪوشش هئي جنهن ۾ صحيح متن قائم ڪرڻ کان سواءِ لفظ جي معنيٰ توڙي شاه جي فڪر کي اجاگر ڪرڻ طرف ڌيان ڏنو ويو. مگر ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪيل محنت مان فقط ٽي جلد شايع ٿيا، يعني تہ رسالي جي متن جو سوايو اڌ شايع ٿيو ۽ باقي متن رهجي ويو.

ان بعد ۱۹۳۰ع کان وٺي ويندي ايندڙ ٽيهن چاليهن سالن تائين ”رسالي جي ڇنڊڇاڻ“ وارو عمل جاري رهيو، مگر جدا جدا رسالن کي پيٽڻ يا سڄي ڪلام کي سهيڙڻ ڏانهن ڌيان ڪونہ رهيو. هن عرصي ۾ جن صاحبن رسالا مرتب ڪيا ۽ ڇپايا تن بنيادي طور رسالي جي اشاعت وارو مقصد ادا ڪيو. البت سنڌي ادبي بورڊ جي قائم ٿيڻ بعد بورڊ طرفان رسالي جي صحيح متن تيار ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو ڪم مرحوم ڊاڪٽر دائودپوٽي جي سپرد ڪيو ويو. افسوس جو ڊاڪٽر صاحب جن سان حياتي وفا نہ ڪئي ۽ هي ضروري ڪم پورو نہ ٿي سگهيو. البت ڊاڪٽر صاحب مرحوم ڇهن رسالن جي پيٽ ڪري جدا جدا پڙهٽيون قلمبند ڪيون هيون. اهو ڪم مسودي جي صورت ۾ هو جنهن کي وڏيڪ محنت سان سوڌي سنواري شايع ڪرڻ جو بورڊ فيصلو ڪيو مگر اهو ڪم بہ پورو نہ ٿي سگهيو.

(۴) فڪر، معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ کان رسالي کي مرتب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو پهريون بنيادي قدم علامه آءِ ـ آءِ قاضي ڪنيو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪين اها خدمت سپرد ٿي. جيتوڻيڪ قاضي صاحب جي مڪمل نظر ۽ هدايت واري معيار مطابق رسالي جو متن مرتب ٿي نه سگهيو، تنهن هوندي به ڇپيل متن واري ترتيب ۾ شاه جي فڪر جي ارتقاءَ ۽ معنوي ربط واري بنيادي اصول جي نمايان جهلڪ نظر اچي ٿي.

## تحقيق جو نئون دور :

مٿئين مختصر جائزي مان معلوم ٿيندو ته ١٨٦٦ع ۾ ٽرمپ جي شايع ڪيل رسالي کي وٺي ايندڙ هڪ سؤ سالن واري عرصي ۾ رسالي کي بهتر صورت ۾ شايع ڪرڻ جون ڪوشش هلنديون آيون مگر سچي رسالي جو صحيح ۽ مستند متن مرتب نه ٿي سگهيو. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي وفات کان پوءِ وارو عرصو ڪافي ڳڻتي ۽ نااميدي وارو هو، ڇاڪاڻ جو رسالي جي جدا جدا ڇاپن ۽ دستخطن کي پيٽڻ واري تحقيقي ڪم جو ڪوبه امڪان نظر ڪونه ٿي آيو. ڪي جهونا ڇپيل ۽ قلمي رسالا ان وقت جيڪي هٿ آيا هئا سي راقم توڙي پين سچڻ ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي حوالي ڪري ڇڏيا هئا. پيا رسالا ڪٿان اچن، ۽ پيو ڪير هجي جو هن مشڪل تحقيقي ڪم ۾ هٿ وجهي!

باوجود انهيءَ نا اميدي واري ماحول جي، شاه عبداللطيف ثقافتي ڪميٽي جي اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ مون، سنه ١٩٦٦ع جي آخر ڌاري ڪاميٽي جي آڏو رسالي جي مستند متن تيار ڪرائڻ جي تجويز پيش ڪئي. ڪاميٽي اها تجويز قبول ڪئي پر ان جي تڪميل جي ذميواري مونکي سونپي فيصلو اهو ڪيو ويو ته پهريائين رسالي توڙي شاه جي سوانح بابت بنيادي تحقيق پوري ڪئي وڃي ۽ پوءِ ٻئي مرحلي ۾ رسالي جي مستند متن تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي.

منهنجي لاءِ اها هڪ ڳري ذميواري هئي پر مون مجبوراً اها قبول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ رسالي جي مستند متن تيار ڪرڻ جو ڪم نهايت ضروري هو، ٻيو تہ ان جي تڪميل لاءِ ڪوبہ چارو نظر ڪو نہ ٿي آيو سواءِ انهيءَ جي جو نا اميدي کي ترڪ ڪري همت ۽ حوصلي سان ان جي شروعات ڪجي. ١٩٦٧ع ۾ ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ١٩٧٧ع تائين ڏهن سالن جي عرصي ۾ رسالي توڙي شاه جي سوانح بابت بنيادي تحقيق وارو پهريون مرحلو خير خوبي سان پورو ٿيو. انهيءَ ذميواريءَ کي نباهي پوري ڪرڻ لاءِ جيڪي اسباب مددگار ثابت ٿيا سي هي هئا: گذريل ويهن سالن واري عرصي ۾ لوڪ ادب جي تحقيق ڪندي ڪافي قيمتي مواد هٿ آيو جنهن رسالي جي گهڻن سُرن جي پس منظر کي وڌيڪ چٽو ڪيو. جامع سنڌي لغات لاءِ مواد سهيڙيندي رسالي جا الفاظ ۽ اصطلاح سمجهہ ۾ آيا. خود رسالي سان ذوق ۽ محبت واري جذبي هيٺ رسالي جي ڄاڻو فقيرن سان ڪچهريون ٿيون جن ۾ رسالي جي جدا جدا روايتن کي سمجهڻ جو موقعو مليو. ان ڪان سواءِ پنهنجن ڪارڪن رفيقن توڙي سنڌ جي مختلف ڀاڱن مان مخلص دوستن جي پوري پٺڀرائي حاصل ٿي. سڀ ڪان وڌيڪ امداد الاهي ٿي جو جڏهن توڪل جو ترهو ٻڌي مون رسالن جي ڳولا شروع ڪئي تہ گذريل هڪ سؤ سالن ۾ ڇپيل سڀ رسالا ۽ انهن ڪان سواءِ سنتيهہ کن قلمي رسالا، سنڌ توڙي سنڌ ڪان ٻاهر، دستياب ٿيا. هڪ قلمي رسالو جيڪو ايران جي شهر تهران جي هڪ ڪتبخاني ۾ هو تنهن جو هڪ مخزن پڙهندي پتو پيو ۽ آخرڪار ڪشالا ڪري وڃي تهران مان ان جو عڪس هٿ ڪيو ويو.

١٩٦٧ع ڪان ١٩٧٧ع تائين ڪيل تحقيق ذريعي نہ فقط نوان قلمي رسالا هٿ ڪيا ويا ۽ رسالي بابت نوان تحقيقي ڪتاب شايع ڪيا ويا، پر ان تحقيق ذريعي رسالي بابت جيڪي نيون حقيقتون حاصل ٿيون ۽ اهم نوان نتيجا نروار ٿيا تن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ علمي تحقيق جي لحاظ سان رسالي بابت ١٩٦٧ع ـــ١٩٧٧ع وارن ڏهن سالن ۾، ڪيل ڪم ايترو تہ اهم ۽ قيمتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جو ان کان اڳ ان جو مثال موجود ناهي. هن تحقيق دوران ٿي مکيہ رسالا، رسالي جي تحقيقي مطالعي بابت بہ بنيادي ڪتاب، ۽ شاهہ جي سوانح وغيره بابت ٿي ڪتاب ـ يعني جملي اٺ اهم ڪتاب شايع ڪيا ويا. انهن ڪانسواءِ لطيف سالگره جشن وارن اجلاسن ۾ پڙهيل مقالن تي مشتمل ڏهہ ننڍا ڪتاب ڇپايا ويا.

## (الف) رسالي جي سرن ۽ مطالعي بابت ٽي رسالا:

١. برٽش ميوزيم لنڊن ۾ محفوظ قلمي رسالو سنہ ١٩٦٩ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي پهريون رسالو هو جنهن ڪي پڙهڻ سان معلوم ٿيو تہ "سر ڪلياڻ" بدران "سر سسئي" سان شروع ٿئي ٿو ۽ قلمي رسالن جي تاريخ ۾ اهم آهي. هي قلمي رسالو انهيءَ لحاظ سان بہ اهم آهي جو غالباً ڪڇ جي ڪنهن ڄاڻو فقير گذريل صدي ۾ لکيو يا لکايو.

٢. "سر ڪلياڻ" سان شروع ٿيندڙ ٽن آڳاٽي ۾ آڳاٽن قلمي رسالن ڪي پيٽي سنہ ١٩٧٢ع ۾ ٻيو رسالو شايع ڪيو ويو. رسالي جا سڀ ڪان پهريان بہ ڇاپا (يعني ١٨٦٦ع ۾ ٽرمپ وارو ۽ ١٨٦٧ع ۾ بمبئي وارو پهريون ڇاپو) اهڙن قلمي رسالن تان اُتاريا ويا جيڪي "سر ڪلياڻ" سان شروع ٿيا. ان ڪان پوءِ ٻيا سڀ رسالا انهن اوئلي ڇاپن مطابق شايع ٿيا. اتان انهيءَ ڳالهہ جي ڳولا شروع ڪئي ويئي تہ ١٨٦٦ع ۽ ١٨٦٧ع ڪان ڪيترو اڳ "سر ڪلياڻ" جي شروعات سان رسالا مرتب ٿيا ۽ انهن ماڻ ڪو باقي بچيو يا نہ؟ ڪافي ڳولا ڪان پوءِ اسان ڪي ٽي اهڙا قلمي رسالا هٿ آيا جيڪي سنہ ١٢٦٩هہ ۽ ١٢٧٠هہ جا لکيل هئا، يعني تہ ٽرمپ واري ڇاپي ۽ بمبئي جي ڇاپي کان ١٢ ـ ١٣ سال اڳ جا لکيل هئا. انهن ٽنهي کي پيٽي، رسالو شايع ڪيو ويو تہ جيئن "سر ڪلياڻ" سان شروع ٿيندڙ آڳاٽي ۾ آڳاٽن رسالن جو متن اسان جي آڏو اچي وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣. ”سر سسئي“ سان شروع ٿيندڙ قلمي رسالن کي پيٽي سنه ١٩٧٧ع ۾ ٽيون رسالو شايع ڪيو ويو. شروعات ۾ اسان کي فقط برٽش ميوزيم لنڊن واري قلمي رسالي جي خبر پئي جنهن جي شروعات ”سر سسئي“ سان ٿيل هئي. ان بعد اسان وڌيڪ تحقيق ڪئي ته جيئن اهو معلوم ٿئي ته فقط اهو رسالو ”سر سسئي“ سان شروع ڪري لکيو ويو يا ٻيا به ڪي قلمي رسالا انهيءَ ترتيب سا لکيا ويا. سٽن ائن سالن جي مسلسل ڳولا سان ست ڪن ٻيا اهڙا قلمي رسالا هٿ آياجيڪي ”سر سسئي“ سان شروع ڪري لکيل هئا. انهن سيني کي پيٽي سنه ١٩٧٦ع ۾ اسان ٽيون رسالو مرتب ڪيو جيڪو ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيو.

## (ب) رسالن جو اندروني مطالعو :

هن تحقيق دوران اسان جملي ۴٦ کن قلمي ۽ ڇاپيل رسالا ڳولي هٿ ڪيا، جن جو مطالعو ڪري هيٺيان ٻه تحقيقي ڪتاب شايع ڪيا ويا:

١ ـ **شاه جي رسالي جا سرچشما :** هن ڪتاب ۾ مٿين جملي قلمي توڙي ڇاپي رسالن مان هر هڪ جو جدا جدا تفصيل ڏنو ويو ته جيئن اهو معلوم ٿئي ته ڪهڙا ڪهڙا رسالا، ڪڏهن لکيا ويا يا ڪڏهن ڇاپيا ويا. هي ڪتاب ١٩٧٢ع ۾ شايع ڪيو ويو.

٢. **شاهه جي رسالي جي ترتيب:** هن ڪتاب ۾ مٿين جملي قلمي توڙي ڇاپي رسالن مان هر هڪ جا بيت، وايون، داستان ڳڻي، وچور ڏنو ويو ته جيئن معلوم ٿئي ته جدا جدا رسالن مان هر هڪ ۾ ڪيترو ڪلام ڏنل آهي ۽ انهن ۾ ڪيترو فرق آهي. ان ان سواءِ هر هڪ رسالي جي هر هڪ داستان جي مکيه مقصد ۽ معنيٰ وارا شروعاتي بيت مطالع ڪيا ويا ته جيئن اهو معلوم ٿئي ته هن کان اڳ، معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان، جدا جدا رسالن جي ترتيب ڪهڙي نموني سان بيهاريل آهي. هي ٻيو مکيه ڪتاب ١٩٧۴ع ۾ شايع ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (ج) شاهہ جي سوانح بابت ڪتاب:

١. شاه جي سوانح بابت پهريون تفصيلي مواد مير عبدالحسين خان "سانگي" مرحوم پنهنجي فارسي ڪتاب "لطائف لطيفي" ۾ گڏ ڪيو. جيتوڻيڪ مير صاحب مرحوم هي ڪتاب گذريل صديءَ ۾ تاليف ڪيو، پر اهو قلمي حالت ۾ ئي رهيو تان جو هن تحقيق دوران اسان ان جو قلمي نسخو هٿ ڪري ان کي ڇاپايو.

٢. مير عبدالحسين خان "سانگي" وٽان مرزا قليچ بيگ صاحب کي مواد مليو جنهن سنڌيءَ ۾ ان کي نئين سر مرتب ڪيو هو ۽ اهو ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" جي عنوان سان گذريل صديءَ جي آخر ۾ ڇپايو، مگر اهو ڇاپو ناياب ٿي چڪو آهي ڪافي تلاش ڪان پوءِ هٿ ڪري ڇاپايو ويو.

انهن ڪتابن کان سواءِ بيدل جو "پنج گنج" جيڪو قلمي صورت ۾ هو، تنهن کي ڇاپايو ويو، ڇاڪاڻ تہ اهو پهريون ڪتاب هو جنهن ۾ معنوي لحاظ سان شاه عبداللطيف جي ڪن چونڊ بيتن کي قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ مولانا رومي جي (١) بيتن سان گڏ پيش ڪيو ويو.

### تحقيقي نتيجا :

ڏهن سالن جي هن تحقيقي ڪشالي سان نہ فقط مٿيان بنيادي ڪتاب شايع ڪيا ويا پر انهن جي تاليف ۽ اشاعت توڙي تحقيق ۽ تلاش ذريعي هيٺيون حقيقتون ۽ مکيہ نتيجا حاصل ٿيا، جيڪي هن کان اڳ اينترو چٽا پڌرا نہ هئا:

١. چاليهن کن قلمي رسالن جي مطالعي مان رسالن جي ڪاتبن ۽ سندن ڪتابت، رسالي لکڻ جي ذوق، ۽ جن جن جاين تي رسالا لکيا ويا جن لکايا تن جي ذوق توڙي علمي لياقت تي روشني پئي.

٢. ڇاپي رسالن جي صحيح حقيقت معلوم ٿي. مثلاً اڳ عام

(١) تي چار قلمي رسالا مٿين ڪتابن شايع ڪرڻ بعد مليا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح "بمبئي وارو رسالو" مشهور هو، جو جڻ ته ساڳيو هڪ ئي رسالو بمبئي مان پئي شايع ٿيو. پر مطالعي مان معلوم ٿيو ته ڪم از ڪم ٽي جدا رسالا (يعني ته ٽن جدا جدا قلمي نسخن تان نقل ڪيل رسالا) جدا جدا سالن (١٢٨٣هه، ١٢٩٢ ۽ ١٣٠٦هه) ۾ ڇپيا، ۽ پهريان به، پوءِ جزوي ترميم سان وري وري ڇپيا. انهيءَ لحاظ سان رسالي جامڪيه "بمبئي ڇاپا" ٽي آهن ۽ نه هڪ. رسالي جي صحيح متن مرتب ڪرڻ لاءِ ٽنهي ڪي ڏسڻ ضروري آهي ۽ نه فقط هڪ کي، جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪيو.

٣. تحقيقي مطالعي ۾ بيت مان اهو معلوم ٿيو ته ڀٽائي صاحب جي حياتيءَ ۾ ان کان پوءِ ويندي هڪ سؤ سالن تائين، يعني ته اندازاً ١٧٥٠ع - ١٨٥٠ع واري دور ۾ جيڪي به رسالا لکيا ويا، تن سڀني ۾ گهٽ ڪري "سر سسئي" پهريائين ڏنل هو.

٤. ٽالپور اميرن جي دور ۾ رسالي جي مطالعي ۽ "شاهه جي راڳ" جي وڏندڙ ذوق سببان اندازاً ١٨٥٠ع کانپوءِ "رسالي" کي نئين سر راڳ جي لحاظ سان مرتب ڪيو ويو، ۽ انهيءَ ڪري "سر ڪلياڻ" پهريائين رکيو ويو، ۽ ان بعد ٻيا گهڻا سر به ڳائڻ جي وقت جي لحاظ سان هڪٻئي پويان رکيا ويا.

٥. قلمي ۽ ڇاپي رسالن جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته شاهه صاحب جي وقت ۾ يا پوءِ، ڪلام فقط ڪنهن "هڪ رسالي" ۾ قلمبند ڪونه ٿيو پر جدا جدا فقيرن جدا جدا وقتن تي پنهنجي پنهنجي ڄاڻ ۽ پڄندي آهر شاهه جا بيت ۽ وايون گڏ ڪيا ۽ انهن کي جدا جدا ترتيب سان لکيو. انهيءَ ڪري هر رسالو (سواءِ انهن جي جيڪي ساڳئي رسالي تان نقل ٿيندا آيا آهن) بيتن ۽ واين جي تعداد توڙي ترتيب جي لحاظ سان جدا نوعيت جو آهي.

انهن نتيجن جي روشني ۾ ئي (١) جملي قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي ڀيٽي، (٢) هر بيت ۽ وائي جي سٽا کي ٻولي، وزن ۽ شعر جي نزاڪت جي لحاظ سان پوريءَ طرح پروڙي، (٣) بيتن ۽ واين ۾ آيل انوکن لفظن جي لغت ۽ معنيٰ جي لحاظ سان سهٽي ترتيب ڏيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسالي جو هڪ صحيح، جامع ۽ مستند متن تيار ڪري سگهجي ٿو. اهو رسالي بابت تحقيق جو ٻيو مرحلو آهي، جي حالات سازگار رهيا ۽ حياتي وفا ڪئي ته ان ڪي رفيقن جي مدد ۽ سڄڻن جي صلاح ۽ پٽيرائي سان پورو ڪيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو
# هنگلاج جو سفر (١)

گهڻي وقت کان خيال هو تہ هنگلاج وڃي ڏسجي، جنهن جو ذڪر اسان جن آڳاٽن شاعرن مان ميين شاه عنات ۽ ڀٽائي صاحب ڪيو آهي ۽ ڪائن پوءِ ٻين شاعرن پڻ ان جو نالو ڪنيو آهي. سنگت ڪي صلاحيو سون تہ: "اسان پهہ پيو، هلندي ڪا هنگلاج ڏي؟"

انهيءَ تي محترم محمد اسماعيل خان نون چيو تہ، "ادا هلنداسون". ارادو پڪو ڪيوسون ۽ تياريون شروع ٿيون تہ اها ڳالهہ وڃي عاليجناب پير صاحب پاڳاري تائين پهتي، جن چيو تہ: "ادا سڀ گڏجي هلنداسون". آخرڪار تاريخ ٢٨ آڪٽوبر (١٩٦١ع) ڏينهن ڇنڇر مقرر ٿيو ۽ شام جو ڪراچيءَمان رواني ٿيڻ جو پهہ پڪو ڪيو ويو. جناب پير صاحب جن سان جيڪي صاحب گڏ هئا، تن ۾ سيد سردار علي شاه ايڊيٽر "مهراڻ" ۽ مير فضل علي خان جا نالا قابل ذڪر آهن، انهن مڙسن توڙ نڀايو ۽ آخري منزل تائين گڏ رهيا. باقي ٻيا وچان واٽ تان وري ويا. جناب پير صاحب جن جي همت ۽ مردانگي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري ٿوري، ڇاڪاڻ تہ هن ڏورانهين پنڌ جي هر ڏکي منزل ۾، جيپ تي توڙي پيرن پيادي، سڀني کان اڳ ۾ هئا ۽ سڀني جي سار سنڀال پئي لڌائون ........

"هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجهيان اي مُرڪ"

---

(١) هيءُ مضمون ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ذاتي يادداشت طور سنہ ١٩٦١ع ۾ لکيو هو، پر جيئن تہ ان ۾ هنگلاج بابت قيمتي مواد موجود آهي، انهيءَ ڪري بلوچ صاحب جي رضا سان سندس بياض تان نقل ڪري هت ڏجي ٿو. (اعزازي سيڪريٽري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي طرف محترم محمد اسماعيل خان نون جي همت کي آفرين هجي جو کَهه ۽ ڪشالي جي ڪيس پرواه ڪانه هئي. ٿمر ۽ سواري جي انتظام ۾ جن مڙسن پاڻ موکيو تن ۾ مسٽر حبيب الله مختيار ڪار، غلام محمد، حاجي محمد سوڍو بگهياڙ، علي محمد، مستري آچار، الهه بچايو، الهه ڏنو، حاجي پنهون موندرو ۽ حاجي ڪَرمتي (بلوچ) برک هئا. گهٽ ۾ گهٽ لاءِ ته حب ندي به وڏي منزل هئي. پر هيءَ ته هاڙهي ۽ هڱورجو ڏورانهون سفر هو ۽

"هاڙهي، پٻ، هڱور جي تي سڃي ڳالهه ڳري !"

انهيءَ ڪري سفر تي اسرندي ئي ڀٽائي صاحب جي سٽ ياد آئي ته:

"جي حب نه هلڻ سکيون، سي جڏيون ميڙ جليل !"

## ڪراچي کان ليارِي :

ڇنڇر ڏينهن، آڪٽوبر ٢٨ تاريخ تي سنگت ڪراچي مان رواني ٿي. همت وارا اڳ هليا ۽ هيٺا پوءِ نڪتا. پر مڙني کي پهرين منزل "ليارِي" تي پهچڻو هو. اسان ٽن جيپن ۽ سامان جي هڪ ٽرڪ سان رات جو ٩ بجي ڪراچي ڇڏي ته هڪ جيپ بروقت ئي جواب ڏنو. اهي ماڻهو ڪٽي ڪئي سون "الله توهار". ڪراچي شهر مان "شيرشاه" ۽ "ليارِي" وچان رستو لس ٻيلي ڏانهن وڃي ٿو، جو پهريان ئي حب ندي تي پهچي ٿو، ڄڻ هن جي الهندي پران لس ٻيلي (ضلعي) جي حد شروع ٿئي ٿي. جڏهن جيپون خير سان حب نديءَ جو پاٽي جهاڳي چڙهيون ته اڳتي وڏو شاهي رستو هو، جو ڪراچيءَ کان ڪوئيٽا تائين رتيل آهي ۽ هن وقت تائين "ٻيلي" جي شهر تائين ٺهي ويو آهي. ١٩٤٦ع ۾ جڏهن آءٌ ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ويو هوس ته هيءُ رستو ڪچو هو. حب ندي جي پريان پٻ جبل، اتر کان ڏکڻ سمنڊ جي ڪناري تائين هڪ ڪنڌي ٺاهيو بيٺو آهي:

"آءٌ هيڪلي حب ۾، نه مون مٽ نه ڪاڪو
پُري پڇندس پٻ ۾، وڻ وڻ وجهنديس واڪو" (شاه)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير! سڀ ڪنهن ڪي منزل جي اون هئي. هاڻي اڳيان اوڏڙو الهندي طرفان هاڙهو جبل ڪوٽ ٻڌيو بيٺو هو. اسان جي گس جو رخ به ڦري ڏکڻ طرف موڙئون ٿيو. هڪ ”ٽرڪ“ جنهن ۾ سيڏو سامان هو سا اڳئي پوئتي رهجي ويئي هئي ۽ اٽڪل هڪ ٻجي ڏاري ٻي وڏي ٽرڪ جنهن ۾ اسان جي مڏي ۽ سڄو سيڏو سامان هو، تنهن جو ”ڪوائل“ سڙي ويو. اسان جو ساٿي مستري آچار، مشنري جي فن ۾ ماهر هو تنهن جي ڪوشش سان ٽرڪ هلي، پر ميل پنڌ بعد وري بيهي رهي. ٻيلي ڏاڍي ڳالهه ٿي! طنبو طولان، هنڌ بسترا، سيڏو سامان ۽ انهيءَ ڪان سواءِ ڏهه ٻارهن مڙس سڀ ان ٽرڪ تي: جي نه ٿي هلي ته مڏي ٿي رلي. ٻيلي مڙس ٿي ٿاهيوس ! مستري آچار وري وجي اٽڪيو ۽ آخر ٽرڪ هلي. سڀ ڪنهن ٿڌو ساهه کنيو. هاڙهي جبل، آڏو ڪر ڪٽي پئي نهاريو ته اڄ مڙس مونکي لتاڙڻ هلياآهن، پر پاڻهي خبر پوندن. ٽرڪ ڇُري ته سهي پر به ميل کن هلي وري بيهي رهي. اتي شام جا تي لڳي چڪا هئا. مستري آچار وري ورتو ٽرڪ کي. اتفاق سان مون کي پٺاڻي صاحب جو بيت ياد آيو:

گـنـدي ۽ گـراه، جن سـنـاسـين سـانـديـو
تـنـــي ڪـان الله، اجا اڳاهـــون ٿـيـــو.

اتي مون پڪ جاتي ته جي سيڏو سنڀاليندا سون ته منزل تي ڪين پهچنداسون. محترم نون صاحب کي چيم ته: اسان کي توڪل ڪري هلڻ گهرجي. چيائين ته: ادا بيشڪ! اسان ڪجهه سُڪو ميوو ۽ چانهوغيره، جا شيءِ حاضر هئي، سا ڪٽي جيپ تي روانا ٿيا سون. اڳتي وڌيا سون ته هڪ جيپ بيٺل نظر آئي. چيائون ته: پير صاحب جن هي جيپ اوهان لاءِ ڇڏي ويا آهن ته جيئن سگهو اڇي منزل تي پهچو.

”هورن هاڙهو لنگهيو، ڳوربون ٿيون ڳمن“

اسان جو پوئتي رهجي ويا هئاسون سي هاڻي جيپ ۾ سوار ٿي اڳتي وڌياسون، پر الهندي طرفان هاڙهي جبل جي ڪنڌي، جاءِ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڏئي، جوتپي پار پئون. وچينءَ ڏاري مس وچي هاڙهي جو لڪ ٽپياسون. ٻڌائي صاحب سچ چيو آهي تہ:

”هلندي هاڙهي مٿي، ڏکن منهنجا ڏوهہ“

هاڙهي جي پرِيان پنيون نظر آيون ۽ هڪ پير مرد گڏيو جنهن چيو تہ، هگور ندي تي ڪين پهچندئو جو آڏو ”ڦور“ ندي تي اوهان کي سج لهي ويندو. اسان ارادو پڪو ڪيو تہ ڪيئن بہ ڪري منزل تي پهچنداسون، نہ تہ بہ جتي سنگت منزل ڪئي هوندي اوستائين ضرور ويندا سون. هلندي هڪليندي آخر وچي ڦور ندي (نئن) ٽپياسون. پريان پوڻو ۽ پٽ هو ۽ سج بہ پئي لٿو. سانجهيءَ بعد وچي هڪ ننڍي جبل کي چتايو سين جنهن جي پرسان واٽ هئي. انهي جبل جي پر چڙهيسون تہ آڏو اهڙي زمين هئي جنهن ۾ سم ڪلر جو اثر هو ۽ ڏٻڻ لڳي پئي هئي. اسان جي ڊرائيور خبرداري سان جيپ هلائي، پر ويچاري ويهجي ويئي. پوءِ تہ لهي پياسون ۽ لڳاسون ڇڪ ڇڪان ڪي. البت قسمت سولي هئي جو اڌ ڪلاڪ بعد جيپ ڪڍي اڳتي ڪئي سون. اتي جانچ ڪئي سون تہ پوپان روشني نظر آئي. اسان ترسي پياسون تہ انهيءَ گاڏي کي آگاهہ ڪريون تہ جيئن ڪلر ۾ نہ ڦاسي. جڏهن ويجهو اچي پهتي تہ ڏٺوسون تہ اها پهرين سيڌي سامان واري ٽرڪ هئي جا پوئتي رهجي وئي هئي پر ڪهي اچي پهتي هئي. چيوسون تہ بيلي ڇگو ٿيو، پر هاٺي سنڀالي گاڏي ڪلر مان ڪڍو. ڪوشش ڪيائون پر سٽارٽ ٿيڻ سان گاڏي وچي ڪلر ۾ گتي. مڙس ڇڪ ڇڪان ڪي لڳي ويا پر ڦيٿا هيٺ لهي ويا. بالاخر اسين آسرو لاهي، جيپ ۾ چڙهي ٿياسون راهي. پر هڪ تہ رات جو وڳڙو، پيو ستن اٺن ميلن ۾ هو ڪلر، سو ڪٿي پنڌ تہ ڪٿي سوار، نيٺ وچي پار پيا سون. اجان هگور جو پتو نڪو پاند ـ محسوس ڪيو سون تہ بيشڪ.

”هاڙهي، پپ، هگور جي ٿي سچي ڳالهہ ڳري“

اتي اسانجي جيپ جو ”گيئر“ جڏو ٿي پيو ۽ پانيوسون تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي بہ رڻ ۾ ٽي رات پوي، پر رڙهندي رڙهندي اٽڪل ساڍي ڏهين بجي رات جو اچي منزل کي ڇتايوسون.

”سامي جهاڳي سڄ، اچي وسڻن کي ويجها ٿيا.“

منزل ڪهڙي ! جو، نہ ڪا جاءِ نہ جڳهہ. نڪو، منهن نڪو جهوپڙي. ميدان ۾ جيپون بيٺيون هيون. هڪ ٻہ فراسيون وڇايل هيون. پير صاحب جن ويٺا هئا ۽ پنهنجي خوش طبعي سان ٻين ساٿين کي پئي وندرايائون. اسان وڃي سلام ورايو، پنهنجي سفر جو حال سڻايو، ۽ سُڪو ميوو ۽ چاءِوغيره وچ تي رکيو، جو پير صاحب جن سنگت آڏو رکي کين خوش ڪيو. پر اتي اتر جو ڇوٽ واءُ اچي ڪليو: هڪ سيءُ ۽ ٻيو مٽيءَ جو وسڪارو ـ سيني وڃي جيپون جهليون ۽ دروازا بند ڪري ويٺا. پير صاحب جن جي همت جو جتي ويٺا هئا، اُتي ويٺا رهيا، جنهن تي ڪم ڪندڙ همراهن جي همت وڌي. هڪ جيپ کي روانو ڪيوسون تہ پنڌرهن ويهن ميلن کن تي ڪلرِ ۾ جيڪا ”ترڪ“ ڦاٿل هئي اها وڃي ڪڍائي يا ڪم از ڪم اُتان سيڌو سامان کڻي اچي.

علي بخش ۽ عاقل ڪجهہ پريرو پنهنجي پٿاري ٺاهي مچ مچائي ڇڏيو هو. اتان اڌ فرلانگ پنڌ تي بنا ڇت جي ڇنل پٽرن سان سالن جي هڪ ڦتل جهوپڙي هئي، جنهن کي صاف ڪري نون صاحب، سردار علي شاه ۽ مون وڃي وسايو. رات جا ساڍا ٻارهن کن هئا جو موڪليل جيپ، ترڪ سوڌو اچي پهتي. شاميانا ڪڍي هٿاياسون ۽ معزز صاحبن کي جيپن مان اُتاري بسترن پيڙو ڪيوسون. فقط پير صاحب جن ئي هئا جي واءَ ۽ مٽيءَ کان چادر اوٽ ڏيو پنهنجي پاٿاري تي قائم هئا، ۽ شاميانی لڳڻ بعد اٿي اچي ساٿين سان خوش طبعي ڪرڻ لڳا. هاڻي اسين بي اونا ٿي ٻئي انتظام کي لڳاسون. هڪ بجي ڌاري اسان واري جيپ ۾ اسان جو ساٿي حاجي محمد سوڍو بہ اچي پهتو. واٽ تان ڏهن ميلن کن جو ور ڪري ٻہ دنبا وٺي آيو هو ۽ ڪجهہ ڇانور ڇيڙ پڻ پاڻ سان کڻائي آيو هو. غلام محمد ۽ حاجي محمد سوڍي چيو تہ صبح جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگتراشي جو چڱو خاصو ڪم ٿيل هو. آثارن مان اهي ڪرمتي بلوچن جون قبرون پئي معلوم ٿيون. غالباً مڪران کان اچڻ جي اها پڻ هڪڙي واٽ هئي. جهوني مڙس مراد اگاريي کان پڇيم جنهن چيو تہ: اها واٽ ”اورماڙي“ تائين وڃي ٿي ۽ اجا تائين ٻيلي جي ٽپال هفتي ۾ ٻہ دفعا انهيءَ واٽ سان ويندي آهي. هڱور ندي تي اورئين طرف جي اوني ٽپاليءَ کان ٻيو اوني ٽپالي ٽپال وٺندو آهي ۽ ”ملاڻ“ تي وڃي پهچائيندو آهي. ملاڻ جو لڪ هڱور ندي ۽ هڱور جي پهاڙن ڪي گهٽو پريان آهي. شاعر يوسف موندري ڪيڇين جي واٽ جو اهڃاڻ ڏنو آهي تہ:

”هور، ڦور، هڱور لنگهي ويا، ميا اُٿ ملاڻ“.

اسان جي منزل واري جاءِ تي هڪ پڪي ڪوٺي جون باقي بيٺل ديوارون پڻ نظر آيون. اڳئين وقت ۾ شايد اها سرڪاري چوڪي هئي. ڏکڻ طرف، هڱور ندي جي ڪناري تي هڪ ننڍڙي ٽڪري تي ڪجهہ پئي نظر آئي جا نظاري ڪي ڪنيو بيٺي هئي. چيائون تہ انهيءَ ڪجهي وٽ ”واڳن جي کُهري“ آهي، يعني تہ پاڻيءَ جو کَنب آهي، جنهن ۾ واڳون رهن ٿا. هڱور ندي جي ڪنبن ۾ جتي ڪٿي واڳون آهن. نديءَجي پريان الهندي طرف ڪناري سان ريت پئي نظر آيو جنهن ۾ وٽراه هئي. چيائون تہ اتي ٻنيون آهن. بهرحال هڪ عجب نظارو هو.

چاءِ پيئڻ بعد، اسان جي ساٿي محترم نون صاحب چيو تہ: مون کي ترت پوئتي ورڻو آهي، انهيءَڪري اسان جي سنبت هينئر هئي هنگلاج ڏي. آءٌ نون صاحب جي محڪم ارادي کان واقف هوس، انهيءَ ڪري جهل ڪانہ وڌم. اڳتي منزل اٺ نو ميل هئي پر هيءُ مڙس پيرين پيادو نڪري پيو. هڪ سونهون ۽ حاجي محمد سوڍو پڻ ساڻس روانا ٿيا. ڏهين بجي ڏاري اُٺ آيا تہ هڪ اُٺ سندن پويان اُماڻيو سون.

سردار علي شاه ۽ مون هاڻي وڃي ٻي سنگت جو سماءُ لڌو. پير صاحب جن سوير اٿيا هئا ۽ هڱورنديءَ جي ڪناري تي پاڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳ وڃي ڪيمپ هڻي هئاسون. ڪي ساٿي (محمد سعيد شاهه ۽ ٻيا) صبوح ساڻ ڪانئن موڪلائي واپس سنڌ وريا هئا. ڏهين بجي ڌاري جڏهن پندرهن سورهن اٺ اچي پهتا، تہ منجهند جي ماني ڪائي هنگلاج هلڻ جي صلاح ڪئي سون. پير صاحب جن پنهنجي همت مردانہ سان چيو تہ: ”اسان ندي مان جيپ ڪڍي اڳتي هلنداسين، ۽ اوهان اٺن تي ايندا“.

اندازاً ٽي بجي شام جو وقت هو، جو سنگت اٺن تي بار لڏيا ۽ ڪي اڳ ۾ ڪي پوءِ روانا ٿيا. هاڻي هڱور ندي جو پيٽ وٺي مٿي اتر اولهہ طرف هلڻو هو. منهنجو جت، صديق نالي هڪ نيڪ مرد هو جو بلوچي، سنڌي، فارسي توڙي اردو ڳالهائي ٿي سگهيو. اسان نديءَ جو پيٽ ڏيئي اڳتي هلياسون تہ الهندي پاسي پاڻيءَ جي ڪنب ۾ ڪناري تي واڳون نظر آيو جو اسان کي ايندو ڏسي هيٺ پاڻيءَ ۾ لهي ويو. جبل جو گهٽ مٿي اڳتي ٿياسون تہ اسان جو ساٿي محترم نون صاحب گڏيو جو هنگلاج ڏسي واپس وريو هو. ڪانئس موڪلائي اڳتي پنڌ پياسون. آڏو هڱور ندي نانگ وارا ور ڪنديءَ پئي آئي، ۽ اسان ڪڏهن سندس پيٽ مان تہ ڪڏهن مٿان ريت ۾ ون ور ڪاٽيندا پئي وياسون. ندي جي ڪناري سان، ڏگهين چوٽين واريون سفيد قسم جون ٽڪريون نظر آيون جن جو عجب نظارو هو. ريتن ۾ جهل جا وڏا شاهي ساوا ڇهڇ ٻوڙا بيٺل هئا جن جهڙا اسان اڳ ڪڏهين ڪونہ ڏٺا هئا. اڳتي پاسي سان هڪ ديوار مثل جبل جو ٽوڙ نظر آيو جنهن ۾ چيائون تہ چراخ گهڻا ٿا رهن.

بهرحال ڇهہ ست ميل پنڌ ڪري سانجهي ٽاڻي وڃي هڪ هنڌ هڱور جي پيٽ ۾ بيٺاسون، جتان ڪجهہ پاسي هڪ ننڍي گهار وٺي مٿي ”ناني“ جبل تي چڙهڻو هو. اتي سڄي سنگت اچي گڏ ٿي. پير صاحب جن بہ جيپ اتي ڇڏي، جو هاڻي هتان پيرين پيادل مٿي چڙهڻو هو. سانجهيءَ جو ٽاڻو ٽري چڪو هو جو پنڌ پياسون. هڪ اونداهي ٻيو مٿي پهاڙ جو پنڌ ! ناني جبل تان لهندڙ پاڻي جو گهار وٺي هلڻو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ گهار جي مٿئين ڪنڌيءَ تان ڪو پيچرو هو، پر اسان کي پورو هٿ ڪونه ٿي آيو. بس پوءِ ته ڪڏهن ٻانهون ٻوڙن ۾ ٿي اٽڪيون ته ڪڏهن ڇپون ڇاتيءَ ساڻ، ڪڏهن لهڻ ته ڪڏهن اُبو چڙهڻ، ۽ ڪڏهن پيرين منجهان ته ڪڏهن سَرن جي ٻوڙن منجهان رهڙجي ٿي پار پياسون. پنڌ ٻه ميل ٿي ڇيائون، پر چڙهائي ڪندي ڪوهه ٿي لڳا. جناب پير صاحب جن جي همت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، جو واٽ ڪُوات مان سيني جي مهڙ ۾ ٿي رهيا. اسان مان گهٽا ته ٿڪجي پيا ۽ ذري ذري پئي پڇيائون ته ”منزل اڃا ڪيترو پري آهي؟“ پر پير صاحب جن منزل پڇڻ يا ساهي کڻڻ واري ڳالهه زبان تي ئي ڪانه ٿي آندي. سندن انهيءَ همت سڀني کي ساٿي پڻ دل جهلي هلندا رهيا.

بالاخر هن گهار جي سڄي ڪناري تي جريب ڪن جيتري هڪ ڪشادي ماٿري نظر آئي ۽ جتي کي پٿيون ۽ وڏا وڻ بيٺل هئا. سُونهين چيو ته منزل تي پهچي ويا آهيون. ڪجهه دير بيٺاسون ته پويان اُٺن جي قطار به اچي پهتي. سيني پنهنجا تپڙ لاٿا ۽ انهيءَ ميدان ۾ پاٿاريون لڳي ويون. چڙهائيءَ وارو پنڌ ڪري آيا هئاسون، سو پهرياڻين ته ڪنهن کي به سردي محسوس ڪانه ٿي، پر ڪلاڪ کن کان پوءِ ٿڌ وري پئي. مڙس سڀ ايترو ته ٿڪل هئا جو ماني جي ڪنهن پڇا ئي ڪانه ڪئي، جو جتي هو سو تتي ويڙهجي سيڙهجي سمهي پيو. پير صاحب جن ڪلاڪ کن ويهي ڪچهري ڪئي. سندن ساٿين مان فقط مير فضل علي خان گڏ هو، ۽ آفرين هجي مير صاحب جي بردباريءَ ۽ همت کي جو تڪليف جي شڪايت کي ڪڏهن زبان تي ڪونه آندائين.

## هنگلاج :

صبوح جو اک کُلي ۽ اتي پنهنجي منزل واري ماڳ کي جاچيوسون. ٻنهي پاسن کان ”ناني“ جبل جون شاهي ڪنڌيون هيون، جن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي ”نانيءَ واري نئن“ هئي، جنهن جي کٻي ڪنڌيءَ تي (الهندي طرف) اسان جي منزل هئي. ايرندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف ساڌوئن جي سراءِ هئي، جنهن کي پٿرن جي ديوار سان هڪ حاطو هو ۽ سامهون ننڍيون ڪوٺيون ٺهيل هيون، جن تي ڪنهن وقت شايد ڇت پيل هئي. هڪ سِر تي هنديءَ ۾ ڪا عبارت لکيل هئي، پر پڙهڻ ۾ ڪانه آئي. اها سراءِ گهٽي پراڻي ڪانه هئي ۽ پوين پنجاهه سٺ سالن جي ٺهيل هئي. الهندي طرف، ٻن ٽن فوٽن جي اوچائي ۾ رکيل پٿرن سان هڪ ننڍي مسجد جو حاطو ٺهيل هو. چيائون ته اها مسجد جي حد لسٻيلي جيَ ڄام غلام محمد خان چاليهه پنجاه سال کن اڳ ٺهرائي هئي ۽ سندس ارادو انهيءَ کي پڪي ڪرائڻ جو هو، پر حياتي ساڻس وفا نه ڪئي. مسجد ۽ سراءِ جي وچ ۾ مٿانهين سطح تي ڪنڊيءَ جا ڪافي وڻ هئا. اڀرندي طرف هيٺ گهار ۾ پاڻي هو ۽ گاهه جي ساوڪ هئي، ۽ ٻهاڙ جي زنگي گل جا شاهي ٻوڙا بيٺل هئا، جن کي جتن "جَوَرَ" ڪري ٿي ڪوٺيو. "چيائون ته اُٺ جيڪڏهن اهي گل ٻوڙا کائي ٿو ته مري ٿو، ۽ انهيءَ ڪري جتي به "جوِر" هوندا، اُتي جت اُٺ نه چاريندا. پير صاحب جن ڪجهه اڳتي وڌي وڃي هڪ پاٽيءَ تي بيٺا هئا، جنهن ۾ هٿ جيڏيون مڇيون هيون. عاقل فقير رگوڏ ٻڌي پاٽيءَ ۾ گهڙي پيو ۽ مڇين جهلڻ سان پوريون ڪري ڇڏيائين. علي بخش ڏسي چيو ته "بس، ڊوري جي مهاڻن کي شهه آهي!".

سادي ڏهين بجي ڏاري سنيري، سڀني سنگت اها پاٽيءَ واري گهار ڏيئي اڳتي "هنگلاج" واري تڪيي ڏانهن هلي. اٽڪل سڏ پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ اچي ماڳ تي پهتاسون. وهندڙ گهار جي سڄي (اڀرندي) پاسي واري پهاڙ جي ڪنڌيءَجي پاڙ ۾ هڪ وڏي ڪوٻ هئي، جنهن جي مٿان جبل قدرتي ڇت ٺاهيو بيٺو هو، اها وڏي ڪوٻ هنگلاج جو تڪيو هو، جنهن جي آڏو گهار ۾ وهندڙ پاٽيءَ جو ننڍڙو تلاءُ هو. انهيءَڪوٻ جي اندر سڄي طرف واري پاڳي ۾ گذريل پنجاهه - سٺ سالن واري عرصي ۾، ٻن طرفن کان، پٿر جي اوساري سان، ڇهه - ست فٽ کن پٽ ڏياري وئي هئي، جنهن جي اوير واري پاسهين ۾ پنج فوٽ کن اوچو، ڪاٺ جو در چڙهيل هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان اندر انهيءَ وڏي سوراخ ۾ اوندهه هئي. آءٌ ڪبي دريءَ مان سيني ڀر سرندو اندر داخل ٿيس. منهنجي پويان علي بخش فقير به سيني ڀر سرندو اندر آيو. بس پوءِ ته سيني ڀر سرندا چوڌاري ڦري سڄي طرف واري دري ڪان خير سان ٻاهر نڪتاسون. انهيءَ تجربي مان معلوم ٿيو ته اها قدرتي غار ناهي، بلڪ شاهي ڇپ ڪي ڀاسن ڪان مٿان ڇت وجهي اها غار ٺاهي وئي آهي.

ڇپ جي مٿين سطح تي، ننڍا دائرا ۽ چلها ٺاهيل هئا ۽ پاٺ پوڄا جا ٿول، جهڙوڪ ڏيئا، ڍڪڻيون وغيره رکيل هئا. هڪ طرف "لنگ" (لنگم، چوڪس ۽ ٿوپي سميت) پڻ رکيل هو. چُلهن ۽ دائرن ۾ لوهه جا "ترشول" ڪتل هئا. دروازي جي سامهون جيڪو دائرو هو، انهيءَ کي صاف ڪرڻ سان هڪ طرف سنگمرمر جي هڪ ننڍي چوڪس سر هيٺ فرش ۾ لڳل نظر آئي، جنهن کي ڌوئڻ سان ان تي ٻن پيرن جا نشان اُڪريل نظر آيا. شايد ڪو وڏو فقير جنهن پهريائين هتي اچي پير گهمايا، تنهن جي ياد ۾ اهي قدمن جا نشان قائم ڪيا ويا آهن. ان سر جي مٿان ڀنوڙي جي ديوار ۾ ٻي سنگمرمر جي سر لڳل هئي، جنهن تي غالباً بنگالي زبان ۾ ڪتبو لڳل هو، جو اسان پڙهي ڪين سگهياسون. هن تڪبي ۾ ڪابه مورتي، بوتي توڙي تصوير جي صورت ۾ نظر ڪانه آئي.

ٻاهران جيڪي به ننڍيون ديوارون آيل هيون، انهن تي چوڌاري ڳاڙهي رنگ توڙي آڱرين سان لکيل تيرٿ واسين جا نالا لکيل هئا. گهڻيون عبارتون بنگالي ۽ هندي حرفن ۾ لکيل هيون ۽ ڪي ٿورا نالا سنڌي واڻڪي اکرن ۾ پڻ لکيل هئا. انهيءَ ڪوپ ڪان ٻاهر "نئن" واري وهنديءَ ۾ پيل ڇپن تي پڻ سينڌر جا نشان توڙي ياترا ڪندڙن جاپتا لکيل هئا. هڪ ڇپ تي آڱرين سان هڪ تصوير نڪتل هئي، جنهن ۾ ڄڻ هڪ ماڻهو ٻانهن مٿي ڪيو بيٺو آهي. اها تصوير ڏسي سنڌ جي عام روايت ياد آئي ته ڀِٽائي صاحب هنگلاج ۾ هڪ ساڌوءَ کي ڏٺو هو، جو وچن ڪري ٻانهن مٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهليو بيٺو هو. ڪيس ڏسي، پٺائي صاحب هيءُ بيت ڏنو تہ:

هنيون نہ سُڪايئي هوت لئہ، تو سُڪائين ٻانهون
مُنا مُنئي پاڻ ڪي، تو چوبن ”آهيان آديسي آئون“
هي پنڌ پرانهون، ڪي ڪي لهندا ڪاپڙي.

بهرحال هنگلاج جي تڪيي تي بت پرستيءَ جي بوءِ ڪانہ هئي. چئي نٿو سگهجي تہ دراصل اهو ڪنهن جو تڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ پرسان پاڻيءَ جي وهندي ۽ مٿان جبل جي کوپ واري ڇت جي پناهہ سببان هن ماڳ کي آڳاٽي وقت کان ماڻهن استعمال ڪيو. هن تڪيي جو اصل نالو ”نانيِ“ هو، جو اسلام جي اوائلي زماني کان استعمال ٿيو. جبل کي پڻ ناني سڏيو ويو، ۽ اڄا تائين مقامي طور هن تڪيي کي ”بيبي ناني“ جو آستانو سڏيو وڃي ٿو. ”ناني“ جي نالي مان اهو پڻ گمان اچي ٿو تہ شايد هي نالو ۽ تڪيو سر زمين عراق جي قديم معبود ”اينونا“ جي يادگار آهي.

ان بعد نسبتاً پوئين دؤر ۾ ڪنهن مها جوڳي هتي پير پاتا (جنهن جي ياد ۾ قدمن جا نشان قائم ڪيا ويا آهن) ۽ هيءُ ماڳ جوڳي فقيرن جي جاترا جو ماڳ بڻيو. مڪاني ماڻهن کان معلوم ٿيو تہ آڳاٽي وقت کان هتي هندستاني ٻالهائيندڙ فقير ايندا هئا. بنگالي ۽ هندي ۾ لکيل عبارتون ڏسي خاطري ٿي تہ ويندي هن پوئين دور ۾ پڻ بنگال ۽ بهار کان پانڌيڙا هت پئي پهتا آهن. تازو ١٩٥٩ع ۾ هڪ شخص ”جمال پور“ ضلعي ميمن سنگ (اوڀر پاڪستان) مان هت آيو هو، جنهن پنهنجو نالو ۽ پتو انگريزيءَ ۾ پڻ لکي ڇڏيو هو. گمان غالب آهي تہ پوين پنجن ـ ڇهن سون سالن کان ”هنگلاج“ جي تڪيي سان ”جوڳي پنٿ“ وارن جو واسطو پئي رهيو آهي. جوڳي پنٿ ۾ گرو گورکناٿ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ”گورکناٿ“ ۽ ”دينانات“ درويشن جو پورب طرف ويندي بنگال ۽ آسام تائين وڏو اثر هو ۽ اڄ ڏينهن تائين آهي. سنڌ ۾ هنن فقيرن جي سلسلي جو ڪو وڏو فقير آيو ۽ هنگلاج تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناني واري جبل تي چڙهي ديار ڪجي ۾ رات اتي ئي رهجي. ٽين بجي ڏاري چڙهائي شروع ڪئي سون ۽ ٻه منزلون مٿي وياسون ته گهٽ جا مٿا ڦري ويا، ته گهٽ جا هانءَ ٻتلجڻ لڳا. مجبوسون ته جبل تي چڙهڻ سولو نه آهي، انهيءَ ڪري وري لٿاسون هيٺ. اٽڪل ساڍي ڇئين بجي ڏاري قافلو تيار ٿيو. ڪي اُٺن تي ڪي پيادا، ”ناني واري گهار“ وٺي اچي هيٺ هگور نديءَ جي پيٽ ۾ پهتاسون. پير صاحب جن جيپ تي روانا ٿيا. باقي ٻين مان ڪن جا اُٺ اڳيان ته ڪي پوئتان، پر رات جي سُمهاڻي ڏاري سڀ ساٿ اچي هگور نديءَ واري منزل تي پهتو ۽ صلاح بيٺي ته صبوح جو مڏي ڪوچ ڪنداسون. صبوح جو ماني کائي ڏهين بجي واپس ورڻ جي تياري ڪئي سون. پير صاحب جن چيو ته واٽ تي جيڪا گندي جهڙي ٽڪري آهي، اُتي بيهنداسون ۽ ان کي ڏسنداسون. هگور ندي کان اها ٽڪري اٽڪل ٽيهارو ڪن ميلن جي مفاصلي تي اوريان هئي. اُتيٰ جي ماڻهن اُن کي ”پتڙ“ ڪري ٿي چيو: ڇاڪاڻ ته اُن جي چوٽيءَ مان ”پاڻي ”پُت پُت“ ڪري ٿي ٻُڙڪي نڪتو. پير صاحب جن اڳ پهتا ۽ اسين ٿورو پوءِ رَسياسون ۽ ”پتڙ“ جي پاڙ وٽ اچي جيپون جهليون سون. اسان جي سامهون ”پتڙ“ پنهنجي پوري شان سان کَر ڪنيو جهليون سين بيٺي هئي، ڄڻ ته مصر جو ”مخروطي منارو“ آهي، يا ائين ٿي ڀانيوسون ته هڪ وڏي گندي يا پلي آهي. بس پوءِ ته ڪمرڪشي ڪيوسون چڙهڻ شروع. هڪ لسي سطح، ٻي اُڀي چڙهائي. ڀانئجي ته ماٿهو ٿو پوئتي ڪري. پير صاحب جن خوش طبعي ڪندا، چڙهندا پئي ويا. سو ساٿن گڏ هلندا منزلون ڪندا، وڃي چوٽيءَ تي پهتاسون، جا ٽي ـ چار سؤ فوٽ اوچي هئي. مٿي عجب نظارو هو. چوٽي گنديءَ وانگر گول منهن سان هئي ۽ گول جو قطر تقريباً ويهه فوٽ کن هو. وچ سڄو گاري مثل گپ سان ڀريل هو، جنهن جي وچ تان گڏ ۾ پاڻي منٽ منٽ ۾ اُڏما پئي ڪاڏا. ڪنهن زماني ۾ غالباً اها ٻرندڙ جبل جي چوٽي هئي ۽ الا ۽ دونهان ڪڍيا هوندائين، پر هينئر ٺري وڃڻ بعد ٿڌو گارو ۽ گپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي اڇليائين. گپ سان گڏيل پاڻي ڇڪيو سون تہ ڪارو ھو. وڏيڪ پاڻي انھيءَ گنديءَ جي گول منھن واري ڪناري ڪان گپ ڪاڏئون سيما ڪري ھيٺ پئي لٿو.

ھن عجيب نظاري ڏسڻ بعد ھيٺ لھي پوئنتي جي ڊگھي سفر جي تياري ڪئي سون. پير صاحب جن اسان لاءِ واٽ تي ”ڪائين واري ”ھوٽل تي ترسيا ۽ ان بعد اڳتي ھلي شھر لياري ۾ سنگت لاءِ ترسيا. اسان جو ساٿي حاجي محمد سوڍو اڳ ”لياري“ پھچي چڪو ھو ۽ طنبو ھڻائي ماني جو انتظام ڪري ڇڏيو ھئائين. سانجھيءَ بعد اسين بہ اچي لياري پھتاسون ۽ ٻي سڄي سنگت بہ اچي پھتي. پير صاحب جن ڪلاڪ ڪن ڪچھري ڪئي ۽ مانيءَ بعد پاڻ موڪلائي ڪراچي اُسريا. اسان اھا رات لياري ۾ گذاري. رات جو ھڪ بجي تائين مارڪو ٿيو جنھن ۾ منگھي ۽ آدم نڙ وڄايو ۽ ھڪ طرف حسين فقير ھڱوري، سانوڻ ۽ مولا بخش جا بيت ڇيا تہ ٻئي طرف لس جي سگھڙ الھڏني مونڊري لس واري لئي ۾ لس ٻيلي جي شاعر يوسف مونڊري جا بيت ڏنا. ٻئي ڏينھن تاريخ ٢ ـ نومبر صبوح جي پھر لس جي سگھڙن ڪان بيت ٻُڌا سون ۽ منجھند جي ماني ڪائي لياريءَ جي سنگت ڪان موڪلايوسون.

واٽ تي ڪارڙي جي ناڪي لڳ ”آدم پير پاڙي جو پروچ“ تنھن جو قديم قبرستان ڏٺو سون. جنھن ۾ پٿرن جي سھڻي سنگتراشيءَ سان آڳاٽي وقت جون قبرون ھيون. ”آدم پير“ جي درگاہ مشھور آھي ۽ لسٻيلي جي حڪومت طرفان آڳاٽي وقت ڪان درگاھہ لاءِ زمين جاگير طور مليل ھئي. ڪرمتي بلوچن جي ھڪ شاخ مان آدم ھڪ درويش ٿي گذريو آھي، جو پنھنجي بزرگي سان ”پير“ ٿي سڏجڻ لڳو. آدم پير جي اولاد مان عيسب خليفو ٿيو. جو لڏي اچي ميرپور ساڪري ۾ رھيو. سندس اولاد مان اسان جو ساٿي ۽ دانا سگھڙ حاجي محمد سوڍو آھي، جو ھن وقت آدم پير جي درگاہ جو متولي آھي. آدم پير جي تاريخي مقام ڏسڻ بعد سڌو ڪراچي رخ رکيوسون ۽ ڇھين بجي شام جو اچي شھر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ ۾ پهتاسون. هنگلاج ڪراچيءَ کان اٽڪل ڏيڍ سؤ ڪن ميل پري آهي پر رستو ڪونهي ۽ رڻ جي وات آهي. انهيءَ ڪري جيپن هوندي بہ هي پنڌ ڏکيو ۽ ڏورانهون لڳو. خيال آيو تہ جوڳي وارن تارڪ فقيرن جو ڪشالا ڪري، رڻ جهاڳي ايترو پري وڃي تي هيءُ تڪيو ٻڌيو.

ميين شاه عنات پڻ چيو هو تہ:

ناٿ جتي ئي نـنـڌ، ات نہ پڇئو جوڳئين
ڪُويساها ڪاپڙي، پُريا پراهين پـنـڌ
هيءُ هنهين هنڌ، هو هليا هنگلاج ڏونہ.

چون ٿا تہ ڀٽائي صاحب ان جو سهڻو جواب ڏنو تہ:

ناٿ جتهين ننڌ، تت نهاريو جوڳئين
سُويساها ڪاپڙي، پُريا پراهين پنڌ
هيءُ هنهين هنڌ، پر هنن گڏيو هنگلاج ۾.

پورو ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڪيڊميءَ طرفان لطيفيات تي ڇپايل ڪتاب

**شاهہ جو رسالو**
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي
قيمت =/500 رپيا

**شاهہ جو رسالو**
محمد عثمان ڏيپلائي
قيمت =/280 رپيا

**شاهہ دا رسالا** (سرائڪي ترجمو مڪمل)
استاد لغاري
قيمت =/500 رپيا

**شاهہ جو رسالو**
غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ
قيمت =/160 رپيا

**لغت شاهہ جو رسالو**
غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ
قيمت =/90 رپيا

**لغات لطيفي**
مرزا قليچ بيگ / سيد علي رضا شاهہ
قيمت =/200 رپيا

**شاهہ عبداللطيف** (تحقيقي مضمون)
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
قيمت =/50 رپيا

**شاهہ جي رسالي جي ترتيب**
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
قيمت =/120 رپيا

**احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي**
مرزا قليچ بيگ
قيمت =/120 رپيا

**شاهہ عبداللطيف** (شاعري ۽ فن)
علامہ آءِ آءِ قاضي/ عبدالغفار سومرو
قيمت =/40 رپيا

**شاهہ عبداللطيف** (سنڌي سماج جو ترجمان)
آزاد قاضي
قيمت =/100 رپيا

**ڪنز اللطيف**
ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
قيمت =/40 رپيا

**لطيف جو پيغام**
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
قيمت =/100 رپيا

**لطيفي لات**
ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
قيمت =/60 رپيا

**لطيف جا ترتان پيرا**
معمور يوسفاڻي
قيمت =/50 رپيا

**ڀٽائيءَ جو مطالعو**
معمور يوسفاڻي
مرتب: ڊاڪٽر اسد جمال پلي
قيمت =/120 رپيا

**ڊوليو ڊٽ ڏٽي**
معمور يوسفاڻي
قيمت =/80 رپيا

**شرح سر ڪلياڻ**
رسول بخش ڏيرو
قيمت =/150 رپيا

**شرح سر يمن ڪلياڻ**
رسول بخش ڏيرو
قيمت =/80 رپيا

**شاهہ جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا**
سيد اظهر گيلاني
قيمت =/70 رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو ساڻباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book